

شاهکار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

# کرزما

ڊائجسٽ

"شيطان جو سنگسار"
امر جليل جي اڻ ڇپيل کهاڻي

سک مذهب جي باني "گرو نانک"
جي زندگيءَ تي مکمل ناول

مشهور اديب پائلو کولهو جي ناول
"شيطان ۽ ڳوٺاڻي ڇوکري" جو ترجمو

ماهوار

# ﴿ڪرزما﴾

ڊائجسٽ

جلد پهريون، شمارو ٽيون، سيپٽمبر 2005ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراڻي
ايڊيٽر (اعزازي) : الطاف ملڪاڻي
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
: ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ڪمپيوٽرلي آئوٽ : الرزاق ڪمپيوٽرز اينڊ پرنٽنگ ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد
قيمت في پرچو : -/30 رپيا
ساليانو في : -/300 رپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**
پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سرڪيوليشن: سول ڊسٽريبيوٽر سچل بڪ سينٽر سامهون چائنيز هوٽل،
حيدرچوڪ حيدرآباد. موبائل: 0300-3031253

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عبدالوحيد**
بنگلو نمبر D-121/B، بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي
فون نمبر: 021-5820838 موبائل: 0333-2126509

E-mail: krizmadig@yahoo.com

...ءِ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نوراڻيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

119
**وسوسو**
نجيب محفوظ/
الطاف ملڪاڻي
نوبل انعام سلسلي جي
ٽين مشهور ڪهاڻي

134
**ٽي سوال**
ٽالسٽاءِ/نرتن نوشاد
ٽن سوالن جي حل لاءِ پريشان
هڪ بادشاهه جو احوال

138
**محشر**
سڊني شيلڊن/ دعا مريم
ڪرزما جو قسط وار ناول جنهن جي
ٽئين قسط پيش ڪئي پئي وڃي

180
**پراسرار بسڪوٽ**
چارلس فرچ/
جڳديش آهوجا
پراسرار بسڪوٽن ۽ ان جي مٿان چڙهيل
پنيءَ جي پراسرار پيغامن جو قصو

185
**خوابن جو بيابان**
محمد ميمڻ
گوبيءَ جي ريگستان جي
سرڪرڻ جو همت ڀريو داستان

195
**خواب ۽ نيلي پيٽي**
مقصود احمد قاضي
ماڻهن کي خوابن ذريعي ءِ سچن
اطلاعن ملڻ جو دستاويزي احوال

204
**بلعم بن باعور**
محبوب ميمڻ
ڪرزما جو ايمان افروز سلسلو
جيڪو بصيرت عطا ڪري ٿو

211
**شيطان ۽ گرناٿي جو ڪري**
پائلو ڪولهو/
منصور ٻرڙو
ڪرزما جي آخري صفحن تي
پيش ٽيندڙ مڪمل ناول

# پنهنجي پاران

ڪرزما جو ٽيون شمارو حاضر آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڊائجسٽ جي اهڙي موٽ ملندي، تنهن جو سوچيو به ڪونه هوسين! ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڪتاب ڇپيندڙن پنهنجو فرض ڪونه پورو ڪيو آهي ۽ مناسب قيمت ۾ معياري ادب ماڻهن کي نه ڏئي حقيقت ۾ سنڌي ادب سان ظلم ڪيو آهي.

اسان جي مٿان ڪن ادب دوستن پنهنجن نظرين جا ڪوپا اڪين تي پائي تنقيدون به ڪيون آهن. بقول انهن جي ته اسان ڪجهه ادب ترقي پسند نه ٿا ڏيو. ان چوڻ مهل هو اهو وساري ويهن ٿا ته پڙهندڙن ۾ هر قسم جا ادب دوست هوندا آهن ۽ هرويرو اسان اونداهيءَ واري نظرئي جي طرفداري نه ڪئي آهي. ڪرزما ڊائجسٽ ڪجهه دوستن طرفان هڪ ڳڏيل ڪوشش آهي ته انهن ادبي ديون کي ڏيکارجي ته وڏا نالا صرف ڪيڻن ۾ سينگارڻ لاءِ نه هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ننڍا ۽ عام ماڻهو به اهي ڪم ڪري ويندا آهن، جنهن کي ڏسڻ لاءِ انهن ديون کي پنهنجو ڪنڌ ايترو مٿي ڪري ڏسڻو پوندو آهي جو سندن مٿڪا ٽٽي پوندا آهن.

هن مهيني جي ڪرزما ڊائجسٽ ۾ اسان ڪجهه روايتون ٽوڙيون آهن. پهريون دفعو خودڪش حملي جي موضوع تي طويل ڪهاڻي ڏئي رهيا آهيون. آخري صفحن ۾ جڳ مشهور اديب، پائلو ڪولهو جو مڪمل ناول ڏنو اٿئون. اسان پنهنجي دوستن جي اميدن تي پورو رهڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويا آهيون، ان جو فيصلو پڙهندڙ ڪندا، جن جي راين جي روشنيءَ ۾ اسان ڪرزما ڊائجسٽ کي بهتر کان بهتر بڻائيندا رهنداسين. پڙهندڙن جي پرزور اسرار تي اڳئين پرچي کان شاعري جو سلسلو به شروع ڪري رهيا آهيون، جنهن لاءِ سٺي مواد کي ترجيح ڏني ويندي.

ڪهاڻي موڪلي رهيو آهيان، شايع ڪرڻ جهڙي هجي ته شايع ڪندا.

شير محمد ڪٽپر - بئراج ڪالوني سکر

## معياري ۽ سستو ڊائجسٽ، هڪ انقلابي قدم

مون توهانجا ٻئي شمارا پڙهيا آهن. پڙهندڙن ڪي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ صفحن جو مواد ٽيهن روپين ۾ ملڻ هڪ وڏو انقلابي قدم آهي. مان دلي طور توهان کي واڌايون ڏيان ٿو. شماري ۾ چنڊي چاٽي بهترين مواد ڏئي توهان سنڌ ۾ علمي، فڪري نوجوان پيدا ڪري رهيا آهيو.

امر اياز - بلديه پلازه سکر

## ڪرزما هڪ معياري رسالو

آئون ڪراچيءَ ۾ ريگل چوڪ صدر ۾ اسٽال تي ڪو سنڌي ڊائجسٽ وٺڻ ويس ته هن مونکي چيو ته ٻيو ڪو ته نه آهي، پر هي ڊائجسٽ سنڌيءَ ۾ ڇپتو آهي. پهرين ته مون ڪونه پئي ورتو، پر پوءِ ٽائٽل تي ڪهاڻين جا نالا ڏسي ورتي آيس ۽ جڏهن پڙهڻ شروع ڪيم ته پڙهندو ئي ويس. اميد ته ائين معياري ڪهاڻيون ۽ ناول اسانکي پڙهڻ لاءِ ڏيندا رهندا.

ڪاشف ناز پنهو - نئون ديرو، لاڙڪاڻو.

## لکڻيون ڏاڍيون وڻيون

ڪرزما ڊائجسٽ لاءِ امر جليل جي خاص لکيل ڪهاڻي "ڪاري ڪتي آهي"، ڪرشن چندر جي ڪهاڻي "شيطان جي استعفيٰ"، شهه مات، عجيب برساتون، فضائن جي راڻي، ڪو جو هينئڙي وڍ، عڪس، قلوپطره، مطلب ته هر لکڻي پسند آئي. اوهان ڏانهن وڏي چاهت سان هڪ نج ادبي غزل موڪلي رهيو آهيان. اميد ته شايع ڪندا.

زاهد حسين ٽنيو - ويٽل اگڙا

## ڪرزما کي واڌايون

هي خط لکڻ جو پهريو مقصد معياري سنڌي ڊائجسٽ مارڪيٽ ۾ آڻڻ تي واڌايون ڏيڻ آهي. ٻيو مقصد اهو آهي ته مان انگريزيءَ مان سڌو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي سگهه رکان پيو. توهان اگر ڪو خاص ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ چاهيو ته مان ان لاءِ حاضر آهيان.

نصرالله عباسي - ڪلفٽن ڪراچي.

جاويد سوز هالائي، روبينه ڪٽي تلهار، محمد عارف ميمڻ شڪارپور، علي نواز شورو ڪوٽڙي، عبدالمجيد چانڊيو لاڙڪاڻو، ڪليم الله سکر، غلام رسول مير بحر ٺٽو، شفيع گل نوحاڻي سيوهڻ، جاويد احمد حيدرآباد، شاداب مغل مٺياري عزيز الله چانڊيو نوشهروفيروز، علي نواز چانڊيو ٽنڊو پيٽ شاهه، قيوم شاهه نوابشاهه، سلطان علي قمبر، مشتاق پناڻ شڪارپور، نياز احمد ڪوٽڙي، محمد رحيم خيرپور ناٿن شاهه، ايپچند مٺي، امتياز ميمڻ ٽنڊو الهيار.



آورن جي راهہ ٻڌجي ويو هو. انهيءَ علائقي خبر ناهي تہ ڪيترا ڀيرا تباهيءَ جو ذائقو چکيو هو ۽ هر ڀيري ٻيهر آباد ٿيڻ جي تجربي مان گذريو هو. انهيءَ مٽيءَ جي سيني تي خبر ناهي تہ ڪيترين تهذيبن جا ڇٽ چٽيل هئا. خبر ناهي تہ ڪيتريون ڪهاڻيون هيون، جيڪي انهيءَ علائقي جي ميدانن جي سيني ۾ دفن ٿيل هيون. انهيءَ علائقي جي رهواسين ڪڏهن شديد مزاحمت ڪري اتان گذرندڙ فاتح سڪندر جي فوجن کي خبر ناهي تہ ڪيترا گهاءَ ڏنا هئا ۽ نتيجي ۾ پنهنجي تباهيءَ جو مڪمل سامان خريد ڪيو هو.

مهاتما ٻڌ جي دور تائين تلونڊي جي نالي سان مشهور هڪ شهر هاڻي ويران ڪنڊر ۾ دفن ٿيل هو. تيرنهن ڀيرا برباد ٿيڻ ۽ جڙڻ ڪانپوءِ وري هاڻ بہ هڪ ڀيرو ٻيهر آباد ٿيڻ لاءِ ڪنهن مسيحا جي هٿ جو منتظر هو. هن ڀيري اهو ڪٽو هڪ پٽي راجپوت جي نانءُ نڪتو. جنهن اسلام قبول ڪري ورتو هو ۽ آس پاس جي ڪيترن ئي جاگيرن جو منتظر هو. هن انهيءَ شهر کي آباد ڪرڻ لاءِ ٻيهر اچي اتي ڳوٺ ٻڌو هو.

بهلول خان لوڌيءَ جي گورنريءَ وارن ڏينهن ۾ هيءُ ڳوٺ وڌڻ ويجهڻ لڳو هو ۽ جڏهن هو دهليءَ جي تخت تي ويٺو تہ اُن وقت راءِ ڀاوءُ جو پٽ راءِ بلار انهيءَ ڳوٺ جي خوشحالي ۽ آباديءَ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل هو.

راءِ بلار جي ڪافي ڪوشش جي باوجود تلونڊي هڪ ننڍڙو ڳوٺ ئي رهيو. ڳوٺ جي ڪچن گهرن جي وچ ۾ راءِ بلار جي شاندار حويلي ڪنهن سهاڳڻ جيان نڪريو بيٺي هئي. ڳوٺ کان ڪجهہ پريرو واريءَ جا دڙا ۽ ميدان، ويرانيءَ جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. پر ڳوٺ جي هڪ ڪنڌ وٽ ٻينٽل اڪيلو کوهہ ۽ ان جي آسپاس ڦهليل ساوڪ ڪنهن نخلستان جو منظر پيش ڪري رهيا هئا.

سياري جي ڏينهن ۾ پرهہ ڦٽيءَ جي البيلي ڪنواري شهزادي جڏهن وٽن تي اچي بسيرو ڪندي هئي تہ ماحول مهڪي پوندو هو. گرميءَ جي ڏينهن ۾ واريءَ جا واچوڙا هلندا هئا تہ ماڻهو منهن لڪائي پئجي رهندا هئا ۽ بهار جي موسم تہ گهونگهٽ ۾ ڪنوار جيان لڳندي هئي. ڇٽن ۽ ڪٽڪ جا فصل ڳوٺ کي عجب سونهن بخشيندا هئا.

جيئن تہ هر ڳوٺ جا چڱا مڙس راءِ بلار جهڙا سخي ۽ مهربان نہ ٿيندا آهن، سو هن جي شهرت ٻڌي ٻين ڳوٺن جا ڪاريگر ۽ هاري ناري هن ڳوٺ ڏانهن اچي رهيا هئا. راوي درياهہ جي پار رهندڙ ڪلياڻ

غلط ثابت ناهي ٿيو. "پنڊت چيو.

"نيڪ آهي هاڻي ٽڪڙو هلي هن جي جنم پتري ڏاهيو. خبر تہ پوي تہ هن جي ڀاڳ ۾ ڇا لکيل آهي!"

پنڊت ٽڪڙو ٽڪڙو آڱرين تي ڪو حساب لڳايو ۽ چيائين تہ "مونکي لڳي ٿو تہ اهو ٻار ڏاڍو ڀاڳ وارو ثابت ٿيندو."

پنڊت ۽ ڪالوءَ گهر ڏانهن روانا ٿيا.

گهر وارن پنڊت جو ڏاڍو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ هڪ کٽ تي اڇي چادر وڇائي پنڊت کي ويهاريو ويو. پروهت پنهنجي حساب ڪتاب جي پوٿيءَ کي کوليو. ان مٿان زعفران ۽ مشڪ جا ڇنڊا هنيا. وڏن اکرن ۾ پندرنهن اپريل 1469ع لکيائين ۽ مختلف خانا ڏاهي حساب ڪتاب ۾ مصروف ٿي ويو. سڀني جون نگاهون پنڊت ديال جي چهري تي لڳل هون. هڪ خاني ۾ پهچي پنڊت ديال جو قلم هلندي هلندي بيهي ويو.

"تورو دائيءَ کي تہ هيڏانهن سڏيو."

"ڇا ٿيو پنڊت جي!؟"

"هيءُ جنم ڪنڊلي تہ ڪجهہ ٻيو پئي ٻڌائي. دائيءَ کان پڇان تہ هوءَ ڇا ٿي چوي."

ڪالوءَ جي چهري تي هڪ ڀيرو ٻيهر وسوسي جا پاڇا ڇانئجڻ لڳا. خبر ناهي تہ پنڊت ڇا ڏنو آهي؟ مسلمان دائي دولتان سڏ ڪرڻ تي ٻاهر نڪري آئي.

## نانڪ جا جانشين

گروانگد، امرداس، رام داس، ارجن داس، هرگوبند ديو، گروهر رائي، گرو هرڪشن، گرو تيغ بهادر، گرو گروبند سنگهہ، بندو بهادر.

"مائي دولتان تو ٻار جي ڄمڻ وقت ڪا خاص ڳالهہ ڏٺي؟" پنڊت هن کان سوال ڪيو.

"هنن هٿن ڪوڙ سارن ٻارن کي ڄڻايو آهي." هن چيو. "سڀ ٻار هڪجهڙا هوندا آهن، پر هيءُ ڪجهہ مختلف لڳو. ها مونکي ياد ٿو اچي تہ سڀ ٻاهر ڄمڻ وقت روئندا آهن، پر هن جنم ڪانپوءِ وڏن وانگر ٽهڪ ڏنو هو."

"بس، مونکي اهو ئي پڇڻو هو. منهنجو حساب ڪڏهن بہ غلط ناهي ٿيندو."

پنڊت ديال چيو ۽ ٻار کي ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. ائين ڪرڻ هونئن تہ خانداني روايت جي خلاف هو، پر ڪالو خانداني رسم جي ڪا پرواهہ نہ ڪندي ٻار کي ٻاهر ڪڍي اچڻ جو حڪم ڏنو. ٻار جي ماءُ ترپتا جهوليءَ ۾ ٻاهر ڪڍي وچڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو. پنڊت، ٻار کي ڏسندي ئي ادب سان اٿي ٻئي هٿ جوڙي پرنام ڪيو. ان جي چهري ۽ جسم کي غور سان جانچي ڏٺائين ۽ پوءِ چيائين، "مبارڪ هجئي ميان

ناراض نہ ٿينديون تہ تون گهر جون شيون پين پارن کي ڇو ٿو ڏين؟ "

"امان پلا دڙکا ڇو ڏيندي، پڳوان اسانکي ڏنو ئي ان لاءِ آهي تہ پين کي ڏيون."

"سچ پچ تون ڏاڍو مهربان آهين." سندس پيڻ شاباس ڏيندي چوندي هيس.

هن جي ماءُ سچ پچ هن کي دڙکا نہ ڏيندي هئي. ان جو بہ اهو خيال هو تہ ورهائي کائڻ سان ڪا کوٽ ناهي ايندي. جيترو خرچ ڪبو، مالڪ اوترو ئي وڌيڪ ڏيندو آهي، پر ڪالوءَ کي پٽ جون اهي حرڪتون اصل نہ وڻنديون هيون. هن کي لڳندو هو تہ سندس پٽ نانڪ راند روند ۾ اجايو وقت پيو وڃائي. وڏي ٿيڻ تائين جيڪڏهن هن جي عادت اها رهي تہ هو خاندان جي ملڪيت پين ۾ ورهائي ڇڏيندو. هن پار کي زماني جي لاهن چاڙهن جي ڄاڻ هئڻ گهرجي ۽ اها ڪيس تڏهن پوندي، جڏهن هن جو واسطو علم سان پوندو.

ڪالوءَ سندس ارادو پنهنجي زال آڏو ظاهر ڪيو. هوءَ هڪ پل لاءِ بہ نانڪ کي پاڻ کان پري ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي، پر جڏهن هن ڪالوءَ جي ڳالهين تي غور ڪيو تہ هن کي ان جي ڳالهين ۾ بہ وزن نظر آيو.

نانڪ جي عمر هاڻي ست سال کن ٿي وئي هئي. آخر هو ڪيستائين پارن سان راند روند ڪندو رهندو. پڙهي لکي جوانيءَ ۾ جڏهن پٽين جي زمين جو حساب ڪتاب سنڀاليندو تہ سموري ڳوٺ ۾ هن جي عزت ٿيندي ۽ ائين هن پنهنجي مامتا واري محبت کي سمهاري ڇڏيو.

هڪ پيرو پيهر ڪالوءَ، پنڊت ديال جي گهر جو ڪڙو کڙڪايو. هن کي چڱي ساعت جي ڳولها هئي، جڏهن هو نانڪ کي پنڊت ديال جي مدرسي ۾ داخل ڪرائي. پنڊت ديال حساب ڪري ڪيس اهو ڏينهن ٻڌايو.

نيٺ پنڊت ديال جي ٻڌايل ڏينهن تي ڪالو هڪ ٿالهہ ۾ چانور، سوپاريون، کنڊ ۽ چانديءَ جو هڪ رپيو استاد کي نذرانو ڏيڻ لاءِ کڻي اچي نانڪ کي مڪتب ۾ ويهاري ويو.

"گوپال سائين! مان هن شرارتيءَ کي توهانجي قدمن ۾ وٺي آيو آهيان. هيءُ نذرانو قبول ڪريو ۽ هن کي مڪتب ۾ ويهاريو."

"نہ ڪالو نہ، هن پار کي شرارتي نہ چئہ. هيءُ تہ ڏاهو ۽ سنجيده پار آهي. سڄو ڳوٺ هن جي ساراهہ ٿو ڪري. "

"پر، گوپال سائين! توهان نہ ٿا ڄاڻو، هيءُ سڄو ڏينهن رڳو پارن سان راند روند ۾ ٿو وقت وڃائي! "

"پار سمورا اهڙا هوندا آهن." گوپال

آهن يا انهن جي پنيان ڪا بي بہ معنيٰ آهي؟ جهالت ڇا آهي؟ روشني ڇا آهي؟ اونداهي ڇا کي ٿا چون؟ عجيب طرح جا سوال هئا، جيڪي هن کي پريشان ڪري رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن بيا ٻار تہ پنهنجو سبق پڙهڻ ۾ مصروف هوندا هئا ۽ هيءُ ڳوڙهي سوچ ۾ ٻڏي ويندو هو. پنڊت گوپال کي هن سان هونئن تہ ڪا شڪايت نہ هئي، پر هن کي ڳم سم ڏسي سمجهندو هو تہ شايد نانڪ کي پڙهائيءَ سان ڪا خاص دلچسپي ڪانهي ۽ سندس دل پڙهائيءَ ۾ نہ ٿي لڳي. اهو تہ سندس ذهانت جو ڪمال هو جو هن کي پنهنجو سبق هر وقت ياد هوندو هو.

نانڪ پنهنجا ڪيترائي سوال پنڊت گوپال جي سامهون رکيا، پر هو مليل جوابن کان مطمئن نہ ٿيو هو. هن جا مونجهارا وڌندا پئي ويا. نيٺ هن پنهنجن سوالن جا جواب پاڻ ڳولهڻ شروع ڪيا.

هڪ ڏينهن معمول موجب پنهنجي پٽيءَ تي لکڻ ۾ مصروف هو. استاد هن جي محويت کي غور سان ڏسي رهيو هو. هن ڏٺو تہ سندس نئين شاگرد سموري پٽي دائرن سان ڀري ڇڏي هئي. هي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين "نانڪ پٽ! تو هن ڦرهيءَ جي ٻنهي پاسن تي ڇا لکيو آهي؟ "

"جيڪي ڪجهہ منهنجي ذهن ۾ آيو

## سوانحي خاڪو :

| | |
|---|---|
| نالو | نانڪ |
| پيءُ جو نالو | ڪليان چند عرف ڪالو |
| ماءُ جو نالو | ترپتا |
| وطن | تلونڊي، پنجاب (ننڪاڻا صاحب) |
| قوم | هندو، بيدي، ڇتري |
| اولاد | سري چند، لکمي داس |
| زبانون | پنجابي، سنسڪرت، فارسي، عربي |
| پيدائش | 15 اپريل 1469ع |
| وفات | 7 سيپٽمبر 1539ع |
| سماڌي | راويءَ جي ڪناري جيڪا پوءِ سيلاب جي ور چڙهي وئي. |

سو لکيو اٿم. "

"تورو مونکي بہ تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي من ۾ ڪهڙا خيال سمايل آهن. "

استاد جو اشارو ملندي ئي نانڪ جيڪي ڪجهہ ڦرهيءَ تي لکيو هو، پڙهڻ شروع ڪيائين. گوپال مٿان ڄڻ تہ حيرتن جو جبل اچي ڪريو هو. اها ڪا عام عبارت نہ هئي، پر نانڪ هڪ ڏکو نظم لکي ورتو هو.

ان کان بہ وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ انهيءَ شاعراڻي مترنم بحرن ۾ جيڪي خيال بيان ٿيا هئا، سي نانڪ جي عمر کان انتهائي مٿي هئا.

نانڪ پنهنجي ئي ڌن ۾ مست

گهڻو بيزار ٿيو تہ هن مڪتب ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن استاد جي نالي هڪ نظم لکيو:

دنياوي لاڳاپن جي بندڻن کي
ساڙي رک ڪري
ان مان مس تيار ڪري
پنهنجي صاف ذهن کي ڪاڳر بناءِ
عشق کي قلم، پنهنجي دل کي لکندڙ هٿ
پوءِ هن خالق جو نانءُ لک ۽ انهيءَ جي حمد ثنا ڪر

*لک تہ هو لامحدود ۽ اٿڪ آهي*
*اهو ئي سچو حساب ڪتاب آهي*
*جيڪو اسانکي سکڻو آهي*

اهڙا خوبصورت لفظ ٻڌي استاد کي خوشي ٿي رهي هئي، پر هن کي افسوس بہ ٿي رهيو هو تہ اهڙو هونهار شاگرد هن جي مڪتب مان وڃي رهيو هو. نانڪ هن جي هٽن مان تہ ڇا پر پنهنجن والدين جي هٽن مان بہ وڃي رهيو هو.

ڪلياڻ چند کي گوپال جو مڪتب ڇڏي اچڻ تي نانڪ تي افسوس تہ ٿي رهيو هو، پر هن همت نہ هاري. هن سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ نانڪ جو ذهن گوپال سان نہ نهڪيو هجي. هاڻ ڪيس پنڊت برج ناٿ شاستريءَ جو خيال آيو. هو، نانڪ کي وٺي پنڊت برج ناٿ شاستريءَ وٽ آيو. پر نانڪ انهيءَ مڪتب ۾ بہ ڪجھ ڏينهن مس رهيو ۽ ان کي بہ ڇڏي آيو. هاٽي ڪلياڻ چند لاءِ آخري در مولوي قطب الدين جو وڃي بچيو هو. مولوي قطب الدين جي مدرسي ۾ ٻارن کي عربي، فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. ڪجھ هندو ٻار بہ هن جي مڪتب ۾ پڙهندا هئا. مولوي صاحب ڳوٺ ۾ رهندڙ هو ۽ نانڪ جي شهرت ٻڌي چڪو هو. سو ڪيس خوشيءَ سان مڪتب ۾ داخل ڪيائين. نانڪ جي ذهانت هتي بہ پنهنجو رنگ ڏيکاريو ۽ هو ڪجھ ئي ڏينهن ۾ پنهنجي ساٿي شاگردن کان پڙهائيءَ ۾ گوءِ کٽي ويو.

☆☆☆☆

سلطان پور جي لوڌي صوبيدار نواب دولت خان جو خاص نمائندو جيرام سرڪاري دوري تي تلونڊي ڳوٺ ۾ آيل هو. اهو ڳوٺ نواب جي جاگير ۾ هو، جنهن جي ڪري هر سال هو پنهنجي نمائندي کي ڍل وصول ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. هر سال جيان هن ڀيري بہ هو راءِ بلار جو مهمان هو. مهمان تہ ڇا، پر انهن ۾ ٻي تڪلف دوستيءَ جو رشتو بہ جڙي ويو هو. سردار راءِ بلار مهمانن جي خدمت چاڪري عام رواج کان بہ ڪجھ وڌيڪ ڪندو هو.

"ٻائو جيرام! هاٽي تہ توکي شادي ڪري ڇڏڻ گهرجي. " راءِ بلار مڙئي پوڳ

هڪ سال جي مهلت گهري هئي. هڪ سال کانپوءِ ڪلياڻ چند جي گهر ۾ خوشيءَ جا شادمانا وڄڻ لڳا. جنهن وقت جيرام جي ڄڃ ڳوٺ ۾ پهتي تہ سموري ڳوٺ هن جو استقبال ڪيو . نانڪ بہ پنهنجي ڀيڻ جي خوشيءَ ۾ خوش هو. پر هن جي دل روئي رهي هئي. ٿهڪن جي گوڙ ۾ ڪنهن کي بہ نانڪ جي اکين ۾ لڙڪ نظر نہ آيا ۽ ائين هن جي ڀيڻ نانڪيءَ هن کان موڪلائي سلطان پور هلي وئي.

نانڪيءَ جي وڃڻ کانپوءِ گهر هاڻي اڳ جهڙو گهر نہ رهيو هو. نانڪ هاڻي اداس رهڻ لڳو هو. پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪري تہ ڪنهن سان ڪري! اڪيلائيءَ کان گهبرائجي گهر کان ٻاهر نڪري ويندو هو. پر سندس هم عمر دوست هن جي ڳالهين کي سمجهڻ کان قاصر هئا. هو گهمندو ڦرندو ڳوٺ ٻاهران نهيل هڪ وڏي واريءَ جو دڙو تي وڃي ويهندو هو ۽ پنهنجن خيالن ۾ ٻڏي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪلياڻ چند اتي وڃي هن کي دڙڪا ڏئي اتان وٺي ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن نانڪ پاڻ ئي موٽي ايندو هو.

ڪلياڻ چند کي اميد هئي تہ هڪ ڏينهن ضرور هن جو پٽ سندس جاءِ والاريندو. پر هن جي ڏکي مانار مان ڪيس وحشت تيڻ لڳندي هئي.

هاڻي نانڪ جي عمر اڇي يارنهن سالن کي پهتي هئي. پنڊت ديال سنگهہ، ڪلياڻ چند کي صلاح ڏني تہ هاڻي نانڪ کي جٽيو پارائڻ جي رسم ادا ڪئي وڃي. (جٽيو، سٽ جو نهيل ڳانو هوندو آهي، جيڪو اوچي ذات وارا هندو پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن تہ جيئن هيٺين ذات وارن کان هنن کي ڌار سمجهيو وڃي.) نانڪيءَ جي شاديءَ کان پوءِ ان گهر ۾ اها ٻي خوشيءَ جي رسم ٿي رهي هئي. ڪلياڻ چند وڏي ڌام ڌوم سان انهيءَ رسم جو اهتمام ڪيو. نانڪي ۽ جيرام بہ انهيءَ رسم ۾ شرڪت لاءِ آيا هئا. هڪ اوچي تلهي تي سردار راءِ بلار وينو هو. ٻئي پاسي ڇيٽن سان ٺٽيل تلهو پنڊت ديال لاءِ بہ جوڙيو ويو هو. سمورا مهمان اچي چڪا هئا. هاڻي رڳو پنڊت ديال جو انتظار هو. پنڊت ديال جي ايندي ئي تقريب شروع ٿي. ديال سنگهہ ڏيئو ٻاريو، برنڊڙ ٻاهہ ۾ جڙي ٻوٽيون وڌائين. سمورو ماحول خوشبوءِ سان ڀرجي ويو. هڪ سونهري ٿالهيءَ ۾ جٽيو رکي آندو ويو. نانڪ، پنڊت جي سامهون اچي ويهي رهيو. پنڊت جيئن ئي ڳانو پارائڻ لاءِ اڳتي هٿ وڌايو، نانڪ پنهنجي ڳچيءَ کي پوئتي ڪري ڇڏيو.

"هن ڳاني پارائڻ جو مقصد ڇا آهي؟

مختلف آهيون. "پيءُ هن کي سمجهايو.
"پر اها ذات پات ڇاجي؟ ايشور وٽ
تہ سڀ انسان برابر آهن! "
پر ذاتين جي اها ورهاست تہ صدين
کان هلندي اچي ٿي. "ڪيس پيءُ سمجهايو.
"پر ضروري تہ ناهي تہ جيڪا شيءِ
صدين کان هلندي هجي سا صحيح بہ هجي. "
"پر اهو بہ تہ چئي نہ ٿو سگهجي تہ
اها بلڪل غلط آهي. "
"ها، مان انهيءَ جاچ ۾ آهيان. "
"تون پنهنجي عمر ڏس ۽ ڳالهيون
ڏس. تنهنجي ڪري ڳوٺ ۾ منهنجي
سخت بيعزتي ٿي آهي. "
ڪلياڻ چند ۽ نانڪ وچ ۾ هاڻي
اهڙي قسم جي ڳالهہ ٻولهہ روزانو ٿينديون
هيون. ٻئي ڪنهن بہ ڳالهہ تي متفق نہ
ٿيندا هئا. ڪا طاقت نانڪ کان اهو سڀ
ڪجهہ ڳالهارائي رهي هئي ۽ هو ڳالهائي
رهيو هو.

جسم کي ٻني بنايو
۽ علم کي هر هلائيندڙ هاري
جيڪو ديانت ۽ محنت سان ان کي سيراب
ڪندو آهي
خدا جي نانءَ جو ٻج دل ۾ پوکيو
قناعت سان زمين کي هموار ڪيو
عاجزيءَ کي انهيءَ زمين جو پاڻ بنايو
محبت جي عمل سان انهيءَ فصل کي
پاڻي ڏيو.

☆☆☆☆

هن ڪمزور جسم جي دڪان کي
خدا جي سچي نالي جي سامان سان
سجايو.
گهوڙن جو ڪامياب واپاري اهو آهي
جيڪو سچ جا گهوڙا پالي ٿو
۽ چڱاين کي پنهنجي سفر جو خرچ بنائي ٿو.

☆☆☆☆

نانڪ جي ماءُ ترپتا تہ اهي ٻول ٻڌي
ڏڪي وئي هئي ۽ هوءَ اهو سمجهڻ لڳي
هئي تہ سندس پٽ مٿان ڪنهن پراسرار
شيءِ جو پاڇو پيل آهي. هاڻي هوءَ پٽ
کي سمجهائي سمجهائي نيٺ ماٺ ٿي وئي
هئي، پر ڪلياڻ چند کي پٽ جو تمام
گهڻو اونو هو ۽ هو هروقت پٽ کي
ٽوڪيندو رهندو هو. پر نانڪ بظاهر تہ هن
جو ڳالهيون ٻڌندو رهندو هو، پر عملن
انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو هو.
نانڪ کي اهو فڪر هو تہ ماڻهو
مذهب کي ڇڏي جوڳين، سنياسين، پنڊتن،
قسمت جو حال ٻڌائيندڙ رمل ۽ تعويذ وارن
عاملن تي وڌيڪ اعتقاد ڪرڻ لڳا هئا.
اهڙي قسم جا نوڳي فقير سموري
هندوستان ۾ فقيريءَ جو چولو پائي پيا
گهمندا هئا ۽ ماڻهن جي خدا مٿان ڪمزور

جي پرسان ويئو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ نهايت ادب سان انهن کان سوال ڪيائين.

"توهان هن جهنگ ۾ ڇا پيا ڪيو؟"

" هريءَ جو درشن هتي ٿي ٿيندو آهي. انسان جي آتما جهنگ ۾ خدا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳندي آهي، پر توکي انهيءَ جي ڪهڙي خبر چوڪرا. "

"هري جي درشن سان ڇا ٿيندو؟ "

"اسانکي پاپن کان مڪتي ( نجات) ملندي ۽ اسان مهان (ڏوهن کان پاڪ) ٿي ويندا سين. "

"توهان تہ مڪتي حاصل ڪري مهان ٿي ويندؤ، پر هن باقي دنيا جو ڇا ٿيندو؟ هن ڪي ڪير مڪتي ڏياريندو! حقيقت تہ اها آهي تہ پنهنجي من ڪي مندر بنايو، هڪ انسان جي ترقي، سموري سماج جي ترقيءَ ڪانسواءِ ڀلا ڪيئن ٿي لاپائتي ٿي سگهي. هن جهان جا بيا بہ رنگ روپ ڏسو. ڇو ٿا پاڻ کي جهنگ ۾ پٽڪايو. جيڪڏهن دنيا جا سڀ ماڻهو ساڌو ٿي اچي جهنگ وسائيندا، تہ پوءِ دنيا ۾ آخر ڪير رهندو. اهو پالڻهار ذات مطلق تہ هر جاءِ تي موجود آهي. ڇا هن جو مسڪن (رهائش گاهہ) رڳو جهنگ آهي ؟!"

انهن ساڌن کي نانڪ جون ڳالهيون اصل نہ وڻيون ۽ اهي هن کي ڏنار ڇوڪرو سمجهي نظرانداز ڪري اڳتي وڌي ويا.

نانڪ ڪافي پري تائين انهن کي ويندي ڏسندو رهيو ۽ دل ۾ سوچيائين تہ ڇا اهو ئي اصل مذهب آهي؟

هاڻي جهنگ ۾ نانڪ کي سٺي وندر هٿ اچي وئي هئي. جڏهن بہ هو جهنگ ۾ ڪا سنياسين، جوڳين يا ساڌن جي ٽولي ڏسندو هو تہ انهن وٽ ويندو هو ۽ ساڻن ويهي ڪچهري ڪندو هو. انهن کان انهن جا عقيدا، ويساهہ ۽ ٻيو حال احوال وٺندو هو. اهڙيءَ طرح هو مذهب جي مختلف فرقن، عقيدن ۽ ويساهن کان واقف ٿيندو ويو، پر انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪانپوءِ هن جا مونجهارا ويتر وڌندا ويا. هن جي اندر ۾ هڪ طوفان متل هو. آخر هندو ڇا آهي؟ مسلم ڇا آهي؟ انهن ۾ ذات پات جو فرق ۽ مختلف فرقا ڇو آهن؟ غلط ڇا آهي؟ صحيح ڇا آهي؟ حقيقت ڪهڙي آهي ۽ روشني ڪٿان ملندي؟

سوالن جي انهيءَ بار هيٺان هو دٻجي ويو ۽ اڪثر ماٺ رهڻ لڳو هو. آهستي آهستي هن گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو. ڪجهہ کائڻ لاءِ مليس تہ ٺيڪ، نہ تہ اڪثر بستري ۾ ستو رهندو هو. هاڻي هن جي عمر سورنهن سال ٿي وئي هئي. ڪلياڻ چند کي هن جي جوانيءَ ۾ وڏيون اميدون هيون، پر هاڻي تہ هو گهر جا جانور بہ چارڻ جي لائق نہ رهيو هو. هنڌ تي ستل

تو. " ڪلياڻچند، زال کي جواب ڏنو.
"مولوي صاحب چپن ئي چپن ۾ ڪجھ پڙهي نانڪ مٿان ڦوڪيندو رهيو، تعويذ لکي هن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌائين، پاڻيءَ جا چنڊا هنيائين ۽ اهو عمل هو ڪافي ڏينهن تائين روزانو ڪندو رهيو. ترپتا خوش هئي تہ هن جو پٽ جلد نيڪ ٿي ويندو، پر هفتو، ٻہ هفتا گذري ويا. نانڪ جي حالت ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو.
"پٽ نانڪ! مولوي صاحب جي علاج مان توکي ڪو فائدو پهتو آهي؟ " ماءُ چيو."
"اهڙا ماٿو پلا بين کي ڪهڙو فائدو ڏيندا، جيڪي خدا جو نالو پني جي چٽڪين تي لکي وڪڻندا هجن. " نانڪ مرڪندي جواب ڏنو.
"مون تہ اڳ چيو پئي تہ تنهنجو علاج ڪو حڪيم، ويد ئي ڪري سگهي ٿو، پر منهنجي ڳالھ ڪير ٻڌي ئي نہ ٿو! " ترپتا رڙ ڪئي .
ڪلياڻچند بہ فڪرمند هو، تنهنڪري هن علاج جو طريقہءِ ڪار تبديل ڪيو ۽ ڊوڙي وڃي حڪيم هري داس کي وٺي آيو. حڪيم، نانڪ جي نبض تپاسڻ لڳو تہ نانڪ جي وات مان هيءُ بيت نڪتو:
هنن بيمار جي علاج لاءِ
هڪ ويد کي گهرايو آهي
ويچارو اياڻو ويد
بيمار جي نبض پيو تپاسي
پر هو اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ
بيمار تہ لاعلاج آهي
جو هن جي دل ۾ درد آهي.
ويچارو حڪيم، نانڪ جا اهي ٻول ٻڌي گهبرائجي ويو ۽ يڪدم هن جي پانهن ڇڏي چيائين، "مونکي معاف ڪجو. هتي تہ معاملو ئي ڪجھ ٻيو آهي! "
حڪيم جي وڃڻ ڪانپوءِ سندس ماءُ ترپتا روج راڙو ڪرڻ لڳي تہ آخر منهنجي نانڪ جو ڇا ٿيندو؟ هن جو علاج ڪنهن وٽ آهي؟
نيٺ هن جي پڪار خدا وٽ اگهامي ۽ هڪ ڏينهن نانڪ پاڻهي ئي بسترو ڇڏي هيٺ لهي آيو. ماءُ ڏاڍي خوش ٿي. جڏهن نانڪ وري نيڪ ٿي ويو تہ ان کي مصروف رکڻ لاءِ پي هڪ وندر سوچي.
"تون ڪاروبار ڪر. "
"ڪهڙو ڪاروبار ڪريان؟ "
"پاسي واري شهر جي منڊيءَ منجھ وڃي، اتان ڪجھ سامان خريدي اچي ڳوٺ ۾ منافعي تي وڪرو ڪر. "
"پر مونکي خريداريءَ ۽ وڪري جي ڏنڌي جو ڪو تجربو ڪونهي. "
"تو سان گڏ پنهنجو هڪ نوڪر بالو بہ ويندو ان کي واپار جو ڪجھ تجربو آهي. ان سان گڏ رهي تون بہ ڪجھ سکي

تصور تہ وڏي ڳالھ هئي، گڏ رهندي بہ سندن دل هڪ ٻئي مان نہ پربي هئي.

هڪ ڏينهن سلطان پور مان نانڪ جي ڀيڻوئي جيرام جو نياپو آيو تہ نانڪي پنهنجي ڀاءُ کي هميشہ رهڻ لاءِ سلطان پور ڏانهن سڏايو آهي. نانڪ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪلياڻ چند کي بہ اعتراض ڪونہ هو جو نانڪ جو پلا هن کي ڪھڙو آسرو هو. ماءُ جي مامتا ٿورو تڙپي پر نانڪ جي پلائي ڏسي اها بہ مڃ ٿي وئي. هڪ مرداڻو ئي هو، جنهن جي جسم مان اهو ٻڌي روح موڪلائڻ جي ڪري رهيو هو. انهيءَ جو حل اهو ڪڍيائون تہ نانڪ سان گڏ مرداڻو بہ روانو ٿيو ۽ نوڪر بالو تہ هونئن بہ نانڪ حوالي هو.

راوي درياءَ کي پار ڪري لاهور جي رستن تان گذرندي پنج ڏينهن جي ڏکئي سفر ڪانپوءِ اهي سلطان پور پهچي ويا.

نانڪيءَ جي گھر ۾ تہ ڄڻ ڏياريءَ جا ڏيئا ٻري ويا. هن جو ڀاءُ سندس گھر آيو هو. نانڪي تمام گھڻي خوشيءَ مان سندس آجيان ڪئي. جيرام بہ خوش هو. ٻہ چار ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن سفر جو ٿڪ لٿو تہ جيرام، نانڪ کي وٺي نواب دولت خان لوڌيءَ جي دربار ۾ آيو تہ جيئن نواب سان سندس واقفيت بہ ٿي وڃي ۽ هن لاءِ ڪنهن نوڪريءَ جو بہ بندوبست ٿي وڃي.

نواب دولت خان، نانڪ سان ملندي ئي ان کان متاثر ٿي ويو ۽ هن کي يڪدم اناج جي گودامن جو انچارج مقرر ڪيائين. ڳوٺ هجي ها تہ نانڪ نوڪري نہ ڪري ها، پر ڀيڻ جي گھر ۾ سواءِ ڪنهن ڪم ڪار جي رهڻ مناسب نہ هو. تنهنڪري نانڪ اها نوڪري قبول ڪري ورتي.

هڪ دور اهو بہ هو جو نانڪ ڪو ڪم نہ ڪندو هو. هاڻي نانڪ نوڪريءَ ۾ اهڙي دل لڳائي جو نواب جا خالي گودام اناج سان پرجي ويا. نواب بہ موٽ ۾ سخاوت جا در هن لاءِ کولي ڇڏيا. نانڪ جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها تہ لک ملڪيتون ٺاهي وڃي ها، پر هن رڳو ايترو ڪيو جو ڀيڻ کان ڌار ٿي پنهنجو گھر جوڙي ورتائين. باقي جيڪو ڪمائيندو هو، سو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

نانڪ ان وقت تائين ان ڳالھ جو قائل ٿي چڪو هو تہ جسماني رياضت بدران حق تعاليٰ سان جذباتي طور لاڳاپيل هجڻ ئي اصل عبادت آهي. جيئن تہ اهو رستو سولو ۽ سادو هو سو سلطان پور جا ڪوڙ سارا ماڻهو هن جون ڳالهون ٻڌڻ لاءِ وٽس اچي ويهندا هئا. اهڙيءَ طرح هن جي پوئلڳن جو چڱو خاصو حلقو ٺهي پيو. اهي سندس جيان الاهي عشق جي ذريعي پنهنجي نجات ڳولهي رهيا هئا. اهي

هو ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري ويو. هن جو لاش ڳولهڻ لاءِ چار وڏو ويو. پر هو هٿ نہ آيو. هاڻي تہ اهڙي پلي ماڻهوءَ جي موت تي مخالفن کي بہ پڇتاءُ ٿيڻ لڳو. نانڪ جا پوئلڳ بہ سخت پريشان هئا. گهر ۾ گونجندڙ گيت ماٺ ۾ هئا.

ٽئين ڏينهن تي ماڻهن کي پڪ ٿي وئي تہ هاڻي نانڪ ڪڏهن بہ واپس نہ ايندو. پر اوچتو نانڪ ظاهر ٿي پيو. ماڻهو حيران هئا تہ هيءُ تہ ٻڏي ويو هو. پوءِ آخر ڪٿان نڪري آيو آهي!؟

نانڪ جا چيلا انهيءَ کي عظيم روحاني تجربو سڏي رهيا هئا. انهن جي خيال موجب پرميشور پاڻ نانڪ کي گهرائي ڪيس امرت جو پيالو پاڻ پنهنجن هٿن سان پياريو هو ۽ چيو هئائين تہ "مان تو سان گڏ آهيان. تون منهنجو ناءُ وٺين ٿو. تنهنڪري هاڻي جنهن تي تنهنجي مهر هوندي، ان مٿان مان بہ مهربان هوندس. " اهڙيءَ طرح نانڪ، بقول سندس پوئلڳن جي، پرميشور جو ديدار ڪرڻ ڪانپوءِ واپس موٽي آيو هو. نانڪ بہ ڏينهن مسلسل ماٺ ۾ هو ۽ جڏهن هن ڳالهايو تہ بس هڪ جملو "نہ ڪو هندو آهي، ۽ نہ ئي ڪو مسلمان. "

هن جا چيل اهي لفظ هندو توڙي مسلمانن، ٻنهي کي ڏکيا لڳيا هئا. اهڙي شڪايت نواب دولت خان تائين پهچائي وئي. هن تہ انهن الزامن کي اهميت نہ ڏني، پر اتي شهر جو قاضي بہ موجود هو. ان، نانڪ جي مخالفن جو ساٿ ڏنو. نانڪ جڏهن ڪان واپس موٽيو هو، ان ۾ هڪ ٻي بہ تبديلي آئي هئي. هو گهر ٻار ڇڏي جهنگ منهن ڪري هليو ويو. جڏهن تہ ان ڪان اڳ هو دنيا تياڳڻ جو مخالف هو. شايد ڪو راز هو، جنهن کي هو لڪائي رهيو هو.

اجان هن لاءِ ڪا سزا تجويز نہ ٿي هئي جو هن ماڻهن تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ سفر اختيار ڪيو. هن وقت تائين هن شادي شده زندگي گذاري هئي، ٻن پٽن جو پيءُ بہ ٿي چڪو هو. هاڻي هو سيني کي ڇڏي سفر تي نڪري پيو. مٿن مائٽن، زال ۽ ٻارن گهڻو سمجهايس، پر هن چيو تہ خدا جو حڪم پورو ڪرڻو هو.

نيٺ نانڪ جي زال سلکڻي هڪ پٽ کي ساڻ ڪري مائٽن ڏانهن پٽيالہ شهر هلي وئي. هڪ پٽ اتي ئي نانڪيءَ وٽ ڇڏي وئي.

نانڪ هيءُ شعر پڙهندي سلطان پور کي ڇڏيو تہ:

مان هڪ اهڙو شاعر هوس،
جنهن جي ڪا منزل ڪانہ هئي
خدا جو شڪر ٿيو جو

ساڳ جي پاڃي. ساڳ ماني نانڪ ته ڏاڍي مزي سان کائڻ لڳو هو. مجبورن مرداڻي کي به اهو ڪاڏو کائڻو پيو هو.

سموري ڳوٺ ۾ اها خبر عام ٿي وئي ته هڪ اوچي ذات وارو هندو کتري، گهٽ ذات واري واڍي لالوءَ جي گهر اچي ترسيو آهي ۽ اتي ئي کائي پئي ٿو. اوچي ذات وارن هندن ان کي "گمراه نانڪ " جو خطاب ڏنو.

هو اجا لالوءَ جي گهر ۾ رهيل هو جو سيد پور جي حاڪم جي هندو نائب پنهنجي شان شوڪت ڏيکارڻ لاءِ سموري ڳوٺ جي دعوت ڪئي. جڏهن سمورا ماڻهو اچي ويا ته هندو حاڪم پنهنجن ماڻهن کان سوال ڪيو. "ڇا ڳوٺ جا سڀ ماڻهو اچي ويا آهن؟ " تنهن تي نوڪرن کيس ٻڌايو ته هن ڳوٺ ۾ ٻاهران آيل شخص نانڪ هن جي دعوت ڪي ناهي قبوليو ۽ اعليٰ ذات جو هئڻ جي باوجود هڪ گهٽ ذات واري هندوءَ جي گهر ۾ ٽڪيل آهي.

اهو ٻڌي حاڪم کي ڄڻ ته باهه لڳي وئي. هن يڪدم قاصد موڪلي نانڪ کي پاڻوٽ گهرايو.

"تو منهنجي دعوت کي ڇو نظرانداز ڪيو. اهو گهٽ ذات وارو ميزبان توکي، مونکان سٺي ماني نه ٿو کارائي سگهي؟"

ملڪ ڀاڳوءَ ڪاوڙ مان نانڪ کان سوال ڪيو.

"مان ذات پات جو قائل ناهيان ۽ ڪاڏو، جيڪو رب موڪليندو آهي سو مان کائيندو آهيان."

"تو پوءِ منهنجي ماني به توکي کائڻ گهرجي. اها به ته رب تو لاءِ موڪلي آهي."

"تنهنجي دولت غريبن کان ڦريل آهي، غريب جي ماني محنت مان ڪمايل آهي، سو فقير لاءِ غريب جي ماني حلال ۽ امير جي ماني حرام آهي."

نانڪ جي اهڙي بيخوف جملن تي ماڻهن جو ميڙاڪو دنگ رهجي ويو. اهڙي ڳالهه اهو ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن کي هڪ خدا کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو خوف نه هجي.

اها ڳالهه ٻولهه سيد پور ۾ نانڪ جي مقبوليت جو ڪارڻ بڻجي وئي. هاڻي لالوءَ جو معمولي گهر نانڪ جي تعليم ٻڌندڙن سان ڀرجي ويندو هو. نانڪ اوسٽائين سيد پور ۾ رهيو، جيسٽائين کيس اها پڪ نه ٿي ته سيد پور جي رهاڪن هن جي پيغام کي چڱيءَ طرح سمجهي ورتو هو.

ان کانپوءِ هو سيد پور کان ٻاهر نڪتو جو هن کي پنهنجي تعليم کي اڳتي وڌائڻو هو.

اولهه پنجاب ۾ سفر ڪندي هو

ختم ڪيو وڃي ۽ رڳو عشق الاهيءَ کي خدا جي معرفت جي ڏاڪڻ بنايو وڃي ته فرقن جو خاتمو ٿي ويندو ۽ ماڻهن مان هندو مسلم جو فرق به ختم ٿي ويندو. اهو سوچي پاڻ هندو مذهب جو هوندي به مورتي پوڄا جي مخالفت ڪيائين ۽ رڳو هڪ خدا جي محبت جا گيت ڳائڻ لڳو.

پنهنجي انهيءَ تعليم کي ڦهلائڻ لاءِ گرونانڪ دهليءَ تائين پهچي ويو . هڪ ڏينهن جيئن ئي سج اڀري رهيو هو، ڪوڙ سارا هندو ياتري گنگا نديءَ جي انهيءَ مقدس مقام تي بيٺا هئا، جتي منتر پڙهي اشنان ڪري ايرندڙ سج کي گنگا جل جي پينٽ ڏني ويندي هئي. هندو ياتري اوڀر ڏانهن پاڻيءَ جا ٻڪ ڀري اڇلي رهيا هئا. جڏهن ته نانڪ انهن جي ابتڙ پاڻيءَ جي ٻڪ اولهه طرف اڇلائڻ شروع ڪيا. پنهنجي ڌرم جي خلاف اهڙي حرڪت ٿيندي ڏسي هندو ياتري حيران ٿي ويا. انهن سمجهيو ته ڪو مسلمان دوکي سان انهن جي وچ ۾ گهڙي پيو آهي. هن جي چوڌاري هندن جو ميڙ گڏ ٿي ويو. سندس مٿان سوالن جا پٿر وسڻ لڳا.

"تون هندو آهين يا مسلمان، سچ سچ ٻڌاءِ؟"

"تو اولهه ڏانهن پاڻي اڇلائي ڌرم جو اپمان ڇو ڪيو آهي؟ "

"توهانجي انهيءَ پاڻي اڇلائڻ سان ڪنهن کي فائدو پهچندو؟ " نانڪ چپ چوريا.

"اسان پنهنجي وڏڙن کي اهو پاڻي پهچائي رهيا آهيون، جيڪي هيءُ جهان ڇڏي چڪا آهن. انهيءَ سان انهن کي سڪون پهچندو. "

"بلڪل نيڪ ٿا چئو توهان. " نانڪ چيو ۽ هڪ ڀيرو وري اولهه ڏانهن پاڻي اڇلائڻ شروع ڪيائين.

"تون اهو ڇا پيو ڪرين. اها ته چريائپ آهي! "

"لاهور ڏانهن منهنجي ٻني آهي ۽ مان پنهنجي ٻيٺل فصل ڏانهن پاڻي موڪلي رهيو آهيان. "

هردوار جو ساموندي ڪنارو ماڻهن جي ٺهڪن سان گونجڻ لڳو. "هتان ٻڪ پاڻيءَ جو اڇلي تون ايترا ميل پري ڀلا تون ڪيئن پاڻي پهچائي سگهندين!؟ "

"جيڪڏهن توهانجي مئل مٽن مائٽن کي توهان جو اڇلايل جل (پاڻي) پهچي سگهي ٿو ته پوءِ منهنجي ٻنين تائين پاڻي ڇو نه پهچندو، جيڪي هن جهان ۾ موجود آهن. توهان جا وڏڙا ته خبر ناهي ڪهڙي جهان ۾ هوندا!؟ "

هاڻي ياترين کي نانڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ مزو اچي رهيو هو. اهي وڌيڪ گهرائيءَ سان هن کي ڪوٺڻ لڳا. جيئن جيئن نانڪ ڳالهائيندو ٿي ويو، انهن

۾ مصروف هئا. انهن نانڪ جي لباس ڏانهن ڌنو، جيڪو نه ته ساڌن وارو هو نه دنيا وارن وارو.

"تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟ تون وٽ چيلن وارو پٽر به ڪونهِ. نه ٿي توڪي تلسيءَ جو هار پاتل آهي. نه تو وٽ مال آهي نه متي تي چندن جو ٽڪو. آخر تنهنجو ڌرم ڪهڙي قسم جو آهي. " هڪ وڏي پنڊت چترداس مٿس سوالن جي بوڇاڙ ڪري ڏني.

نانڪ، مرداڻي کي رباب وڄائڻ جو چيو ۽ پاڻ گيت ڳائڻ لڳو. جڏهن هن ڳائي بس ڪيو ته چترداس هن جي ساراهه ڪئي، "ڳائين ته سٺو ٿو، پر ڪجهه علم به حاصل ڪر. ڪجهه ڏينهن هتي بنارس ۾ رهه ۽ هتان جي عالمن کان ڪجهه سک. "

"مان ته ڏاهو ۽ عالم ان کي ٿو سمجهان، جيڪو خلق جي خدمت ڪري. " نانڪ چيو.

نانڪ بنارس ۾ ته رهيو، پر هو چترداس کان ڪجهه سکڻ بجاءِ ان کي سيکارڻ لڳو. هڪ ڏينهن چترداس تي انڪشاف ٿيو ته سچو علم ڇا آهي. اهڙيءَ طرح هو ۽ سندس چيلا نانڪ جا پير ڇهي ان جا مريد ٿيا. ان ڪانپوءِ نانڪ اوير ڏانهن سفر ڪندي ڦالگو درياهه وٽ پهتو. جتي "گيا" نالي هڪ آستان هو ۽ انهيءَ آستان وٽ ئي گوتم کي گيان مليو هو. پر هاڻي اتي ٻڌمت جي پوئلڳن بدران برهمڻن جو راڄ هو. اتي ماڻهو وڏڙن جي نجات لاءِ قرباني ڏيندا هئا ۽ برهمڻن جو ڏن ڀريندا هئا. هتي به نانڪ جو برهمڻن سان سخت ٽڪراءُ ٿيو. برهمڻ، نانڪ جي پنيان پئجي ويا، پر هڪ پنڊت ديوگير جي دل تي نانڪ جي ڳالهين اثر ڪيو ۽ اهو هن جي بچاءَ جي ڍال بڻجي ويو. نانڪ جي اتان وڃڻ ڪانپوءِ به هو نانڪ جو پيغام انهيءَ علائقي ۾ ڦهلائيندو رهيو.

اتر اوير جو رخ ڪري هو پٽنه پهتو. ڪجهه ڏينهن تائين آسام ۾ گهمندو ڦرندو رهيو ۽ پيار ۽ پريم جو پيغام ماڻهن کي ٻڌائيندو رهيو. پوءِ مني پور ۽ اتان سلهٽ کان ٿيندو بنگالي اپسمنڊ تائين ويو ۽ سمنڊ جي ڪناري سفر ڪندو جگتنات مندر وار شهر "پوري" ۾ پهتو. هتي به هن اهو ئي پيغام ڏنو ته "سچو پالڻهار مورتي پوڄا کان مٿانهون آهي. "

اهڙيءَ طرح زندگيءَ جا تيرنهن سال لاڳيتو نانڪ مختلف ماڳن، مڪانن جو سفر ڪندو رهيو ۽ پنهنجو پيغام پهچائيندو رهيو. هن، انهيءَ سفر دوران هزارين دلين جا قلعا فتح ڪيا ۽ نيٺ هڪ ڏينهن هن کي پنهنجي ماءُ ترپتا ۽ ڳوٺ تلونڊيءَ جي ياد آئي ۽ هن جا قدم اوڏانهن کڄڻ لڳا. تلونڊي ڳوٺ هاڻي تمام گهڻي

مريض کي حيرت ٿي رهي هئي تہ هيءُ ڪير مڙس هو، جيڪو سواءِ ڪنهن نفرت ۽ فرق رکڻ جي هن جي پرسان ويهي رهيو هو.

"مالڪ! توهانکي، مونکان ڊپ نہ ٿو ٿئي!؟ " مريض کي حيرت ٿي.

"نہ، پالڻهار ٿي آهي، جيڪو سڀ ڪجھہ ڪري ٿو. روڳ ڏئي ٿو ۽ روڳ لاهي بہ ٿو. "

مريض کي هاڻي احساس ٿي ويو هو تہ سندس جھوپڙيءَ ۾ آيل ماڻهو ڪو معمولي انسان نہ هو ، پر خدا جو اهڙو ٻانهو هو، جنهن کي ڪنهن بہ روڳ کان ڪوبہ خوف نہ ٿئي ٿيو.

نانڪ هن کي اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ ڀڳوان جيئڻ چاهيندو آهي، تيئن ٿي ٿيندو آهي. ان لاءِ احتياط خاطر ڪنهن ضرورتمند کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ چڱو ناهي ۽ نانڪ جي هٿ ڦيرڻ سان انهيءَ ڪوڙهئي جو بدن بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. نانڪ هن کي پنهنجو پيغام سمجهائي اڳتي وڌي ويو.

هاڻ نانڪ اچي لاهور شهر ۾ پهتو. لاهور ۾ نانڪ جو استقبال دني چند نالي هڪ امير ماڻهوءَ ڪيو. هن پنهنجي فوت ٿيل پيءُ جي ثواب لاءِ پنهنجي گهر ۾ دعوت ڪئي هئي. دني چند جا نوڪر نانڪ کي شهر ۾ گهمندو ڦرندو ڏسي زوريءَ وٺي آيا هئا. هڪ روايت موجب دني چند ان دعوت ۾ رڳو برهمڻن کي گهرايو هو. عقيدو اهو هو تہ برهمڻن کي کاڌو کارائڻ سان اهو کاڌو ٻئي جهان ۾ مردي وٽ پهچي وڃي ٿو. ظاهر آهي تہ برهمڻن پنهنجي فائدي لاءِ اهڙي قسم جي روايت گهڙي رکي هئي. دني چند جي دروازي تي ست جهنڊا لڳل هئا ۽ انهن مان هر هڪ جهنڊو هڪ لک برابر هو. جهنڊي بابت نانڪ جي سوال ڪرڻ تي دني چند کيس ٻڌايو تہ اهي جهنڊا هن جي گڏ ٿيل ملڪيت کي ٻڌايو ٿئي.

"واهہ تہ تو ايتري دولت گڏ ڪري رکي آهي. " نانڪ چيو.

"بس سائين! ڀڳوان جي ڪرپا آهي. " دني چند جواب ڏنو.

نانڪ پنهنجي قميص ۾ لڳل هڪڙي سنهڙي سئي ڪڍي دني چند کي ڏيندي پڇيو تہ "هيءَ پاڻ وٽ امانت طور رک. مان توکان اها ٻي دنيا ۾ واپس وٺندس. "

دني چند، نانڪ جي انهيءَ ڳالهہ تي پريشان ٿيو، پاڻ تہ ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو، پر اها سئي کڻي پنهنجي زال وٽ آيو ۽ ان سان نانڪ جي ڳالهہ جو ذڪر ڪيائين.

"هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ " دني چند، زال کان پڇيو.

نجات ۽ ڇوٽڪاري جي راهه تي هلي سگهجي ٿو. هندو توڙي مسلمان صوفي ترڪ دنيا کي اهميت ڏئي رهيا هئا ۽ دنيا کان لاتعلق ٿي رهيا هئا، تنهنڪري نانڪ، هندو توڙي مسلم، ٻنهي گروهن کي مخاطب ٿي چيو تہ ظاهر رسمون مذهب ناهن، نہ ئي دنيا کي ڇڏي خدا کي حاصل ڪري سگهجي ٿو، پر دين ۽ دنيا ۾ توازن رکندي ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي. اهو پيغام هن هر شهر، هر ڳوٺ ۾ ڏنو ۽ اها ئي سچائي هئي، جنهن ڪري نانڪ کي هر جاءِ تي سٺي پذيرائي ۽ چڱي موٽ ملي.

ڪنهن نئين مذهب کي ايجاد ڪرڻ نانڪ جو مقصد نہ هو. هو تہ دنيا ۾ مذهبي رواداري ۽ انساني مساوات جو سبق ڪٽي نڪتو هو، پر پوءِ نانڪ جي پوئلڳن هن جي تعليم کي الڳ مذهب جي شڪل ڏني ۽ نانڪ جو خواب هڪ نئين مذهب جي تشڪلي جو سبب بڻيو.

☆☆☆☆

نانڪ ٻئين ڀيري جي تبليغي دوري جي شروعات وقت عجيب رستو اختيار ڪيو. ڏکڻ ڏانهن وڌندي هو ارڪاٽ، پانڊي ۽ راميشور تائي پهتو. جاٽ قبيلي جا ٻہ چيلا ساڻس گڏ هئا. هاڻي اڳيان وڃڻ لاءِ زمين بجاءِ سمنڊ جو پاڻي هو. هندو مذهب ۾ ان وقت سمنڊ جو سفر بدشگوني سمجهيو ويندو هو. نانڪ جا چيلا حيران هئا تہ اڳتي رستو ئي ڪونهي، هاڻي گرو ڪيڏانهن هلندو!؟

"اسان هن سمنڊ مٿان سفر ڪندي لنڪا هلنداسين." نانڪ چيو.

اتي هڪ جهاز تيار بيٺو هو. نانڪ، چيلن سميت جهاز ۾ سوار ٿيو. هن جا چيلا ساموندي سفر کان خوفزده هئا، پر نانڪ انهن کي هڪ شلوڪ پڙهڻ لاءِ چيو، جنهن جي برڪت سان اهي ساموندي سفر سڪون سان پار ڪري ويندا.

هڪ نانڪ پنٿيءَ جي ذريعي نانڪ جو پيغام لنڪا جي بادشاهه وٽ پهچي چڪو هو ۽ هن کي پڪ هئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن سندس ملاقات نانڪ سان ضرور ٿيندي. نانڪ ساموندي سفر کانپوءِ لنڪا پهتو. هن بادشاهه جي باغ ۾ رهائش اختيار ڪئي. نانڪ جي اچڻ جي خبر سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي وئي هئي، سو بادشاهه شيونات هاٿيءَ تي سوار ٿي نانڪ جي حضور ۾ پهتو. ڪجهه سوالن جوابن کانپوءِ هن کي پڪ ٿي وئي تہ هو جنهن هستيءَ جو منتظر هو، سا اچي وئي آهي. هن، نانڪ جا پير ڇهيا ۽ چيائين، "مهاراج! مونکي زندگيءَ جو راز ٻڌايو؟"

نانڪ هيءُ بيت پڙهيو:

تون ڪٿان آيو آهين ۽ ڪيڏانهن ويندين

ٻڌي پڪ ٿي تہ اهو فقير گرونانڪ ڪانسواءِ ٻيو ڪو نہ هوندو.

"مونکي ان ڏانهن وٺي هلو. " شيخ پنهنجي هڪ مريد کي چيو.

نانڪ جوساٿي مرداڻو يڪتارو وڄائي رهيو هو ۽ نانڪ جي چپن مان توحيد جا گيت ڦٽي رهيا هئا. سلام دعا ڪانپوءِ شيخ، نانڪ کي چيو، "توهان چئو ٿا تہ هو هڪ آهي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ناهي، پر رستا بہ آهن. توهان انهن مان کهڙي راهہ جي چونڊ ڪندؤ ۽ کهڙيءَ کي رد ڪندؤ؟ هندو چون ٿا تہ اهي سچا آهن، مسلمان چون ٿا تہ اصل حق انهن وٽ آهي. پوءِ ڪير انهن مان صحيح آهي ۽ ڪير غلط؟ "

"خدا هڪ آهي ۽ رستو بہ هڪ آهي. هڪ خدا کي قبول ڪريو، ٻيا سمورا رستا رد ڪريو. "

شيخ، بابا فريد رحہ جو هڪ بيت پڙهيو جنهن جو مطلب هو تہ:

" پنهنجو پهراڻ ڦاڙي ڇڏ ۽ پنهنجي ڦاٽل ڪمبل کي ئي پنهنجو لباس بناءِ. اهڙا ڪپڙا پاءِ جيڪي مالڪ کي پسند هجن. "

"پهراڻ کي ڦاڙڻ ضروري ڪونهي. " نانڪ چيو. "مذهبي لباس پالڻ ضروري ڪونهي. ماڻهو گهر ۾ رهي عام روزاني پائڻ وارا ڪپڙا پائي بہ خدا تائين پهچي سگهي ٿو، پر شرط اهو آهي تہ دل جو سمورو ڌيان انهيءَ هڪ خدا ڏانهن هجي. "

ان ڪانپوءِ هن بابا فريد جو هڪ شعر پڙهي سموري ڳالهہ صاف ڪري ڇڏي، جنهن جو مطلب آهي تہ:

" لفظ "انسانيت " اهڙي شيءِ آهي، جنهن ۾ محبت، نيڪي، چڱائي ۽ حسنِ سلوڪ شامل آهي. جيڪڏهن انهيءَ لفظ کي تون پنهنجو ڍڪ بنائيندين تہ محبوب تنهنجو ٿي ويندو. "

"بيشڪ تو خدا جي معرفت حاصل ڪري ورتي آهي. " شيخ ابراهيم چيو ۽ نهايت مانائتي طريقي سان نانڪ کي ساڻ وٺي شهر ۾ داخل ٿيو.

ڪجهہ ڏينهن تائين شيخ ابراهيم وٽ مهمانيءَ جا مزا ماڻڻ بعد نانڪ پنجاب جي اندرين ڳوٺن مان ٿيندو واپس اباڻي ڳوٺ تلونڊي پهتو. ماءُ پيءُ جي اکين جا رابيل ٽڙي پيا. هو اڄ تہ بنا موسم جي بادل جيان گهر اڱر تي وسيو هو.

"پٽ مونکي پڪ هئي تہ تون ضرور ايندين. مون توکي جڏهن بہ دل سان ياد ڪيو آهي، تون ضرور آيو آهين. " ڪلياڻ چندچيو.

"چو بابا سائين خيريت تہ آهي؟ مونکي خير مان ياد پئي ڪيوَ؟ " نانڪ

پئسو وغيره گهربل هو. پر هن کي مالڪ تي ڀروسو هو.

هڪ ڏينهن زال سلکڻيءَ سان دل جو احوال اوريائين تہ "ڳوٺ کان ٻاهران زمين جو هڪ ٽڪر آهي، مان پنهنجن چيلن جو هڪ ڳوٺ اتي قائم ڪرڻ چاهيان تہ جيئن هميشہ لاءِ اتي رهي انهن جي تعليم ۽ تربيت ڪندو رهان. "

هن جي زال ڏاڍي خوش ٿي تہ هن جو مڙس، جيڪو هميشہ گيان ڌيان جي ڪري هن کان پري رهيو هو، سو سندس پرسان ٿي رهندو. ان چيو تہ "جي توهان چاهيو تہ مان پنهنجي پيءُ کي چوان تہ اها زمين توهان لاءِ خريد ڪري. "

نانڪ چيو تہ "نہ، في الحال ترس، مالڪ پاڻهي بندوبست ڪندو. "

ان وچ ۾ نانڪ جو هڪ پوئلڳ، جيڪو تمام گهڻو مالدار بہ هو، ان جو نالو رنڌاوا هو ۽ پاڻ کي نانڪ جو "سک " يعني شاگرد يا سکڻ وارو سڏائيندو هو. انهيءَ کي نانڪ جي ارادي جي خبر پئي تہ هن اها زمين خريد ڪري پنهنجي گرو نانڪ جي حوالي ڪئي.

نانڪ اتي پنهنجي خواهش موجب هڪ ڳوٺ جوڙيو ۽ ان جو نالو ڪرتارپور رکيائين. سلکڻي ۽ ان جا مٽ مائٽ بہ اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ آباد ٿيا. نانڪ پنهنجي والدين کي بہ اتي گهرائي ورتو هو.

گرو نانڪ جي ڳوٺ آباد ڪرڻ جو ٻڌي ماڻهو ٽولن جي شڪل ۾ اتي اچڻ لڳا. ڪنهن چيو تہ ايشور جو اوتار آهي نانڪ، ڪوچوي پيو تہ ايشور ۽ نانڪ ٻئي ساڳي ڳالهہ آهن.

"جيڪو سچ ناهي، سو فنا ٿي ويندو. چاڪاڻ تہ حق ۽ سچ ڪانسواءِ هر شيءِ فنا ٿيڻ آهي. " نانڪ جا ٻول هاڻي سموري ڪرتارپور ۾ گونججي رهيا هئا. مرداڻو اڄ بہ هن سان گڏ هو. هندو، مسلم، جوڳي، پنڊت، گرهست، سڀ اتي ايندا هئا ۽ گرو نانڪ جي ٻولن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ پرائي اٿندا هئا.

ڪرتارپور ڳوٺ کي آباد ٿئي ٻہ سال ٿي چڪا هئا. گرمين جي موسم هئي جو ڀيري ٻيهر گرو نانڪ سفر جو سامان تيار ڪيو. اهو سندس ٽيون سفر هو.

پاڻ ۽ سندس همراز ساٿي مرداڻو، هن ڀيري سيال ڪوٽ روانا ٿيا. اتان پهاڙي سلسلو پار ڪري جمون ۽ ڪشمير جي وادين ۾ گهمندا ڦرندا رهيا. جتي بہ ويا، انسانيت، پريم، نيڪي ۽ محبت جو سبق ڏنائون. جتي بہ ويا، نانڪ جا ڪوڙ سارا چيلا اتي بڻجي ٿي ويا. جيئن جيئن گرو نانڪ جي تعليم وڌي رهي هئي، تيئن تيئن برهمڻن جي ڪاوڙ وڌي رهي هئي تہ

☆☆☆☆

نہ ويد هئا ۽ نہ سامي صحيفا
نہ سمرتيون هيون ۽ نہ وري ڪي شاستر هئا
نہ ڪو صبح جو ورد هو ۽ نہ وري شام جي تلاوت
ان عظيم هستيءَ ڪي پنهنجي ئي سچائپ هئي.

برهمڻداس جي من تان مير لهي چڪو هو. هن پٿرن جي مورتيءَ ڪي ٽوڙي ڇڏيو. ڪتاب اڇلائي ڇڏيا ۽ نانڪ جا پير ڇهي سندس مريد بڻجي ويو.

"هاڻي هن علائقي ۾ منهنجي تعليم تون ڦهلائيندين. " نانڪ ڪيس چيو. ايترو چئي ڪجھ لفظ پڙهي هن جي سيني تي ڦوڪيائين تہ هن جو سينو علمن سان ڀالوڻجي ويو. اهو علائقو برهمڻداس جي حوالي ڪرڻ ڪانپوءِ نانڪ اڳتي وڌي ويو.

برف پوش پهاڙن ۾ توحيد جا گيت ڳائيندا نانڪ ۽ سندس ساٿي هاڻ ڪيلاش پربت جي هنج ۾ مانسرور ڍنڍ تي اچي پهتا. ان علائقي جي تڏ سبب ڪيترائي مهينا گذري ويندا هئا جو ڪنهن ماڻهوءَ جي شڪل بہ نظر نہ ايندي هئي. انهيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي ڪجھ عرصو ترسڻ ڪانپوءِ هنن ڪي عامل جوڳين جو هڪ ٽولو مليو. جتي پکي پکڻ بہ نہ ايندا هئا، اتي نانڪ ۽ مرداڻي ڪي ڏسي جوڳي حيران ٿي ويا.

"اي بالڪ بڌاءِ تہ اها ڪهڙي شڪتي آهي جو توهان بہ انسان اهڙي ڏکئي هنڌ تي پهتا آهيو؟ " جوڳين سوال ڪيو.

"مان پرميشور جو پوئلڳ آهيان. ان جا گيت ڳائيندي هت پهتو آهيان. " نانڪ جواب ڏنو.

"ڪهڙي خبر آندي اٿئي، مرت لوڪ جو ڪهڙو حال آهي؟ " جوڳين پڇيو.

نانڪ جواب ڏنو، "سنسار ۾ باطل جي اونداهي ڇانيل آهي. سچائيءَ جو چند ڪٿي بہ اپريل ڪونهي. دنيا بديءَ ۾ گرفتار آهي. پاڪ جوڳي تہ پهاڙن ۾ لڪيو وينا آهن، آخر انسانيت ڪي ڏکن، تڪليفن ۽ براين کان نجات ڪير ڏياريندو؟ "

آخري جملي ۾ هن جوڳين ڪي ٽوڪ هنئي هئي. نانڪ چئڻ تہ انهن مٿان واضح ڪرڻ پئي چاهيو تہ غارن ۾ ويهي عبادت ڪرڻ بدران انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي، جيڪا ئي اصل عبادت آهي.

انهن جوڳين سوچيو تہ هيءُ ذهين انسان جيڪڏهن اسانجي ٽولي ۾ شامل ٿي وڃي تہ اهو اسانجي فرقي لاءِ فخر جو سبب بڻجندو. انهن مختلف ڪرامتون ڏيکاري نانڪ کي پاڻ ڏانهن متوجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو انهن جوڳين ڪي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ تہ گهران نڪتو هو. سو انهن کان ڪٿي تي متاثر ٿي سگهيو. نانڪ ڪجھ ڏينهن انهن سان گڏ رهي، انهن مٿان ثابت ڪيو تہ مذهب، انسانيت

منهنجي ياءَ کي لڳي وڃي. "
"رڳو ڳالهيون ڪنديئن يا ڪائڻ لاءِ
بہ ڪجهہ ڏينديئن! "
"نانڪ اشنان ڪري ڪٺ تي وينو.
پيڻ هٿ سان هن کي گراهہ کارائڻ لڳي.
نانڪ جي اچڻ جي خبر سموري ڳوٺ
۾ ڦهلجي چڪي هئي. هن جا سيوڪ گهر
ٻاهران وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا هئا. سفر
جي ٿڪ جي باوجود نانڪ ٻاهر آيو ۽
سيوڪن سان مليو. ٿوري دير ۾ گڏ ٿيل
ماڻهن جو ميڙ جلسي ۾ تبديل ٿي ويو ۽
نانڪ انهن کي خصوصي خطاب ڪيو.
ٻئي ڏينهن نواب دولت خان، نانڪ سان
ملڻ لاءِ آيو ۽ نانڪ تي زور ڀريائين تہ هو
هميشہ لاءِ سلطان پور ۾ رهي پوي. ان سان
سندس عزت وڌندي. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ
نانڪ اتان موڪلائڻ لڳو. پر پيڻ هن کي
نہ ڇڏيو. جنهنڪري نانڪ بہ ڏينهن پيا بہ
ترسي پيو. ان وچ ۾ اوچتو نانڪيءَ کي
اچي بيماريءَ وڪوڙيو. بيماري معمولي
هئي، پر نانڪيءَ جي موت جو بهانو بڻجي
وئي ۽ هوءَ مري وئي.
پيڻ جي وفات کانپوءِ هاڻي سلطان
پور ۾ نانڪ لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هو.
تنهنڪري سلطان پور مان نڪري نانڪ
ڪرتارپور پهتو. هن جو آباد ڪيل ڳوٺ
سندس تعليم جو مرڪز بڻجي چڪو هو.

انهيءَ ڳوٺ جي گهرن ۾ نانڪ جي ڏنل
تعليم کي عملي طور تي ڏسي پئي
سگهجي. چوطرف ذاتِ واحد جي ثنا جا
گيت گونجي رهيا هئا ۽ ست سري اڪال
جا آواز اچي رهيا هئا. نانڪ جي اچڻ
کانپوءِ وري آسپاس جي علائقن جا ماڻهو
اتي اچي رهيا هئا ۽ نانڪ کان تعليم وٺي
رهيا هئا.
ماڻهن کي هاڻي پڪ هئي تہ نانڪ
هاڻي ڪڏهن بہ ڪرتارپور کان ٻاهر نہ
ويندو. پر اوچتو وري هن سفر تي نڪرڻ جو
اعلان ڪيو. اهو هن جو چوٿون سفر هو. پاڻ
ڪرتارپور جي ديوارن کي سلام ڪيائين ۽
هن مرداڻي سان گڏ ملتان، سکر، ٺٽي،
لسٻيلي جي ياترا ڪيائين. اتي هن کي
هڪ حج جي پانڌيئڙن جو قافلو مليو ۽
مرداڻي جي صلاح تي اهي حاجين جي
قافلي سان گڏجي پيا ۽ هي بلوچستان جي
سامونڊي ڪناري کان جهاز ۾ سوار ٿيا.
نانڪ کي نيري رنگ جو لباس
پهريل هو. هٿ ۾ عصا ۽ ڳچيءَ ۾ قرآن
پيل هوس. وضوءَ جو لوٽو ۽ مصلو مرداڻي
وٽ هو. مسلمان هجڻ جي ناتي سان
مرداڻي لاءِ اهو سفر ڏاڍو مقدس هو.
جهاز انهن کي اچي جدي ۾ لاٿو.
هتان کان انهن کي اٺن تي سفر ڪري
مڪي پهچڻو هو. اٺن جي ڳچين ۾ ٻڌل

ايران جي سياحت ڪانپوءِ هاڻي خيبر لڪ ذريعي پشاور ۾ اچي نڪتا. اتان وري سنڌو درياهه پار ڪري حسن ابدال آيا. اڄ ۽ بڪ سبب سندن حال بيحال هئا. مرداڻو پاڻيءَ جي ڳولها ۾ پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو. اتي هڪ فقير عبادت ۾ مصروف هو. انهيءَ کي اتي موجود ڏسي مرداڻي کي ڏاڍي حيرت ٿي.

"تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن اچي پهتو آهين؟ "

"مونکي پاڻيءَ جي ڳولها توهان تائين وٺي آئي آهي. " مرداڻي چيو ۽ ان سان گڏ پنهنجي اهميت ٻڌائن لاءِ سندس سامهون گرو نانڪ جي ساراهه ڪيائين.

"جيڪڏهن تنهنجو گرو ايترو پهتل آهي تہ پوءِ اهو تو لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست ڇو نہ ٿو ڪري سگهي، ان کي چئہ تہ پنهنجي طاقت جي زور تي هن جبل مان چشمو جاري ڪري. مان توهان کي هتان پاڻي ڪٽڻ ڪونہ ڏيندس. "

مرداڻو اتان مايوس ٿي موٽي آيو ۽ سمورو احوال اچي نانڪ کي ٻڌايائين.

"وڃي وري وڃ ۽ عاجزيءَ سان پاڻي گهرينس. " نانڪ، مرداڻي کي چيو.

هن ڀيري بہ مرداڻو واپس موٽي آيو. بزرگ جو جواب ساڳيو ئي هو.

"چڱو جتي تون بيٺو آهين، اتان هڪ پٿر مٿي ڪڻ. " نانڪ چيو.

مرداڻي جيئن ئي پٿر پٽي مٿي ڪنيو تہ ان جي هيٺان پاڻيءَ جو چشمو جاري ٿي ويو. اهو پاڻيءَ جو چشمو هيٺاهين طرف هو، سو مٿان ڪان بہ سمورو پاڻي هيٺ لهي آيو. ان ڳالهہ تي مٿي جبل تي ويٺل بزرگ کي ڪاوڙ لڳي ۽ هن هڪ وڏو پٿر هيٺ اڇليو. جنهن کي نانڪ پنهنجن هٿن تي روڪيو ۽ نانڪ جي تريءَ جو نشان انهيءَ پٿر تي چپجي ويو ۽ اهو نشان وارو پٿر اڄ بہ موجود آهي ۽ سکن جي زيارت گاهہ آهي، جنهن کي ماڻهو "پنجہ صاحب " جي نالي سان سڃاڻن ٿا.

اتان ڪان سيدپور ڳوٺ ويجهو هو، جتي نانڪ جو پهريون چيلو لالو واڍو رهندو هو ۽ اهي لالوءَ سان ملڻ لاءِ سيد پور پهتا.

انهن ڏينهن ۾ هندستان مغل حڪمران ظهيرالدين بابر جي حملن جي زد ۾ هو ۽ اهو حملا ڪندو سيال ڪوٽ تائين پهچي چڪو هو. سيدپور ۾ جڏهن نانڪ پهتو تہ اتي بہ افواهن جي بازار گرم هئي تہ بابر ڇاڻ تہ اتي پهچڻ وارو آهي. لالوءَ چاهيو تہ نانڪ ۽ مرداڻو اتان نڪري وڃن، پر ان ڪان اڳ جو اهي سيدپور کي ڇڏين ها، گرفتاري سندن مقدر ۾ لکيل هئي، جو واڇوڙي جيان بابر جي فوجين اچي ڳوٺ کي گهيريو ۽ ائين بين رهواسين جيان

جواب ڏنو.

"آخر اهي ڪهڙا ٻول آهن، جيڪي وحشي دلين ۾ به پنهنجو رستو ناهي ونن ٿا؟ مونکي به ته ٻڌاءِ. "

نانڪ پنهنجي گيتن جو فارسي ترجمو ڪري هن کي ٻڌايو. اها سموري ڳالهه ٻولهه به فارسيءَ ۾ ٿي رهي هئي. بابر نانڪ کان اهڙو متاثر ٿيو جو هن انهيءَ بزرگ قيديءَ کي سامهون ويهڻ جو اشارو ڪيو.

"تون هن ڳوٺ جو آهين؟ "

"هيءَ سموري ڌرتي خدا جي آهي ۽ مان ان جو ٻانهو آهيان ۽ خدا جي زمين تي سير سفر ڪندو رهندو آهيان. سو گهمي ڦري رهيو هئس ته مونکي توهان جي سپاهين قيد ڪري ورتو. "

"اي درويش! اسان کان ڪجهه نذر قبول ڪر. "

"مونکي ڪجهه به نه گهرجي. " نانڪ چيو، "باقي سيدپور جي سمورن ماڻهن کي قيد مان آزاد ڪريو. انهن جو مال ملڪيت واپس ڪريو. "

هنن جي ڳالهه ٻولهه اڃا هلي رهي هئي جو هڪ قاصد آيو. ان اطلاع ڏنو ته بابر جي پنهنجن علائقن تي حملو ٿي ويو هو ۽ ڪابل کي به پڻ خطرو لاحق هو، جنهن ڪري بابر کي واپس افغانستان ڏانهن وڃڻو پيو ۽ هن سيدپور جي قيدين جي آزادي ۽ مال جي واپسيءَ جو حڪم ڏنو. بابر جي واپسي ۽ قيدين جي رهائيءَ ڪانپوءِ هاڻي سيد پور جي هر رهواسيءَ جي وات تي نانڪ جي انهيءَ ڪرامت جو ذڪر هو.

نانڪ ڪجهه ڏينهن وري به لالو واڍي وٽ رهيو ۽ ڳوٺاڻن کي نصيحت ڪيائين ته "انسان مٿان عذاب ان جي عملن جي ڪري ايندو آهي، سو پنهنجا عمل درست ڪريو ۽ ذاتِ واحد سان لنئون لڳايو. "

ان بعد پاڻ سيدپور ڇڏي پنهنجي ڳوٺ ڪرتارپور روانو ٿيو. ڪرتارپور اتان کان سٺ ستر ميل پري هو. هو ٻه چار ڏينهن ۾ ڪرتارپور پهچي ويو.

سيد پور جي تباهي نانڪ جي دل کي صدمو رسايو هو. ان ڪانسواءِ هو دنيا جو ڪافي سير سفر ڪري چڪو هو، تنهنڪري هن ياترين وارو لباس لاهي روزمره وارو لباس پاتو ۽ هاڻي هميشه ڪرتارپور ۾ رهڻ جو اعلان ڪيائين ۽ پنهنجي آباد ڪيل ڳوٺ کي پنهنجي تعليم جي روشنيءَ جي عملي انداز ۾ ترتيب ڏيڻ لڳو. ڳوٺ چڱو خاصو آباد ٿي چڪو هو.

آهستي آهستي انهيءَ ڳوٺاڻي سماج ۾ اهڙو معاشرو جڙڻ لڳو، جنهن ۾ مذهبي

گرو آهي. "

نانڪ جي اها ڳالهہ بلڪل صحيح ثابت ٿي. مختلف علائقن کان ماڻهو اچي نانڪ وٽ رهندا هئا. ان کان تربيت وٺندا هئا. سندن رنگ ۾ رنگجي ويندا هئا ۽ پوءِ اتان نڪري پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ نانڪ جي تعليم جا مبلغ بڻجي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح پري پري جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سک ڌرم شالا بڻجي ويا هئا. (ان وقت تائين اجا گوردواري جو لفظ ايجاد نہ ٿيو هو.) انهن ڌرم شالائن ۾ سر منڊل ۽ جاپ منڊل ٿيندا هئا. اهي منڊل صبح جو سج ايرڻ کان اڳ شروع ٿي سج جي ايرڻ کانپوءِ سوا پهر تائين جاري رهندا هئا ۽ شام جو سج لهڻ کان وٺي سانجهيءَ تائين هلندا هئا. اهڙيءَ طرح نانڪ جي فيض جو چشمو پنجاب کان وٺي، ڇمون ڪشمر جي وادين ۽ تبت جي اوچن پهاڙن تائين جاري ٿي ويو هو.

جڏهن نانڪ جو فيض پنهنجي عروج جي منزلن کي ڇهي رهيو هو تہ انهيءَ وچ ۾ هن جي ڏک سک جو ساٿي ۽ هر سفر جو همسفر مرداڻو، جيڪو هاڻي پوڙهو ٿي ڪمزور ٿي چڪو هو، سو بيمار ٿي پيو. نانڪ سمجهي ويو تہ هاڻي مرداڻي جو آخري وقت آهي ۽ جيئن تہ هو مسلمان هو، تنهنڪري نانڪ ان کان سوال ڪيو تہ "جي تون وفات ڪري وڃين تہ ڇا توکي ساڙجي يا دفن ڪجي؟ "

مرداڻي جواب ڏنو "مون پنهنجي زندگي توهانکي ارپي آهي، سو هيءُ جسم بہ توهانجي حوالي آهي. جيئن توهانجي دل چوي تيئن ڪجو، پر بهتر آهي تہ منهنجي جسم کي ڪنهن مقبري ۾ قيد ڪرڻ بدران آزاد ڪري ڇڏجوءِ. "

انهيءَ گفتگوءَ کانپوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو مرداڻو وفات ڪري ويو. نانڪ ان جي لاش کي راوي درياهہ ۾ لوڙهڻ جو حڪم ڏنو. لاش راويءَ حوالي ڪرڻ وقت لنگر تقسيم ڪيو ويو ۽ گيت ڳايا ويا.

☆☆☆☆

ڪرتارپور کان هڪ ميل ڪن پري "لهڻو " نالي هڪ پڃاري رهندو هو، جيڪو درگا ديويءَ جي پوڄا ڪندو هو. هو هٿن پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي درگا جي بت آڏو اهڙو تہ مست ٿي نچندو هو جو ڏسندڙن تي بہ وجد طاري ٿي ويندو هو. هر سال هو پنهنجي پڳتن جي ٽولي وٺي هماليا پربت تي ويندو هو، جتي درگا جو وڏو مندر هو.

هڪ ڀيري نانڪ جو هڪ سک اچي انهيءَ پڃاريءَ جي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ روزانو نانڪ جي ٻولن جو ڪيرتن ڪندو هو. هڪ

سيار جي هڪ ٿڌي ۽ اونداهي رات هئي. تمام تيز برسات وسي رهي هئي. انهيءَ تيز برسات ۾ ڌرم شالي جي هڪ پت ڪري پئي. برسات هلڪي ٿي هئي، پر اڃا بند نہ ٿي هئي. نانڪ جو چوڻ هو تہ انهيءَ هلندي برسات ۾ پت جي مرمت ڪرڻ گهرجي. سندس پٽن جو چوڻ هو تہ رات آهي، صبح جو رازن ۽ مزدورن کي وٺي پت نهرائي وٺبي. ٻئي پٽ تہ بهانو ڪري گهر مان نڪري ويا. نانڪ جي ڪجهہ مريدن، ديوار کٽڻ شروع ڪئي ديوار ٿورو جڙي تہ نانڪ چيو تہ پت تہ ٽيڏي پئي ڪجي، تنهنڪري ان کي ڊاهي ٻيهر ناهڻ گهرجي. اهو حال ڏسي مريد بہ بهانو ڪري پڇي ويا. هڪ لهڻو ۽ نانڪ وڃي بچيا. لهڻي ۽ نانڪ. پت کٽڻ شروع ڪئي. سج اڀريو تہ پت بہ مڪمل ٿي چڪي هئي، پر ٽيڏي هئي. نانڪ ان کي بہ ڪيرائڻ جو حڪم ڏنو. ٻيا سڀ بهانا ناهي هليا ويا پر شاباس ههئي لهڻي کي، جنهن جي نرڙ تي ڪا سلوٽ نہ آئي ۽ گروءَ جي حڪم جي تعميل ڪيائين. لهڻو ۽ نانڪ ڪئين ڏينهن ائين ان پت کي ناهڻ ۽ ڪيرائڻ ۾ لڳا پيا. سيني کي تعجب هو تہ گروءَ کي ڇا ٿي ويو هو. هن لهڻي کي چيو، " لهڻا! گرو کي تہ ڪجهہ ٿي ويو آهي، جو روز پت ناهڻ ۽ ڊاهڻ جو حڪم پيو ڏئي، پر تو کي ڇا ٿي ويو آهي، جو چرين وانگر پيو سندس حڪم جي تعميل ڪرين. "

لهڻي جواب ڏنو، " مالڪ جي حڪم جي تعميل تي چيلي کي عمل ڪرڻو آهي. ان تي عمل ڪرڻ سان هٿ پوتر ۽ پاڪ ٿيندا آهن ۽ آخرت ۾ نجات ملندي آهي. "

هيءَ هڪ اهڙي آزمائش هئي، جنهن ۾ صرف لهڻي نانڪ جو ساٿ ڏنو هو. نانڪ ٻين کي اهو ٻڌائڻ چاهيو پئي ۽ ان مقصد لاءِ اها آزمائش سٽي هئيائين. سندس اها ڳالهہ ان وقت ڪوبہ مريد سمجهي نہ سگهيو هو.

☆☆☆☆

آزمائش جو اهو سلسلو ٻڌائي رهيو هو تہ نانڪ کي پنهنجي جانشين جي ڳولها هئي. هن کي شايد محسوس ٿيو هو تہ هاڻي پاڻ دنيا ۾ گهڻا ڏينهن رهي نہ سگهندو. هو پنهنجن ٻنهي پٽن کان مايوس ٿي چڪو هو. هن جو وڏو پٽ دنيا تياڳڻ ڏانهن مائل هو. ننڍو پٽ ٻارن ۽ زال جي چنبي ۾ ڦاٿل هو. هاڻي نانڪ پنهنجي ڪجهہ خاص مريدن مان ڪو هڪ جانشين طور چونڊڻ پئي گهريو.

هڪ ڏينهن هو ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو. ڪجهہ مريد ساڻس گڏ هئا. ٻاهر

يار دوست، ساٿي سڀ روئن ٿا
پر روئڻ اجايو آهي
بس! پائرو ڏٺيءَ کي ياد رکو
هڪ اهو ئي رستو آهي
جنهن تي سڀني کي وڃڻو آهي
هيءَ دنيا تہ عارضي آهي
۽ اڳيان پيش ايندڙ سفر
هر هڪ لاءِ لازمي آهي.

☆☆☆☆

نانڪ جي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هو. هن جا سڪ زور زورسان سندس ٻول ڳائي رهيا هئا تہ جيئن گروءَ کي سڪون ملي. گروءَ جي وفات کان اڳ ئي هڪ مسئلو ڪڙو ٿي ويو هو.

"هن جي تعليم توحيد تي ٻڌل هئي. پاڻ مسلمان ٿي چڪو هو. بس رڳو اعلان ڪرڻ جي دير هئي، پر بظاهر اعلان نہ ٿيو هو. مسلمانن جو زور هو تہ گروءَ کي اسان دفنائينداسين."

"نہ، گرو هندو آهي. اسان گروءَ جو جسم باهہ ۾ ساڙينداسين. " هندو مريد چوڻ لڳا.

هندو ۽ مسلم مريدن ۾ اهو جهيڙو ايترو تہ وڌندو ويو جو انهن جو پڙاڏو نانڪ جي ڪنن تائين بہ پهتو. هن هٿ کڻي ٻنهي ڌرين کي ماٺ رهڻ لاءِ چيو. جڏهن ماٺ ٿي تہ نانڪ چيو تہ "هندو توڙي مسلمان وڃو ۽ منهنجي لاءِ گل کڻي اچو. مسلمان منهنجي ساڄي پاسي گلن جو ڍير ڪن ۽ هندو منهنجي کابي پاسي گل رکن. منهنجي روح جي پرواز ڪانپوءِ جنهن جا گل تازا رهن، انهن جي ڳالهہ قبول ڪئي وڃي. "

ايترو چئي نانڪ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. هندو ۽ مسلمان مريد گل آڻڻ لاءِ ڊوڙندا ويا . نانڪ پنهنجي سنگ جي ساٿي "سوهلا" کي راڳ ڳائڻ لاءِ چيو.

هوا گرو آهي
پاڻي پتا آهي
۽ هيءَ وسيع ڌرتي ماءُ آهي
ڏينهن رات بہ سهاڳڻيون آهن
جنهن جي هنج مان زندگي ڦٽي ٿي
اسان جون نيڪيون ۽ برايون خدا جي آڏو
پرکيون وينديون
پنهنجن عملن جي عيوض
اسان خدا کي ويجهو يا دور ٿي سگهون ٿا
اهي ئي ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿيندا
جيڪي هن جو نانءُ وٺن ٿا
انهن جون پيشانيون چمڪنديون رهنديون
۽ انهن جي ذريعي ئي
ٻين ڪوڙ سارن ماڻهن کي نجات ملندي.

☆☆☆☆



# شيطان جو سنگسار

امر جليل

**نامياري ڪهاڻيڪار "امر جليل" جي ڇرڪائيندڙ ڪهاڻي جنهن ۾ انسان شيطان کي مارڻ لاءِ نڪتو آهي. شيطان ڪيس ڪهڙي جاءِ تي ملي ٿو اهو ٻڌائڻ صرف هن مهان ڪهاڻيڪار جو ئي فن آهي. ڪرزما ڊائجيسٽ جي لاءِ لکيل خاص ڪهاڻي.**

هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو شيطان کي دنيا ۾ ڳولهڻ لاءِ نڪتو هو.

"ڍڳا ڪر ڪندي ڪندي مان ٿڪجي پيو آهيان، سر. مان بيزار ٿي پيو آهيان پنهنجي زندگيءَ کان." بدرو ڀنڊاري ٻنهي هٿن ۾ مٿو جهلي ويهي رهيو. هن جا ڪسرتي ڪلها اڳتي جهڪي آيا. ڪافي دير تائين چپ رهيو. پوءِ، ڪنڌ کڻي مون

چيو. "سوچيان پيو."

"سوچين ڇا پيو! " انور تيجاڻي ۽ مان بي وي ايس پارسي اسڪول ۾ ست سال ڪلاس ميٽ رهيا هئاسين. هڪ ئي بينچ تي ويهندا هئاسين. ميٽرڪ بہ گڏ ڪئي هئي سين. وڏا ٿي ڪرت ڪار سان لڳاسين تڏهن بہ هڪٻئي تي حجت هلائي سگهندا هئاسين. انور تيجاڻيءَ چيو. "ايندڙ سومر تي اچي جوائن ڪر. "

مان ڪراچيءَ موٽي آيس. ايشين ايڊورٽائزنگ ڪارپوريشن ۾ وڃي شامل ٿيس. ٻئي ڏينهن انور تيجاڻيءَ مونکي پاڻ ڪارپوريشن طرفان ليز تي ورتل فليٽ تي وٺي آيو. جنهن ۾ اڳوڻو چيف ڪانسيپٽ رائيٽر رهندو هو ۽ هڪڙي ڏينهن پراسرار نموني ڏهين ماڙ تي فليٽ جي بالڪونيءَ مان هيٺ سڙڪ تي ڪري مري ويو هو. سندس زال ڪارپوريشن ڪان گريجوئٽي ۽ انشوئرنس جا لکين رپيا وٺي ٻارن سميت آمريڪا هلي ويئي هئي.

مونکي فليٽ ۾ رهندي ڏهہ پندرنهن ڏينهن ڪن مس ٿيا هئا جو هڪڙي ڏينهن ٽي چار معتبر قسم جا ماڻهو مون سان ملڻ آيا. بلڊنگ مينيجمنٽ جا ميمبر هئا. مون کين اندر آڻي ويهاريو. مون کان ٿائيليند جا حال احوال ورتائون. ٿائيليند جي اعليٰ يونيورسٽين جو احوال ٻڌي هنن جي دلچسپي ختم ٿي ويئي. هنن مان هڪ

چڻي چيو. "ابو ٻائي ڏاڍو سٺو ۽ نيڪ شخص هو. "

مون ڪانئس پڇيو. "ڪير ابو ٻائي؟"

وراڻيائين. "تو ڪان اڳ هن فليٽ ۾ رهندو هو. "

"اوهہ! " مونکي ياد آيو. چيم. "ابوبڪر ٻائي جي ڳالهہ پيا ڪريو! "

"ها. ابوبڪر ٻائي. " ٽڏو ساهہ ڪڍندي چيائين. "روزي نماز جو پابند هو. "

چيم. "سٺي ڳالهہ آهي. "

پوءِ چيائين. "بلڊنگ جي بيسمينٽ ۾ پنج وقت نماز جو بندوبست ڪيل آهي. "

چيم. "سٺي ڳالهہ آهي. "

مون کين ڪيڪ کارايو. شربت پياريو. هو هليا ويا.

ڏهن پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ وري ملڻ آيا. گذريل دفعي جنهن شخص مون سان وڌيڪ سوال جواب ڪيا هئا. تنهن جو نالو حاجي يوسف هو. حاجي يوسف اچڻ شرط پڇيو. "تنهنجي طبيعت نيڪ تہ آهي نہ؟ "

"بلڪل نيڪ آهي. "مون حيران ٿيندي پڇيو. "ڇو. ڇا ٿيو؟ "

چيائين. "اسان توکي بيسمينٽ ۾ هڪ دفعو بہ نماز پڙهندي نہ ڏٺو آهي. سمجهيوسين. شايد بيمار آهين. "

چيم. "ڳالهہ ڇاهي جو مان رات جو دير تائين ڪم ڪندو آهيان. صبح جو دير سان اٿندو آهيان. نيرن بہ وڃي آفيس ۾

گهرجي، ڪڏهن گهر اچڻ گهرجي ۽ ڪڏهن ننڊ مان اٿڻ گهرجي. باقي جيستائين نماز پڙهڻ يا نہ پڙهڻ جو سوال آهي تہ اهو الله ۽ سندس بندي جي وچ جو معاملو آهي جنهن ۾ ڪنهن کي بہ ٽنگ اڙائڻ نہ گهرجي.

خط روانو ڪرڻ کانپوءِ انور تيجاڻيءَ مونکي چيو، "گهبرائجانءِ نہ. اجايو اڏايو اٿائون تہ بلڊنگ اصل ۾ دائود ابراهيم جي آهي. جيڪڏهن هجي بہ تہ اسان کي پرواهہ ناهي. فليٽ فرم جي نالي ليز تيل آهي. بلڊنگ ڪاميٽيءَ جي دٻاوَ ۾ هرگز نہ اچجانءِ."

چيم، "تو خط ڪجهہ سخت لکرايو آهي."

"هنن جو علاج اِهو ئي آهي. " انور چيو، "هيءَ قوم مارشل لا تي هريل آهي."

چيم، "ڪنهن ڪنهن وقت سير کي سوا سير متي ۾ لڳي ويندو آهي. "

انور کليو. چيائين، "تون فڪر نہ ڪر. هيءُ ڪلو گرامن جو دور آهي. "

خط وصول ڪرڻ کانپوءِ بلڊنگ ڪاميٽيءَ جو ڪو بہ ميمبر مون سان ملڻ نہ آيو. پر معاملو نريو نہ هو. ميمبرن جي نظر مون تي پوندي هئي تہ ٿهري نگاهن سان مون ڏانهن ڏسندا هئا. مان پنهنجي ڪم ۾ اهڙو مگن مست جو مون سندن سخت رويي جو نوٽس نہ ورتو. مون جيئن جيئن کين نظرانداز ڪيو، تيئن تيئن سندن نفرت وڌندي ويئي. سندن نفرت جو منهنجي ڪم، منهنجي صحت، منهنجي ننڊ، منهنجي آرام تي ڪو اثر نہ پيو. لڳو پئي تہ اِن ڳالهہ هنن کي وڌيڪ چڙ ڏياري ڇڏي هئي.

هڪ دفعي اسٽوڊيوز ۾ ڪم ڪندي مونکي ڪافي دير ٿي وئي. اڌ رات کان پوءِ جيئن ئي گاڏي آٽي بلڊنگ ٻاهران بيهاريم، ٻہ جانٺا جوان مون ڏانهن وڌي آيا. اڪ ڄڻي ۾ مونکي ڪنيي، پاسي کان پارڪ ڪيل ويگن ۾ ويهاري روانا ٿي ويا. ڪجهہ دير تائين مونکي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ٿي رهيو هو. مونکي ڪيڏانهن ڪٺي پئي ويا! ويگن ۾ ٻہ ٻيا ماڻهو بہ ويٺا هئا. هنن منهنجي ڪنهن سوال جو جواب نہ ڏنو. چڻ گونگن ۽ ٻوڙن سان متو پئي ماريم.

اڌ مني ڪلاڪ کانپوءِ هنن گاڏي آٽي هڪ اونداهي گهٽيءَ ۾ بيهاري. مون کي هيٺ لاٿائون. ان وچ ۾ هڪ تمام وڏي پر اجڙيل بنگلي جو لوهي در کليو. اٿ ڏهہ ٻيا هٿياربند مونکي نظر آيا. ڪنيي ڪڇڻ کان وٺي ان مهل تائين مون پاڻ کي بار بار ملامت پئي ڪئي تہ مان پاڪستان ڇا جي لاءِ موٽي آيس. ڇو آيس! رکي رکي انور تيجاڻيءَ تي ڪاوڙ پئي آئي. ڇو مونکي گهرايائين! ڇو زور ڀريائين اچڻ لاءِ!

مونکي پڪ ٿي ويئي تہ بلڊنگ

چهري تي نرمي ظاهر ٿي پيئي. منهنجو ساڄو هٿ پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهليائين. سڙٻاٽن ۾، اندر جي ڇڪ کي روڪيندي چيائين، "سر، سر عدم!"

مون تعجب وچان بدرو پنڍاريءَ ڏانهن ڏٺو. مونکي قطعي ياد نہ پئي آيو تہ هو ڪير هو.

"سر، سر مان بدرالدين پنڍاري آهيان. " بدروءَ چيو. "سر مان اوهان وٽ پڙهيو آهيان، سر عبدالله هارون اسڪول ۾. "

ايم اي ڪرڻ کانپوءِ ٻہ سال ڪن مون سر عبدالله هارون اسڪول ۾ پڙهايو هو. ان ڳالهہ کي ورهيہ ٿي ويا هئا. انيڪ شاگرد هئا. ڪي سنا تہ ڪي شرارتي، ڪي ذهين تہ ڪي جڏا. ڪي چڱا تہ ڪي لڳان. مونکي بدرو پنڍاري ياد نہ پئي آيو.

بدروءَ منهنجو هٿ نہ ڇڏيو. ڏاڍي عزت، ڏاڍي احترام سان آڻي مونکي صوفہ تي ويهاريائين. سيني هٿيارٻندن کي هال مان هليو وڃڻ لاءِ چيائين. پاڻ منهنجي پرسان، يا ٻئي صوفہ تي نہ ويٺو. پاڻ منهنجي سامهون فرش تي ويهي رهيو. اهو سڀ ڪجهہ منهنجي لاءِ حيران ڪندڙ هو. هن مونکي انيڪ حوالا ڏنا. پر تڏهن بہ هو مونکي ياد نہ پئي آيو. مان هن کي ياد رهجي ويو هوس.

اِها هئي بدرو پنڍاريءَ سان منهنجي پهرين ملاقات. هو پاڻ مونکي فليٽ تائين ڇڏڻ آيو. هيٺ جهڪي مون کان موڪلايائين. چيومانس، "بدرو، انور تيجاڻيءَ کي ڪجهہ نہ ڪجو. "

"سر، ڪجهہ نہ ڪبو. ڪجهہ نہ ٿيندو. سر، اوهين فڪر نہ ڪريو. " چيائين، "اوهين بس موٽي نہ وڃجو. "

در تائين وجي وري موٽي آيو. منهنجو ساڄو هٿ جهلي اکين سان لڳايائين. چيائين، "گستاخي ٿي ويئي آهي...وڏي گستاخي ٿي ويئي آهي. معافيءَ لائق تہ ناهيان پر مونکي معاف ڪجو. مونکي معاف ڪجو سر. مونکي خبر نہ هئي. "

منهنجو هٿ چمي بدرو پنڍاري هليو ويو.

ان رات مونکي ننڊ نہ آئي. سڄي رات مان بدرو پنڍاريءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيس. هن جي رويي مونکي حيران ڪري ڇڏيو هو. هڪ استاد جي ايڏي عزت ڪرڻ وارو ڇوڪرو گمراهہ ڪيئن ٿي ويو! سندس هٿيارٻند، گاڏيون ۽ دٻدٻو ڏسي مونکي اِهو اندازو لڳائڻ ۾ دير نہ ٿي تہ بدرو عام رواجي بدمعاش يا غنڊو نہ هو. بدرو پنڍاري هر لحاظ کان دائود ابراهيم جي ٽڪر جو ڊان هو. ڊان سمجهو ٿا نہ؟ نئون محاورو آهي، پر ڪجهہ عرصي کان پاڪستان ۾ هلي پيو آهي. جرائم جي دنيا کي ڪاروبار وانگر هلائڻ واري کي

هئا . ضرورت پوڻ تي هو سياستدانن کي سياسي مخالف مارائي ڏيندو هو.

بدرو پنڊاريءَ جي هيبتناڪ وجود ۾ چگائيءَ جي ڪا چڻنگ هئي، جنهن وچ ۾ واءُ جهڙي سندس زندگيءَ ۾ احساس جي دونهي دکائي رکي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وڏو ڪو ڏوهه ڪرڻ کان پوءِ مون وٽ هليو ايندو هو. هڪ ئي وائي وات هوندي هئس، "سر، مان چا ڪريان، مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان، هن زندگيءَ کان بيزار ٿي ويو آهيان. "

هڪ دفعي صدر ۾ سونارڪي دڪان جي قبضي لاءِ مخالف ڌر سان وڙهندي بدروءَ هٿان فٽ پاٿ تي وينل پوڙهي فقيرياڻي مارجي ويئي. بدروءَ جي آٽوميٽڪ ريوالور مان نڪتل گولين ٽڏي تي فقيرياڻيءَ کي ماري وڌو. ڪنڌ وجي فٽ پاٿ سان لڳس. منهن ميڙ ڏانهن، اکيون کليل. بدرو ويجهو ويس ته ائين لڳس چڻ فقيرياڻيءَ اکين ۾ اکيون وجهي ڏانهس پئي ڏٺو. بدرو روح تائين ڪنبي ويو.

سندس سموري ڪٿا ٻڌڻ کانپوءِ مون بدروءَ کي چيو، "تون گمراهه سان وڃي مل. ان ڏينڻ مان نڪرڻ جي توکي ڪا واٽ ڏسيندو."

"گمراهه!" نالو ٻڌي بدرو حيران ٿيو.

"نالو گياني اٿس. ماڻهو گمراهه سڏيندا اٿس. " ڪيس گمراهه جو ڏس پتو ڏيندي چيم، "نالو پنجي ويو اٿس گمراهه گياني. ورلي ڪنهن سان ملندو آهي. منهنجو هي ڪارڊ وجي ڏجانس. "

پنهنجي وزٽنگ ڪارڊ تي لکيم، "گمراهه سمجهه ته پنهنجو پٽ موڪلي رهيو آهيانءِ. ڏاڍو منجهي پيو آهي."

بدرو پنڊاري سڌو وڃي گمراهه گيانيءَ سان مليو. سربستو احوال ٻڌڻ کانپوءِ گيانيءَ مونن مان منهن ڪڍي بدروءَ ڏانهن ڏٺو، ۽ چيو، "شيطان مختلف رنگن روپن ۾ انسان کان ڀڏا ڪم ڪرائيندو آهي. تون شيطان کي ماري ڇڏ. توکي نجات ملي ويندي."

ڪجهه سوچيندي، چڻ پڪو پهه ڪندي بدرو پنڊاري اٿي بيٺو. جهڪي گمراهه گيانيءَ جا پير ڇهيائين. چيائين، "مان شيطان کي ناس ڪري ڇڏيندس."

وڃڻ لاءِ در ڏانهن وڌيو ته گمراهه گيانيءَ کانئس پڇيو، "خبر اٿئي ته شيطان ڪٿي هوندو آهي؟ "

"ها، مونکي خبر آهي." بدروءَ چيو، "مان شيطان کي تباهه ڪري ڇڏيندس."

بدروءَ ڪڙي تڙي پاسپورٽ ناهرائي ورتي. سعودي عرب جي ويزا وٺڻ ۾ به دير نه لڳس. ان کانپوءِ هڪ راڪيٽ لانچر ۽ ٻه چار راڪيٽ پاڻ سان کڻي وڃڻ جي

هٽ ايا ڪري ٻاڏائيندي ڏنو.

ڪمري جو در بند ڪري بدرو پنداري هيٺ هوٽل جي لابيءَ ۾ وڃي ويٺو. ڪائونٽر تان مقدس جاين جو بروشر ڪنيائين. لابيءَ ۾ هڪ طرف رکيل صوفہ تي ويهي بروشر پڙهي ورتائين ۽ ويڙهي سيڙهي کيسي ۾ وڌائين. هوٽل کان ٻاهر اچي بازار مان وڏي ڳوٿري خريد ڪيائين، ۽ مڪہ مڪرمہ کان ٻاهر شيطان جي ٿلهہ جو رخ ڪيائين. ڏينهن تتل نہ هو، پر پگهر ۾ شل ٿي ويو. پريان کيس جيئن ئي ٿلهہ نظر آيو، هن وڏي واڪ شيطان کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. جيتريون گاريون ياد هئس، شيطان کي ڏيندو ويو. ان دوران اوسي پاسي کان وڏا پٿر ڪٽي ڳوٿريءَ ۾ وجهندو ويو. تان جو شيطان جي ٿلهہ سان وڃي آمهون سامهون ٿيو. ڳوٿري رکي ٻنهي هٿن سان شيطان کي گهرڙي پوندا ڏنائين. پوءِ پيرن مان بوٽ لاهي، ٻئي پادر ٿلهہ کي اچلائي هنيائين. جنون وڪوڙي ويس. ڳوٿريءَ مان پٿر ڪڍي ٿلهہ تي وسائڻ لڳو. پٿر هٽي هٽي ڳوٿري خالي ڪري ڇڏيائين. پوءِ اوسي پاسي پيل پٿريون ڪٽي شيطان جي ٿلهہ کي هڻڻ شروع ڪيائين.

شيطان جي علامتي ٿلهہ کي پٿر ۽ پٿريون هڻندي سج لهي ويس. تڪجي چور ٿي پيو. پگهر ۾ ڪپڙا لتا ۽ انگ انگ آلو ٿي پيس. سج لهڻ ڪانپوءِ واپس وريو. پيرين اگهاڙو پٿرن، جبلن ۽ ٽڪرن تان هلندو رهيو. شهر تائين پير پٿون ٿي ويس. هڪ دڪان تان اسپنج جو نرم چمپل وٺي پائي ڇڏيائين. هوٽل جي لابيءَ ۾ داخل ٿيو تہ سيني حيرت وچان ڏانهس ڏٺو. رسيپشن تان پنهنجي ڪمري جي چابي ورتائين. ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ سڌو باٿ روم ۾ وڃي ڪپڙن سميت شاور هيٺان بيهي رهيو.

بدرو پنداريءَ جي باري ۾ايتريقدر تنصيل سان ڳالهيون مان ان ڪري اوهان کي ٻڌائي سگهيو آهيان جو گمراهہ گيانيءَ کيس روزانو ڊائري لکڻ جي هدايت ڪئي هئي، جيڪا کيس آئيني جو ڪم ڏيندي. هو جڏهن ڊائري اٿلائيندو، تڏهن ڊائريءَ جي آئيني ۾ کيس پنهنجي اصلي شڪل نظر ايندي. بدرو پنهنجي وصيت مطابق سموريون ڊائرون مونکي ڏيئي ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو تفصيل سان مان سندس احوال اوهان کي ٻڌائي سگهيو آهيان.

سعوديہ ۾ رهڻ لاءِ بدرو پنداريءَ وٽ پندرنهن ڏينهن جي ويزا هئي. هو پندرنهن ڏينهن لاڳيتو هوٽل جي ڪمري ۾ نيرن ڪري ڳوٿري ڪٽي شيطان کي سنگسار ڪرڻ لاءِ روانو ٿيندو هو. شيطان کي ڪچيون گاريون ۽ پوندا ڏيئي جنون ۾ ٿلهہ

ڪرائي ڏنو. ان ڪر ۾ وڏو گوڙ ٿيو. گهمسان ٿيو. عورتن ۽ ٻارن جو روڄ راڙو ٿيو. مردن جا متا ڦاٽا. بدروءَ کي پٽون پاراتا مليا.

عورتن جون آهون ۽ زاريون، ٻارن جو روڄ ۽ رڙيون، پٽون ۽ پاراتا بدروءَ جو پيڇو ڪندا رهيا. ڪيس اٿندي ويهندي، سمهندي جاڳندي پاراتن جا پڙلاءَ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. اجهن مان اتارڻ جا منظر اکين آڏو ڦري ڦري پئي آيس. ننڊ ڦٽي ويس. ماني نه وڻيس. گرهه نڙيءَ مان نه لهيس. اڻ ٽانئينڪو ٿي پيو. رکي رکي جڏهن ساهه منجهڻ لڳس، تڏهن گمراهه گيانيءَ ڏانهن ويو. سموري ڪيفيت بيان ڪرڻ کانپوءِ پڇيائين، "شيطان منهنجي جند ڇو نه ٿو ڇڏي؟"

گيانيءَ وراڻيو، "جيستائين شيطان کي نه ماريندين، تيستائين شيطان توکان پڏا ڪر ڪرائيندو رهندو. "

بدروءَ چيو، "پندرهن ڏينهن لاڳيتو مون شيطان کي سنگسار ڪيو هو."

گمراهه گيانيءَ پڇيس، "ياد اٿئي، مون توکان پڇيو هو ته خبر اٿئي ته شيطان ڪٿي آهي، تڏهن تون اهو چئي روانو ٿي ويو هئين، ته ها مونکي خبر آهي ته شيطان ڪٿي آهي. ياد اٿئي؟"

بدروءَ حيرت وچان گمراهه گيانيءَ ڏانهن ڏسندي چيو ، "ها، مونکي ياد آهي."

"پر توکي خبر نه هئي. " گياني، بدرو پنڊاريءَ جي سامهون وڃي ويٺو. سندس سيني تي هٿ رکندي چيائي، "شيطان هتي رهندو آهي. اسانجي وجود ۾ هوندو آهي."

بدرو وائڙو ٿي ويو. اتان ٻنا موڪلائڻ جي هليو ويو. پنهنجي سيني تي مکون هڻندو رهيو. پنهنجا وار پٽيندو رهيو. پاڻ کي گهرڙي پونبدا ڏيندو رهيو. اڌ رات ڌاري مون وٽ آيو. هٿ ۾ ڳوٽري هئس. ان مهل به پاڻ کي سيني تي مکون پئي هنيائين.

"هن ۾ منهنجيون ڌائريون آهن." چيائين، "موڪلائڻ آيو آهيان، وڃان ٿو."

پڇيومانس، "ڪيڏانهن؟"

وراڻيائين، "پنهنجي وجود ۾ ويٺل شيطان کي سنگسار ڪرڻ. "

پڇيم، "ڪڏهن موٽندين؟"

"چيائين، "شيطان کي ناس ڪرڻ کانپوءِ."

منهنجو هٿ چمي، مونکي پيرين پئي بدرو پنڊاري هليو ويو. ان ڳالهه کي ورهيه وهامي ويا آهن. ڪنهن کي خبر ڪونهي ته بدرو پنڊاري ڪٿي آهي.

☆☆☆☆

آهي، پر جگديش کي کپي مشڪري، سو مان ڇا ڪريان! ۽ ڪيس اها مشڪري بہ کپي سنڌيءَ ۾ جا سنڌيءَ سان ويتر مشڪري ڪرڻ آهي، پر هو اها معمولي عام فهم ڳالهہ بہ نہ ٿو سمجهي. جڏهن مان سيريس معنيٰ بردبار هوس، تڏهن مونکي مشڪرو سمجهيو ويندو هو ۽ هاڻ جڏهن مان مشڪريءَ تي لهي آيو آهيان تہ مونکي خواهمخواهہ بردبار معنيٰ سيريس ٿو ليکيو ۽ ڳڻيو وڃي.

ڪنهن مشڪري ليکڪ جي مشڪريءَ جو بيڙو ٻوڙڻو هجي تہ هن جي ليک مٿان ڇپي ڇڏيو "مزاح" . اهو مشڪرو ليکڪ پنهنجو منهن مٿو پٽيندي پاٽيهي پنهنجو موت مري ويندو. مان اهڙو موت ڪيئي ڀيرا مري چڪو آهيان. پر يا تہ مان ڇريو آهيان يا شايد منهنجو دماغ خراب آهي جو اجا مشڪريءَ تان هٿ نہ ٿو کڻان. (ڇريو هجڻ ۽ دماغ خراب هجڻ ساڳي ڳالهہ آهي، پر گهڻو ڳالهائڻ ڪري مان ڪجهہ ٽڪل آهيان ۽ سٺون هيٺ مٿي ٿيو وڃن.)

ٻہ چار ڏينهن اڳ نثار کوکر ڪي ٽي اين لاءِ انٽرويو وٺي ويو، جنهن ۾ مون گهڻو گند ڪيو جو منهنجو وات بند ٿي نہ پيو ٿئي. مون تمام گهڻي اجائي بڪ ڪئي ۽ نثار جي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي مرضي ٿي تہ ڪيس فون ڪري چوان تہ منهنجو ڇيل فلاڻو لفظ ڪاٽي ان بدران فلاڻو اکر لکي ڇڏي. هاڻ منهنجي ڏاڍي مرضي آهي تہ مان ڪنهن کي ڪو بيو بہ انٽرويو ڏيان. ريل گاڏيءَ کي جتي پهچڻو هو، اتي پهچي هاڻ موٽي پئي اچي. ڪنهن زماني ۾ مون منوج ڪمار کي انٽرويو وٺڻ کان تاهي ڇڏيو هو. مان پهرين تہ ڪندو آهيان گند، ۽ پوءِ رڙيون واڪا ڪري اهو گند پين هٿان صاف ڪرائيندو آهيان.

اڳي بہ مان ائين لکندو هوس، جيئن اج پيو لکان. بال پين سان پني تي. پر اڳي جيڪو جادو هو سو اج ناهي جو پنڊِ جي واعدي تي تہ اهڙو ٿي واهيات لکبو. منهنجي ڪن ۾ جا هيئرنگ ايڊ معنيٰ ٻڌڻ جو اوزار آهي، تنهن ۾ پيل سيل چاليهہ روپئي ملندو آهي. سو جيڪو مون سان ڳالهائڻ چاهيندو آهي، تنهن سان اهو شرط لاڳو آهي تہ هڪڙو سيل کنيو اچي. جي سٺو مذاح کپي تہ پهرين پنڊِ ڏنو ۽ سٺو ليک وٺو.

ماڻهون تہ اوهان ۽ مون جهڙو ٿي آهي، پر سندس نالو سهڻو آهي، "سوجهرو". سوجهري چيو تہ "حليم، تو سان پهرين ۽ آخري شام ملهائبي جو تون هاڻ گهڻو وقت جيئرو نہ رهندين. پر پهرين ڪجهہ پئسا ڏوڪڙ گڏ ڪري وٺان. " مون چيو تہ "پئسا ڇو؟ شام تہ پاڻ فٽ پاٿ تي

"تون تي سگهي ٿو تہ مرڻ کانپوءِ مٽي آسمان ڏي وڃين. باقي مون اڳ تہ ڪنهن کي مٽي ويندي ڪونہ ڏٺو آهي. مون تہ مرڻ کانپوءِ جنهن بہ ماڻهوءَ کي ڏٺو آهي، اهو زمين ۾ سادا ڇهہ فٽ هيٺ ويو آهي. "

☆☆☆

نان-انفارميشن ٽيڪنالوجي

اوهان کهڙيءَ بہ ٻوليءَ ۾ ڳالهايو، عربيءَ ۾ اوهان کي جواب هن ريت ملندا:

"تون ڪيئن آهين؟ "

"شڪر هئہ خدا ڪا."

"ٻار ڪيئن آهن؟ "

"ماشاءالله"

"ڪم ڪيئن پيو هلي؟ "

"الحمدالله"

"ٻاهر وڃڻ جو پروگرام آهي؟ "

"انشاءالله"

"ترقيءَ جو ڪو امڪان آهي؟ "

"جزاڪالله"

"ڪنهن جانور جو صدقو؟ "

"في سبيل الله"

"خداحافظ"

"في امان الله"

☆☆☆

## مان لفظ واپس وٺان ٿي

"مونکي توسان ڪيڏي محبت آهي، تنهنجو تون اندازو نہ ٿو ڪري سگهين". هڪڙي ڇوڪريءَ چيو.

سندس محبوب: اڄ مان ڏاڍو پريشان آهيان، ڪسٽم وارن ڇاپو هڻي منهنجو سڄو سون ضبط ڪري ڇڏيو آهي. مان لٽجي ويس ۽ هاڻ پائي پائي جو محتاب آهيان.

ڇوڪريءَ کيس ڏٺو ۽ چيو: معاف ڪجان مان پنهنجا لفظ واپس وٺان ٿي.

---

هڪ دوست ٻئي کي چيو: يار هي ڇوڪريون هڪ دفعو تہ اکين ۾ اکيون وجهي ڏسن ٿيون پر پوءِ ڦيري ڇڏين ٿيون. ان جو سبب ڇا آهي؟

ٻيو دوست: اهو ان ڪري ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ جو هر ڇوڪري جي اکين ۾ سواءِ شاديءَ جي ڪجهہ ٻيو پيغام هوندو آهي.

---

پاگل خاني جي انچارج کان هڪ اخباري نمائندي پڇيو: پاگل خاني ۾ بہ سئو پاگل رهن ٿا، جڏهن تہ انهن جي حفاظت لاءِ صرف پنج سپاهي آهن. اهو ڇو؟

پاگل خاني جو انچارج: اهي پاگل ان ڪري آهن جو اهي ٻڌي ڪري سپاهين کي ٻڌي پڇي ڪو نہ ٿا سگهن.



جيٽيءَ جي نئين پل تي آيس. جنهن کي هاڻي اسان الله جي فضل سان جناح برج سڏيندا آهيون.

آئون تڏهن تمام گهڻو خوش ٿيندو آهيان، جڏهن ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن جي روڊن ۽ رستن جي غير اسلامي نالن مان جند ڇڏائي ڪين مسلمان ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ته مسلمان ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي طور به ڪيا ويندا آهن. جيڪا ڳالهه پڻ پاڻ مسلمانن جي دل ۾ اسلامي جذبي کي وڌائيندي آهي.

ان ڏينهن مون جناح برج کان پراڻي نيٽي جيٽيءَ جي پل کي ڏٺو. اڳ مونکي ائين لڳو ڄڻ ان پراڻي منڊ کي ڏسندي منهنجي دل جي ڌڙڪي وڌي وئي هجي، پر مون تڪڙ وچان پنهنجون نظرون اتان هٽائي ڇڏيون. مون پل جي ريلنگ کان هيٺ ڏسڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ پل جي ٻنهي پاسن تي سون جي تعداد ۾ ماڻهن کي ڏٺو. ڪيئي ماڻهو ته پنهنجن ٻارن ٻچن سان گڏ آيا هئا. اهي لياري، ڪارادر ۽ ماڙيپور جي پسگردائيءَ جي علائقن ۾ رهندڙ پاڪستان جا غريب شهري هئا، جن لاءِ اها پل ۽ ان هيٺان عربي سمنڊ جو رهيل کهيل پاڻي ڪلفٽن جي ساحل جيان لڳندو هو. اهي خوش هئا ۽ سنڌن ٻار حيران.

پل تي پيا به ڪيئي منظر هئا. ڦاٿل سانٽل ڪپڙن ۾ ڪيئي ٻار اتي جا ننڍڙا چاٺا پلين ۾ رکي زوڪاٽ ڪندڙ گاڏين کان ٻچندا بچائيندا هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڊوڙي رهيا هئا. اهي ٻار رپئي ۽ ٻن رپين ۾ اهي چاٺا ماڻهن کي وڪڻي رهيا هئا، جيڪي انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي دل ئي دل ۾ دعائون گهري رهيا هئا.

هڪ پاسي ڪجهه همراهه مشين جيان ڪاڳر ۽ لفافا رکي وينا هئا. ماڻهو ڪانئن ڇنيون لڪرائي هيٺ سمنڊ ۾ اڇلائي مٿي آسمان ڏانهن نهاري ڏڪندڙ چپن ۾ ڪجهه پڙهي رهيا هئا.

مون هڪ ٻار کان رپئي ۾ هڪ چاٺو ورتو ۽ پوءِ پل جي گول چڪر ويجهو وينل هڪ منشيءَ وٽ ٻيهي رهيس. وٽس هڪ برقعو پاتل عورت هڪ جوان ڇوڪريءَ سان ٻيٺي ڪجهه لکرائي رهي هئي.

"ها، امان جا لکان! روزي ڪپي يا ڏيءُ جي شادي؟" منشيءَ پڇيو.

عورت برقعي جي اوٽ مان چيو، "الله سائينءَ کي لک ته جيڪي ڏيئرون مونکي ڏنيون آهن، تن جو وسيلو به تون ڪر!"

"ائين نه امان، خدا کي ٻاڏائبو آهي، ناراض نه ٿبو آهي."

"آئون جا ٻاڏايان!" مائيءَ هوڏ ڪئي، "اهي بوجا به هن ئي مون تي وڌا آهن، هاڻي لاهي به ته هو، نه!"

رهيس. سٽي اسٽيشن جي جڳ مشهور ڪئنٽين تي وچي چانهہ پيتم ۽ پوءِ ڪي اير سي ۽ سٽي ڪورٽ جون پراڻيون بلڊنگون ڏسندو ۽ رستي ۾ ايندڙ هر گاڏي ۽ ماڻهوءَ کي جاچيندو گهر موٽي آيو هوس.

تارن پريل آسمان کي ڏسندي مونکي ياد آيو تہ ڪيڏو نہ وقت گذري ويو آهي جو مون ڪنڌ مٿي ڪٽي آسمان ڪونہ ڏٺو هو!

پوءِ مونکي منهنجو ننڍپڻ ياد آيو، جڏهن آئون سڄيون سڄيون راتيون کليل آسمان هيٺ گذاري تارا ڳڻيندو رهندو هوس.

مون ٻڌو هو تہ ماڻهو جوانيءَ ۾ عشق ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ سڄي رات جاڳي آسمان تي تارا ڳڻيندو آهي ۽ پوءِ سڄو ڏينهن سمهندو رهندو آهي.

ننڍي هوندي بابا جي گذاري وڃڻ کانپوءِ مونکي روزيءَ پنيان پئجڻو پيو ۽ عشق واري چمار ۾ پير پائڻ کان اڳ ئي هڪ ٻي روزي منهنجي زال ٻڄي منهنجي پويان پئجي وئي. بس پوءِ مون آسمان کي ڏسڻ وساري ڇڏيو. مون تارا ڳڻيندي راتيون گهارڻ ڇڏي ڏنو. تنهنڪري آئون ڏينهن جو جاڳندو رهيس ۽ پاڻ کي ۽ گهر وارن کي جيئرو رکڻ لاءِ جتن ڪندو رهيس.

سوچيم، دنيا ۾ ماڻهن جي گهٽائي مون جهڙن جي هوندي، جيڪي ننڍپڻ ۾ آسمان ۾ ڏسن ٿا، تارا ۽ ڪتيون ڦلهورين ٿا، چانڊوڪيءَ ۾ پاڻ کي وهنجارين ٿا، مينهوڳيءَ ۾ آڪاس تي ترندڙ بادلن ۾ ڪئي چٽ ڏسن ٿا. اهي چٽ ڦٽندي ۽ نوان نهندي ڏسن ٿا، جهونگارين ٿا، مرڪن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٽهڪ ڏئي کلن ٿا، پر جوانيءَ کان اڳ ئي اهي آسمان ڏانهن نهارڻ وساري ڇڏين ٿا، چانڊوڪيءَ ۾ چرڪن ٿا ۽ مينهوڳيءَ ۾ گڏ ٿيندڙ بادلن کي ڏسي مينهن ڦڙن کان بچڻ لاءِ اجهو ڳولهين ٿا. اهي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏسڻ ڇڏي ڏين ٿا ۽ پوءِ سڄي چمار ڪنڌ نمائي گهارين ٿا ۽ پوءِ سندن ڪلها جهڪي پون ٿا ۽ نيٺ پوءِ سندن سڄو وجود.

پڪيم، "آئون اڪيلو نہ هوس، جنهن آسمان ڏسڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڪئي اهڙا آهن، بلڪ گهڻائي اسان جهڙن جي ئي آهي."

آسمان کي ڏسندي مونکي هڪ ٽٽل تارو نظر آيو ۽ مونکي ائين لڳو، ڄڻ منهنجي اندر ۾ بہ ڪجهہ پڄي پور پور ٿي ويو هجي. ننڍي هوندي آئون ٽٽل تارو ڏسي روئي پوندو هوس، سوچيندو هوس، سندس وجود جي حصي ۾ ٽوڙ ڦوڙ سان آسمان پاڻ ڪيڏي نہ تڪليف ۾ هوندو!

پوءِ وڏو ٿيس تہ خبر پئي تہ آئون بہ هڪ آسمان هوس، جنهنکي روزانو پنهنجي پور پور ٿيل وجود کي وري سميٽڻو پوندو

جي جانورن کي ڪسجندي نہ ڏسي سگھڻ جو خوف ڪيئن نہ منهنجي همدردن مون مان ختم ڪيو هو. اهي منهنجا همدرد ڪجھ وقت اڳ ئي مونکي مليا هئا ۽ هاڻي اهي ئي منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم هئا. مون بالڪپڻ جي سپني دوستن سان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجو سڀ ڪجھ انهن دوستن تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هوس. ڇو؟ انهيءَ ڪري جو انهن پڻ هڪ وڏي مقصد لاءِ پنهنجون حياتيون وقف ڪري ڇڏيون هيون. اهي مذهب جا سچا سپاهي هئا ۽ ان لاءِ پنهنجي زندگين کي ڪا اهميت نہ ڏيندا هئا.

مون جڏهن کين ٻڌايو هو تہ آئون جانورن کي ڪهجندو نہ ڏسي سگھندو آهيان تہ اهي مون تي کليا نہ هئا. منهنجن انهن دوستن مان هڪ ڄڻو اسانجو اڳواڻ آهي ۽ اسان سڀ سندس تمام گھڻي عزت ڪندا آهيون. مونکي خبر نہ آهي تہ سندس نالو ڇا آهي. حقيقت ۾ سندس ڪئين نالا آهن، جيڪي مختلف ماڻهو هن لاءِ استعمال ڪندا آهن. اسان کيس "شاهہ جي" چوندا آهيون.

تنهن ڏينهن شاهہ جي مونکي ڪنهن علائقي ۾ وٺي ويو هو ۽ چيائين، "هتي تون ڇاٽنڊين تہ جانورن کي ڪيئن ذبح ڪيو آهي!"

مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو هو. مون سوچيو تہ اتان ڀڄي نڪران ۽ ڀڄندو وڃان، پري تائين ڀڄندو وڃان. پر منهنجي اندر ويٺل ڪنهن قوت مونکي روڪي ڇڏيو هو. پوءِ مون شاهہ جيءَ کي هڪ ٻڪر ذبح ڪندي ڏٺو هو. اهو سڀ ڪجھ ڏسندي مون پنهنجي اندر ۾ هڪ رڙ ۽ پوءِ ان جي بي انت پڙاڏو ٻڌو هو ۽ ٻڌندو رهيو هوس. مونکي خبر نہ هئي تہ ان وقت منهنجي چهري تي ڪهڙا تاثر هئا، پر مونکي پنهنجي نڙي خشڪ ۽ ڇپ وڏيل محسوس ٿي هئي. اکين اڳيان ذري گھٽ اونداهہ اچي وئي هئي. مون پاڻ کي پنڊ پهڻ محسوس ڪيو هو ۽ جيستائين ذبح ٿيل جانور تڙپندو رهيو، آئون انهيءَ طرف ڏسندو رهيو هوس ۽ پوءِ بہ ڪيتري ئي دير آئون انهيءَ طرف ڏسندو رهيو هوس. مونکان تڏهن ڇرڪ نڪري ويو هو، جڏهن شاهہ جيءَ منهنجا ڪلها ڌونڌاڙيا هئا. چيو هئائين، "ڏٺئي ڪيڏو نہ سولو ڪم آهي!"

"هان..!" مون پنهنجي آواز جو پڙلاءُ پري کان ٻڌو هو ۽ ساڳي ڏسا ۾ ڏسندو رهيو هو.

"هن ڪجھ نہ ڏٺو آهي." شاهہ جيءَ مون سان گڏ بيٺل ٻين ساٿين کي چيو هو.

"ها، هن ڪجھ نہ ڏٺو آهي." ساٿين ها ۾ ڪنڌ ڌوڻيو هو.

هئي. شاهہ جيءَ ڇري آٽي وري منهنجن
هٿن ۾ ڏني هئي ۽ پوءِ منهنجي هٿ کي
پنهنجي هٿ ۾ پڪوڙي ٻڪر جي نرگهٽ
تي تڪبير هڻي هئي. شاهہ جيءَ مونکي
ايترو ويجهو ڪري ڇڏيو هو جو ٻڪر جي
نڙگهٽ مان ڦٽندڙ رت منهنجي چهري ۽
ڇاتيءَ تي اچي پيو هو.

مون ڏٺو تہ ٻڪر تڙپي رهيو هو ۽ مونکي لڳو هو تہ هاڻي آئون اوڇگارون ڏئي روئي پوندس. پر آئون پنڊ پهڻ ٿي ويو هوس. ڪجهہ دير ڪانپوءِ اسان وري ساڳي هوٽل تي موٽي آياسين ۽ شاهہ جيءَ مونکي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ چيو.

هٿ منهن ڌوئندي مونکي لڳو هو تہ ٻڪر جي رت سان ڄڻ مونکي ڪا انسيت ٿي وئي هجي. مونکي پنهنجو چهرو ڌوئيندي ڪا ڪراهت نہ ٿي. مون پنهنجن ڪپڙن تان رت جا ڇنڊا ڌوتا ۽ سوچيم. "اهي ڪپڙا آئون احتياط سان ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سنڀالي رکندس. " مونکي اهي ڪپڙا ڪنهن مزار کان مليل پڳڙن مٽ جيان لڳا ۽ محسوس ڪيم تہ اها منهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات هئي.

پوءِ مون دل ئي دل ۾ هڪ فيصلو ڪيو ۽ پاڻ کي يقين ڏياريو تہ حقيقت ۾ اها ئي منهنجي زندگي هئي ۽ ان کان اڳ جيڪو مون گذاريو هو. سو ڄڻ تہ هڪ سراب هو. ڏينهن ڏٺي جي خواب جيان هو. سچو نہ هو!

ڊاڪٽر تي پگهر مان شر تي آئون اهو سڀ سوچي مرڪي پيس ۽ سوچيم تہ شاهہ جي جهڙا عظيم انسان ڪيئن نہ سولائيءَ سان ماڻهوءَ جي اندر جي خوف کي ختم ڪن ٿا.

مونکي ياد آيو تہ ٻڪر ڪهڻ جي ٻئي ڏينهن آئون هڪ ڪڪڙ وٺي پنهنجي گهر آيو هوس ۽ سيني گهر ڀاتين سامهون ان ڪڪڙ کي مون پاڻ ڪٺو هو. اهو ڏينهن منهنجن گهر ڀاتين لاءِ هڪ ڇرڪائيندڙ ڏينهن هو. منهنجي ماءُ مونکي اچرج مان ڪڪڙ ڪهندي ڏٺو هو. منهنجي زال هيسجي وئي هئي ۽ منهنجو ڇهن سالن جو پٽ رڙيون ڪري روئڻ لڳو هو.

آئون پٽ کي روئندو ڏسي کلي پيو هوس. چيو هوم، "اهو مون رڳو تو لاءِ ڪيو آهي تہ جيئن تون مون وانگي ڊڄڻو ۽ گيدي نہ ٿئين! "

ان ڏينهن ڪانپوءِ منهنجو ڇهن سالن جو پٽ مڃاڻ جو مون کان پري پري رهڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو منهنجين اکين ۾ ڏسي رڙيون ڪري روئي ٻہ پوندو هو.

امڙ چپ ٿي وئي هئي ۽ منهنجي پياري زال جنهن جو نالو مون هاڻي روزيءَ مان مٽائي پڪو اسلامي نالو حليمہ رکيو هو. مون ڏانهن ڏسندي هر هر ڇرڪي پوندي هئي.

مون محسوس ڪيو تہ منهنجو

ڪپڙا ڪولي ڏنم. سچا گهنجيل هئا ۽ قميص جي ڪجهه حصن تي رت جا نشان هئا، پر هاڻي ڪارا ٿي ويا هئا.

پهرين سوچيم ته جيئن آهن، تيئن ئي ڪپڙا پائي ڇڏيان، پر پوءِ انهن کي استري ڪرڻ جو فيصلو ڪيم.

گهر جي مختصر ورانڊي ڏانهن ويس، جيڪو هر قسم جي ڪاٺ جي ڪٻاڙ سان ڀريل هو. اتي ئي هڪ ڪنڊ ڪپڙن کي استري ڪرڻ لاءِ مخصوص هئي. ڪپڙا استري ڪيم ته رت جا نشان اڃا به چٽا ۽ اڃا به ڪارا ٿي پيا. منجهي پيس، اهي ڪپڙا پايان يا وري پيا ڪي صاف سٿرا! ڪجهه سوچي ساڳيا ڪپڙا کڻي باٿ روم هليو ويس. وهنجي اهي ڪپڙا پائي ٻاهر نڪتس.

"هاڻي آئون پنهنجي مقدس مشن لاءِ بلڪل تيار آهيان." سوچيم ۽ انهيءَ وقت لڳم ته پگهر ٻيهر لارون ڪري وهڻ لڳو هو. ڪنبٽي اڃا ٻيٽي تي پئي هئي. مونکي پنهنجو پاڻ کان ڪجهه نفرت ٿيڻ لڳي ۽ سوچيم، ڪيڏي نه واهيات جسم جو مالڪ هوس.

"هي منهنجو جسم به ڪي اير سيءَ جو ڪُٽر آهي. اوور فلو بند ئي نه ٿو ٿئي." چيم ۽ پوءِ چاڻي ٻجهي ٽهڪ ڏئي کليس. لڳو ته اهو ٽهڪ اندر مان ڪوڙ ڦٽو هو. منهنجي ذهني حالت جيئن اڳ هئي، تيئن ئي رهي.

ٻاهر نڪرڻ کان اڳ پنهنجي ڪمري آڏو ٻيهي رهيس ۽ لڳم ته حليمه عرف روزي جلديءَ سان پنهنجيون اکيون بند ڪري پاڻ کي ستل ڏيکارڻ لڳي هئي. مونکي يقين هو ته هوءَ منهنجي چرپر کي خاموشيءَ سان ڏسي ۽ ٻڌي رهي هئي، پر هاڻي هوءَ مون کان هيسيل هئي. تنهنڪري پاڻ کي خاموش ۽ ستل ڏيکاري رهي هئي.

مون کان اڃا به نه وسريو هو ته حليمه جڏهن روزي هئي، تڏهن روز مون سان وڏنڊڙ ٻارن ۽ وڌندڙ مهنگائيءَ تي بحث ڪندي هئي ۽ ڪيس شڪايت هئي ته منهنجي آمدني گهر هلائڻ لاءِ ڪافي نه آهي، پر جنهن ڏينهن مون گهر اندر ڪڪڙ ڪٺو هو، هن مون کان شڪايت ڪرڻ ۽ مون سان وڙهڻ ڇڏي ڏنو هو.

ساڳيءَ طرح هوءَ شام جو دير سان اچڻ تي به ڪاوڙجي پوندي هئي، رسي پوندي هئي. هاڻي آئون سڄي رات به گهر نه وران ته ڪجهه نه ٿي چوي. مونکي وقت تي ماني ڏئي ٿي ۽ منهنجا ٻچا پالي ٿي. ٻيو ڇا کپي! مون ان ڪڪڙ کي دعائون ڪيون، جيڪو ڪسجي ويو، پر منهنجي زال کي نيڪ پروين بڻائي ويو. مون شاهه جيءَ کي دل کولي دعائون ڪيون ۽ دل ئي دل ۾ چيم، "مون لاءِ اهو اعزاز گهٽ نه آهي ته اڄ آئون پنهنجي محسن جي مقدس مقصد لاءِ جان جي بازي لڳائي رهيو آهيان."

آئون ڪمري اندر ويس جتي حليمه عرف روزي منهنجن ٻن پٽن سان ستل

منهنجي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز اچا وڌي ويو. پگهر اڳي جيان لارون ڪري وهندڙ هو ۽ ڪنبٽي بہ لڳم تہ ڪجهہ وڌي وئي هئي.

امان مونکي پريشانيءَ وچان ڏٺو ۽ پوءِ منهنجي ٻانهن جهلي پنهنجي ويجهو ڪيائين.

منهنجو پنل ۽ ڪنبندڙ جسم ڏسي هوءَ ڊڄي وئي. چيائين، "ڇا ٿيو آهي توکي؟ "

مون ڪوشش ڪئي تہ ڪجهہ نارمل ٿيان. ناڪام رهيس. بيزار ٿيندي چيم. "ڪجهہ نہ آهي. رات ڪارا در ۾ پڪوڙا کاڌا هئم. شايد اهي هضم ٿي نہ سگهيا آهن. "

امان پنهنجيون اکيون مون منجهہ کپائي ڇڏيون. لڳم تہ چيندڙ شعاعون هيون. سهي نہ سگهيس. ساڻس نظرون نہ ملائي سگهيس ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڌرتيءَ کي ڏسڻ لڳس.

چيائين. "ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟"

چپ رهيس. اکيون زمين ۾ کتل رهيون.

"تون انهن مئن دهشتگردن پنيان خوار ٿيو آهي، اهي تنهنجو بہ بيڙو ٻوڙندا!"

مونکي لڳو تہ ڪاوڙ وچان آئون باقاعدي ڏڪڻ لڳو هوس. پر نظرون مٿي نہ کڻي سگهيس. زبان گنگ ٿي وئي هئي، ڪجهہ چئي نہ سگهيس.

چيائين. "جڏهن کان تون هنن مئن پنيان خوار ٿيو آهين. اسان چانهہ سان لولو ڪائڻ جهڙا بہ نہ رهيا آهيون. " امان گهٽڻ ڏينهن کان چپ هئي. جڏهن خاموشي ٿياس ٿي ٿنگجندي آهي تہ تڙپندي ضرور آهي.

"توکي تہ اها بہ خبر نہ هوندي تہ تنهنجي حليمہ ڪالهہ کان بکئي پيٽ ٿي آهي. سندس تج بہ ڪڏهن آلي ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن نہ. " امام چيو ۽ روئڻ لڳي.

مونکي لڳو تہ منهنجي اندر ۾ ڪجهہ ٽٽڻ لڳو هو. ذهن توائي ٿي ويو ۽ سوچيم تہ پنهنجو ارادو مٽائي ڇڏيان. منهنجي ماءُ، منهنجي زال ۽ منهنجا ٻچا جيڪي ڪجهہ ڀوڳي رهيا هئا، ان جو سبب آئون پاڻ هوس ۽ آئون ئي کين انهيءَ حالت مان ڪڍي سگهيس ٿي.

"هي مقصد ۽ مشن اهم آهن، پر منهنجا ٻچا مون لاءِ سيني کان وڏو مقصد آهن. " سوچيم. پوءِ هڪدم اندر ڪنهن ڏورانهين ڪندر مان ڪجهہ آواز ۽ ان جا پڙاڏا اچڻ لڳا ۽ آهستي آهستي وڌندا ويا. اڳ مبهم هئا. پر پوءِ اهي آواز ۽ پڙاڏا چٽا ٿيندا ويا. آهستي آهستي اهي سيئي پڙاڏا هڪ آواز ۾ تحليل ٿيندا ويا ۽ پوءِ مون هڪ چٽو آواز ٻڌو ۽ سڃاتو. اهو شاهہ جيءَ جو آواز هو.

هن چيو، "پنهنجو مقصد، پنهنجي ذات ۽ ٻارن ٻچن کان وڌيڪ اهم ۽ مقدس آهي. "

آئون ٻڌندو رهيس.

شاهہ جيءَ وڌيڪ چيو، "تون يقينن

مسيحا ڪي نہ ڏسي پنهنجو پاڻ ۾ ڪروڌ ڙيون ٿي سمهي ٿيون رهن.

اهو سڀ سوچيندي تلخي منهنجي اندر لهي آئيءَ ڪنهن من مندر ۾ سرباٽ ڪيو. "...ءِ تون اڄ پاڻ پنهنجي هن سپنن جي شهر ڪي هڪ وڏو زخم ڏيڻ وارو آهين."

آئون وچڙي پيس. پنهنجو پاڻ سان وڙهڻ لڳس ۽ من اندر ويٺل باغيءَ کي اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس تہ جيڪو آئون ڪرڻ وارو آهيان. ان پٺيان هڪ وڏو ۽ عظيم مقصد آهي.

"اڳتي هلي ماڻهو پاڻ مڃيندا تہ مون مٿن ڪيڏو نہ وڏو احسان ڪيو آهي." سوچيم.

پر من اندر ويٺل باغي اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. پوءِ ائين لڳو ڄڻ اندر ۾ ڪي بيا بہ گهڻا باغي اڀري آيا ۽ مونکي وڏي واڪي رڙيون ڪري. منٿون ڪري ۽ روئي موٽي وڃڻ لاءِ چوڻ لڳا.

اندر ۾ جهاتي پاتم تہ ڏٺم انهن منٿن ڪندڙن ۽ روئيندڙن ۾ منهنجي ماءُ، زال، ڇهن سالن جو پٽ ۽ ڇهن مهينن جو پٽ بہ هئا. ننڍڙو مونکي ڄڻ ڇهنڻي پيو هو ۽ مونکي روڪڻ لاءِ ڳالهائڻ لڳو هو.

شور تمام وڌي ويو هو. ننڍڙو مونکي وڏيڪ ڇهنڻي ويو. مون ڪا واٽ نہ ڏني تہ ڪيس پاڻ کان جدا ڪيم ۽ پري اڇلائي ڇڏيم.

"هان. " اندر مان رڙ نڪري ويم ۽ رڪشا اڳيان لڳل لوهي گرپ جهلي ورتم.

اندر ۾ هڪ اڻ لکي خوشي ٿي تہ آئون پنهنجي اندران موٽي آيو هوس. پوءِ محسوس ٿيم تہ اڪين مان ڳوڙها هڪ قطار ۾ وهندا منهنجي پگهر سان ڳپجي ويا هئا.

"سائين توهانجي منزل اها سامهون آهي. " ڊرائيور منهنجي نڪاٽي کان ٿورو پريرو رڪشا بيهاريندي چيو.

"پر! " هن منجهندي پڇيو. "اسپتال ڪٿي آهي؟ "

آئون چپ رهيس. سندس هٿن تي سؤ جو نوٽ رکيم ۽ چلر وٺڻ کانسواءِ اڳتي وڌي ويس.

مون رڪشا کي شاهہ جيءَ جي هدايتن پٽاندر پنهنجي نڪاٽي کان ڪجهہ پري بيهاريو هو. اهو اسانجي گروپ جي حفاظتي حڪمت عمليءَ جو هڪ حصو هو تہ جيئن اهو پوليس ۽ بين اڻ وڻندڙ مخلوقن کان محفوظ رهي. ڪيئي سوڙهيون گهٽيون اورانگهي هڪ پريرو ٺهيل ڪنڊر ٽيل هڪ جهوني جاءِ آڏو اچي بيٺس. جاءِ کي تالو لڳو هو. جيڪو پڻ انگريزن جي دور جو هو.

تالي کي ٽي پيرا زورائتو در تي ڪڙڪائي پوءِ ڪجهہ ساهي پٽي بہ پيرا ڪڙڪايم. گهڙيءَ ڪن هڪ ڪنڊ تي پاسيرو ٿي بيهي رهيس تہ جيئن پريرو

تڏهن ٿيندي هئي، جڏهن ڪو ڪائنس ڪجهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ان ليک ڪي منهنجا ٻيا ساٿي مرڪ سڏيندا هئا.

مون اندر ۾ ڪجهه ٽٽي پور پور ٿيڻ جو آواز ٻڌو. وري چيم، "آئون تيار آهيان."

شاهه جي ڪياڙي ڪنهندو ۽ پوءِ سندس ڏڳهي سونهاريءَ ۾ ڪجهه ڳولهيندو رهيو. خاموشيءَ جي بظاهر مختصر وٿي اذيت جي لمحن کي طويل ڪري ڇڏيو. لڳم ته منهنجا پير هاٿي وڏندڙ ڪنبٽي برداشت نه ڪري سگهندا ۽ آئون گوڏن ڀر ڌرتيءَ تي جهڪي پوندس.

خاموشيءَ جو وقفو ختم ٿيو ۽ شاهه جي اندر ۾ پيهجي ويندڙ نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، مونکي ۽ اسان سيني کي تو ۾ ۽ تنهنجي خلوص ۾ اعتماد آهي"

باقي ساٿين هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ وري عقيدت ڀريل نظرن سان شاهه جيءَ کي ڏسڻ لڳا.

شاهه جيءَ چيو، "جيڪو سر تان سانگو لاهي ڇڏي، سو ته اڳي ئي عظيم مجاهد آهي ۽ اڄ مونکي اهو چوڻ ۾ ڪا هبڪ ناهي ته تون ان مرتبي تي پهچي چڪو آهين."

لڳم ته شاهه جيءَ جو اهو جملو مون لاءِ هن ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو تحفو هو. آئون وڏيک سنئون ٿي بيٺس ۽ عقيدت ڀريل نظرن سان پنهنجي اڳواڻ کي ڏسندو رهيس.

شاهه جي وري ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. منهنجي من ۾ هورا کورا وڌڻ لڳي. پاڻ کي مهٽو ڏيندي سوچيم ته جسم جي ڪمزوري منهنجي ارادي تي حاوي ٿي رهي آهي. پوءِ ائين لڳو ته منهنجيون ڄنگهون منهنجو ساٿ ڇڏڻ جو سانباهو ڪري رهيون آهن.

شاهه جيءَ پنهنجيون اکيون منهنجين اکين ۾ کپائي ڇڏيون. سندس اکين ۾ ڇانيل وحشت جي سٽ جهلي نه سگهيس ۽ اکيون هيٺ زمين ۾ کپائي ڇڏيم. چيائين، "تون جنهن ڪم کي ايترو سولو سمجهين ٿو، اهو اصل ۾ ايترو سولو آهي ڪونه!"

سندس جملي ۾ لڪل معنائون سمجهي نه سگهيس. ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندو رهيس.

چيائين، "گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ائين ٿيو آهي جو اسان هن ساڳئي مقصد لاءِ تو جهڙا مجاهد موڪليا ته اهي سٽ ساري نه سگهيا ۽ وچان الوپ ٿي ويا."

آئون پنهنجي جسم ۾ موجود سموري قوت لڳائي پاڻ کي سٽ وجائيندڙ ڄنگهن تي بيٺل رهڻ جي جدوجهد ڪندو رهيس.

شاهه جيءَ چيو، "هي جان جوکم ۾ وجهڻ وارو ڪم نه آهي، پر جان قربان ڪرڻ وارو مقصد آهي."

ڪنبندڙ ڄنگهن ۾ ٽٽندڙ قوت کي جائيتو ڪندي چيم، "آئون وچان پڇي نه ويندس. آئون بلڪل تيار آهيان."

شاهه جي منهنجي ڪنبندڙ ڄنگهن

بہ هوا ۾ تحليل ٿي ويندس! فنا ٿي ويندس. "

اندر جهري پيو. لڳم تہ منهنجو ڇهن مهينن جو ابهم پار وري مونکي ڇهڻي پيو هو ۽ دانهون ڪندي مونٽي وڃڻ لاءِ ڇٽي رهيو هو. هن پيري چاهيندي بہ ڪيس پاڻ ڪان ڌار ڪري پري ڦٽو نہ ڪري سگهيس. مون اندر ۾ ويٺل ابهم کي دلاسا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ڪيس سمهارڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيس يقين ڏيارڻ لڳس تہ آئون جلد ئي موٽي ايندس.

"آئون جلد ئي موٽي ايندس، پٽ! " وڏي واڪي چيم ۽ ڇرڪي پيس. شاهہ جي ۽ منهنجن بين سائين جون اکيون سواليہ نشان جيان مونکي گهوري رهيون هيون.

ماحول ۾ قبرستان جيان خاموشي ڇانئجي وئي ۽ اسان سڀ، ڪجهہ دير لاءِ هڪ ٻئي کي گهوريندي رهياسين.

شاهہ جيءَ چيو، "ها تون موٽي ايندين انور! "

ڏانهن ڏٺم، چيائين، "تون هڪ شهيد هوندين ۽ شهيد ڪڏهن مرندا ناهن!"

شاهہ جيءَ، نورخان کي گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو. هو ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو ۽ مونکي پاسي ۾ ويهڻ لاءِ اشارو ڪيائين.

سيٽ تي ويهندي ٿابڙجڻ لڳس تہ شاهہ جيءَ جهليو ۽ اندر ويهارايائين. هن وري مون ۾ نظرون کپائي ڇڏيون ۽ مون وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. چيائين،

"مونکي يقين آهي، تون پنهنجي مقصد جي تڪميل ڪندين. پنهنجن ٽن ساٿين جيان دنيا جو طلبگار ۽ پاڙي نہ ٿيندين! "

ڪنڌ مٿي ڪٽي پهريون ڀيرو سندس نظرن ۾ ڏٺم ۽ ڏسندو رهيس. مڃاڻ منهنجين اکين ۾ ڇا هو. شاهہ جيءَ نظرون زمين ۾ کپائي ڇڏيون.

اندر ۾ ان وقت شديد خواهش اڀري تہ ڪاش آئون پنهنجون اکيون ڏسي سگهان ها. پنهنجي اندر ۾ ويٺل باغيءَ کان پڇيم، "منهنجين اکين ۾ ڇا هو؟ " باغي خاموش رهيو ۽ سندس خاموشيءَ من اندر ۾ هورا ڪورا ويتر وڌائي ڇڏي

پنهنجو پاڻ سان وڙهندو رهيس ۽ خبر ئي نہ پيم تہ نور خان گاڏي ڊرائيو ڪندي آباديءَ تائين پهچي ويو هو. ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي ڏسندي پنهنجي اندر مان موٽي ٻاهر آيس!

ڪار کي هڪ موڙ تان موڙيندي نورخان مون ڏانهن ڇتائي ڏٺو. پڇيائين، "ڪيئن ٿو ڀانئين، تون اهو ڪم ڪري سگهندين؟ "

مونکي محسوس ٿيو تہ آئون اڃا بہ ڀڳهر ۾ شم هوس. ڏانهس ڏسندي ڪجهہ نہ چيم، رڳو ڪنڌ ها ڪار ۾ ڌوڻيم.

"اسان کي ڪافي وقت کان تو جهڙي ڪنهن نوجوان جي ڳولها هئي. " نورخان منهنجي ڀني ٺپريندي چيو، "تون هڪ بهادر ماڻهو آهين. "

منجهان سامهون ڏسندو رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ پڇيائين، "تنهنجي حالت ڪيئن آهي هاڻي، ڪنبڻي ڪجهه گهٽ ٿي؟ "

"ها" چيم، "پر سمجهان ٿو ته تنهنجو بدن ڪنبڻ لڳو آهي. "

زور سان کلڻ لڳو، پر سندس ٽهڪن ۾ روايتي جان نہ هئي. چيائين، "تون صفا پگهر ۾ ٻڏي ويو آهين. "

"تو پاڻ کي ڏٺو آهي. "چيم، "لڳي ٿو تہ ڪو آبشار آهي، جيڪو تو مان ڦٽي پيو آهي. "

هن گاڏيءَ کي آهستي ڪري هڪ ڪنڊ تي بيهاريو ۽ پاڻ کي ڇڪاسڻ لڳو. پگهر سندس بدن مان لارون ڪري وهڻ لڳو هو ۽ مون جيان سندس ڪپڙا بہ بنهہ پسي ويا هئا. فرق رڳو ايترو هو تہ منهنجا ڪپڙا رت هاڻا هئا ۽ سندس اجا ۽ ڪلف لڳل.

سندس چهري تي ڪو تاثر اڀريو ۽ مونکي لڳو تہ اها خوف جي جيئري جاڳندي تصوير هئي. پوءِ مونکي محسوس ٿيو تہ ڄڻ آئون ڪنهن آئيني سامهون پنهنجو عڪس ڏسي رهيو هجان!

سندس چهري ۾ چتائي ڏٺم. چيم، "مرڻ تہ آئون پيو وڃان، ڊنل تون ڇو آهين!؟"

هن بي خياليءَ ۾ پهرين هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پوءِ تکڙ وڃان نهڪر ڪيائين. چيائين، "نہ، آئون ڊنل نہ آهيان."

ڪجهہ دير بئي چٽا خاموش رهياسين. آئون کيس ڏسندو رهيس ۽ هو ونڊ اسڪرين مان ڪجهہ ڏسندو رهيو. وري چيائين، "۽ پلا آئون ڊڄندس بہ ڇو! "

چيم، "تنهنجي ڊڄڻ جو ڪو جواز ناهي. تو آڏو اجا تمام ڊگهي زندگي پئي آهي! "

هن هڪ پل جي هزارهين حصي ۾ مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري اگنيشن ۾ اجايو چابي ڦيرائڻ لڳو. چيائين، "اسانجي زندگي بہ ڪا ڊگهي نہ هوندي، ڪجهہ ڏينهن ۾ تو سان اچي ملنداسين. "

خاموشيءَ سان کيس ڏسندو رهيس.

چيائين، "اڄ تہ تو ڪل هماري باري هي! "

مونکي تمام عجب لڳو تہ نورخان، جيڪو اسانجي گروپ جو سڀ کان بهادر ۽ بي جگر ميمبر سمجهيو ويندو هو، اهو بہ ڊنل هو. سندس بدن پگهريل هو ۽ ڪنبي رهيو هو ۽ سندس ٽمائي جهڙو فنگ پٽائي جهڙو ٿي ويو هو. سندس حال مونکان گهٽ خراب نہ هو، پر آئون تہ مرڻ پئي ويس!

پڇيم، "تو مونکي اجا بہ نہ ٻڌايو آهي تہ توهانکي منهنجي ڳولها ڇو هئي؟ "

هن وري اگنيشن ۾ چابي ڦيرائي ۽ هن دفعي اهو عمل اجايو نہ هو. ڪار اسٽارٽ ٿي وئي ۽ هو ان کي هوريان هوريان مين روڊ تي ڪڍي آيو. آئون کيس

تي هٿ ڦيرائيندي منهنجي ڪنبٽي ختم ٿي وئي هئي.

نورخان چيو، ائين رڙيون ڪندين ته پنهنجو منصوبو اڌورو رهجي ويندو. پاڻ مشڪوڪ ٿي پونداسين! "

هو سامهون ڏسندو رهيو، چيائين، "پاڻ اڳ ئي پنهنجي وقت کان ڪيئي ڪلاڪ پنتي آهيون، وڌيڪ دير ڪرڻ سان اجا خرابي ٿيندي. "

اندر ۾ جهاتي پاتم، ابهم مونکي چهنٽي سڌڪڻ لڳو هو ۽ باغي چتائي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.

ڪجهه دور ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو ته جسم مان آبشار جيان وهندڙ پگهر ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي آهي. نور خان ڏانهن ڏسندي پڇيم، "اجا ڪيترو پري آهيون؟ "

"بس سامهون پي آءِ ڊي هائوس واري پل تي پهچڻ وارا آهيون، اتان ڪار تنهنجي حوالي ڪري منهنجو ڪم پورو ٿي ويندو. "

ڪار جي دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي تيزيءَ سان بدلجندڙ منظر ڏسڻ لڳس. گاڏي، مائي ڪولاچي باءِ پاس واري سگنل تي اچي بيٺي، جيڪو پنهنجي روايت موجب خراب هو ۽ هڪ ٽرئفڪ پوليس جو سپاهي هٿن جي اشارن سان ٽرئفڪ کي به ڪنٽرول ڪري رهيو هو ته ساڳئي هٿ سان پيڪڙي ڪندڙ موٽر سائيڪل وارن کي پونڊا به ڏئي رهيو هو.

سوچيم ته منهنجي زندگيءَ جون ڪجهه وڌندڙ گهڙيون هن پوليس واري جي اشاري تي ٻڌل آهن. هو جيستائين اسان کي اتان وڃڻ جو اشارو نه ڪندو، تيستائين آئون زنده رهندس. آئون اکيون ڦوٽاري پوليس واري کي ڏسندو رهيس ۽ دل ئي دل ۾ دعائون ڪيم ته هو اسان واري پاسي نه نهاري! پر جڏهن منهنجي دعا قبول نه ٿي ۽ پوليس واري هڪ موٽر سائيڪل واري کي پونڊو ڏيندي اسانکي وڃڻ جو اشارو ڪيو ته مون ٽڪائي ڪيس ٻجو ڏنو ۽ رڙ ڪري ڪيس ڪچيون گاريون ڪڍيم.

پوليس وارو ۽ نورخان ٻئي عجب وچان مونکي ڏسڻ لڳا. نور خان پڇيو، "ٽرئفڪ واري کي گاريون پيون ڏين، سڃاڻينس ٿو ڇا؟ "

آئون چپ رهيس ۽ ڪي ايم سي ريسٽ هائوس ۽ حبيب پبلڪ اسڪول ڪانپوءِ پل تي گاڏيءَ کي چڙهندو ڏٺم. پي آءِ ڊي سي هائوس واري پل جو اصل نالو لورز برج هو ۽ انگريزن جي دور ۾ ان وقت نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اتي ڊيٽ هڻڻ لاءِ ايندڙيون هيون. هاڻي هيءَ پل سڄو ڏينهن ڦٽيل ٽرئفڪ ۾ گم رهي ٿي ۽ ان هيٺان ۽ آسپاس پٺاڻن جون ڪچيون آباديون آهن، جتي ڇوڪرا ته وافر مقدار ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر ڇوڪرين بدران سوين برقعا چرندا پرندا ڏسبا آهن.

مونکي ڳرانڙي پائي سڏڪن ۾ پئجي ويو.

ٻاهر واري اهو لقاءُ ڏسي اچرج مان اندر ڏٺو. چيائين، چا ٿيو. بن ڪباب نہ تو وٽيس ڇا!؟ "

"نہ" ٻاهر واري کي چيم، "منهنجو دوست اڄ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهي ۽ کيس ڏک آهي تہ هو هاڻي تنهنجا لذيذ ڪباب کائي نہ سگهندو. "

ٻاهر واري ڪجهہ دير عجب مان ڏٺو. سرٻاٽن ۾ چيائين، "اسانکي تہ اهي ڪباب ڏني نہ ٿا وٽن ۽ هي چريو انهيءَ جي غم ۾ روئي ٿو. "

مون ٻاهر واري کي گهوري ڏٺو. هو تڪڙ مان موٽي ويو.

نورخان جا ڳوڙها اگهيم. چيم، "غم نہ ڪر منهنجا دوست! جلد ئي ٻي دنيا ۾ ملنداسين. "

هو مونکي ڏسندو رهيو. چيم، "آج هم تو ڪل تمهاري باري هي! "

هو هوريان هوريان پري ٿي پنهنجي سيٽ تي ويٺو. کيس بن ڪباب ۽ ڪولڊ ڊرنڪ ڏنم ۽ ٻئي ڇٽا خاموشيءَ سان سٽي سان ٺمٺار بن ڪباب کائڻ لڳاسين.

ڪولڊ ڊرنڪ پي نورخان ڏانهن ڏٺم. چيم، "هتي پاسي واري سڙڪ تي شهر جا مشهور پان ملن ٿا. چا خيال آهي تہ زندگيءَ ۾ آخري ڀيرو اهي پان گڏ کائون؟"

هو سامهون ڏسندو رهيو ۽ هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيائين. مون ٻاهر واري کي ٻيهر سڏ ڪيو ۽ کيس ملباري پان واري کان پان آڻڻ لاءِ چيم.

"ڪهڙو پان ڪائيندؤ؟ " ٻاهر واري پڇيو، "سستو يا مهانگو؟ "

"مهانگو پان ڪهڙو آهي؟ "

ٻاهر واري چيو، "سڀني کان مهانگي پان جو نالو آهي سهاڳ رات ۽ اهو ڏهن روپين جو آهي. "

کلي پيس. چيم، "ڏهن روپين ۾ سهاڳ رات ملي تہ ان کان وڏي عياشي ٻي ڪهڙي! "

ٻاهر واري پان آڻي ڏنا ۽ مون سندس هٿن تي سوءَ جا ٽي نوٽ رکيا. هن اچرج وچان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين، توهانجو بل رڳو سوءُ روپين جو آهي! "

"ڪيپ دي چينج. " انگريزن وانگي چيم، "پوءِ خبر ناهي اسان پاڻ ۾ ملون يا نہ!"

ٻاهر واري ڪنڌ اندر ڪري مون ڏانهن ڏٺو. اچرج ۽ خوشيءَ وچان هن سلام ڪيو ۽ پوءِ ڊوڙندو موٽي ويو. مون هڪ پان کاڌو ۽ ٻيو نورخان ڏانهن وڌايو. چيم، "سهاڳ رات جو مزو وٺ پيارا! "

نورخان مون کان پان ورتو ۽ سهاڳ رات جو مزو وٺڻ لڳو.

ٻاهر جهاتي پاتم. شام جا

رهيس. هو مون ڏانهن نـ ڏسي رهيو هو. شايد چاٽي ٻجهي!

پوءِ هڪ مني بس آئي ۽ نورخان ان ۾ چڙهي ويو. مونکي اچرج ٿيو تـ نورخان اهڙي مني بس ۾ چڙهيو هو. جنهن جي روٽ جو شاهہ جيءَ جي نڪاٽي واري علائقي سان ڪو تعلق نـ هو. پوءِ مونکي لڳو تـ نورخان صحيح گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو هو!

مونکي محسوس ٿيو تـ منهنجو جسم مان پگهر وهڻ بند ٿي چڪو هو ۽ ڪنبٽي بـ غائب ٿي چڪي هئي. مون اگنيش ۾ چابي ڦيرائي ڪار اسٽارٽ ڪئي. شيرٽن ۽ پرل ڪانٽينينٽل هوٽل جي چؤواٽي ڪان ڦرندو چيف منسٽر هائوس ڪان اڳتي ويس. ڪلفٽن فلاءِ اوور ڪان اڳ هوشنگ روڊ تي گاڏي ٽرن ڪري هڪ ڪنڊ تي بيهاري ڇڏيم. هاڻي آئون ان اهم ترين بلڊنگ ڪان ڪجهہ ئي پري هوس جنهن سان مونکي بارود سان ڀريل ڪار کي ٽڪرائڻو هو.

آئون اتي ڪافي دير تائين ترسيل رهيس ۽ اندر جي باغيءَ سان وڙهندو رهيس، پر ان وقت پاڻ کي بيوس ڇاتم، جڏهن ابهم مونکي وري ڇهٽي پيو ۽ اوڇگارون ڏئي روئڻ لڳو.

ٻاهر جهاتي پاتم. شام جي سرمئي چادر ڪاراڻجي رهي هئي ۽ روڊ تي ايندڙ ويندڙ گاڏين جون بتيون ٻري رهيون هيون. مون ڪار جون لائٽون آف ڪيون ۽ ان کي اجا اڳتي ميريٽ هوٽل واري چؤواٽي تائين ڪٽي آيس.

گاڏيءَ کي هيٺ هوٽل ڪان اڳتي هڪ ڪنڊ تي بيهاريندي مون محسوس ڪيو تـ اهم ترين بلڊنگ آڏو بيٺل پوليس چوڪيءَ ۾ چرپر ٿي هئي. ۽ ان مان هڪ پوليس واري ڪنڌ ڪڍي مونکي ڏٺو.

مون ڪيس اشاري سان چيو تـ ڪار ۾ ڪو مسئلو ٿي پيو آهي. هن جوابي اشاري سان چيو تـ ڪار کي ٿورو اڳتي وڃي بيهار!

پوليس واري جي اشاري کي نظرانداز ڪري ڪار جو در هڪدم ڪوليم ۽ روڊ پار ڪري فريئر هال تي وڃي پهتس.

پنيان هل ۽ گوڙ ٻڌم، پر آئون ڊوڙندو رهيس. ڪجهہ گولين جا ٺڪاءَ بـ ٻڌم، پر منهنجن پيرن جي زنجير ٻڌجي نـ سگهيا.

ڪافي دير ڊوڙڻ ڪانپوءِ لڳم تـ خطرو ٽري چڪو آهي. هڪ بس ۾ ويهي پنهنجي علائقي ۾ پهتس. سامهون پنهنجي گهر منجهہ جهڪي روشني ڏٺم.

ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏٺم. اتي ڪنهن بـ نئين روشن تاري جي واڌ نـ ٿي هئي.

☆☆☆

سندس وار وري اهڙا ڏنگا هئا جو ڪيترو ٻہ سٺو ڪجين، تہ بہ ڪتي جي پڇ جيان ايا ٽي بيهن! ڦٽي ڏئي ڏئي آخر اهڙو تہ ڪک ٿيندو هو جو خار منجهان ڦٽيءَ کي ٽڙڪو ڏيئي پيجي ڇڏيندو هو، پر وري پاڻ منهن متو پٽي ساڳي پڳل ڦٽيءَ سان وري وار ناهڻ شروع ڪندو هو. پنيان جوٽس جو واڪو پيو پوندو هو. چي، "اڙي! ماني ٿڌي ٿي ٿئي، ناشتو تہ ڪر. " پر مڙس سينگهار مهم کي سرانجام ڪرڻ ۾ محو، سو ڪٿي ٿو زنانو واڪو ٻڌي.

جڏهن جوٽس زور سان ڪاڪڙو ڪرڻ شروع ڪندي هئي تہ همراهہ زمين کي لت هڻي چوندو هو، "ماٺ بہ ڪر، نڪري رن! توکي رڳو مانيءَ جي لوڙ لڳي پئي آهي. ٿڌي ٿي ٿئي تہ ڦاٽ تون. " ۽ پوءِ هوءَ ڦوڪٽي جهڙو منهن ناهي ويهي رهندي هئي.

اهڙيءَ طرح مڙس هار سينگهار کان واندو ٿي ٽڙتڪڙ ۾ مانيءَ جا ٻہ چار گرهہ ڳڙڪائي اسڪول روانو ٿيندو هو.

شڪيل ميان مذڪوره خوبين کان علاوه رنگين مزاج جو مالڪ بہ هو. ڪيس شادي ٿئي اڃا سال کن مس گذريو هو تہ هو وري پنهنجون پراڻيون عادتون دهرائڻ لڳو هو. ڪنهن ڪاليج جي ڇوڪرين جي بس پنيان ناسون هڻندو تہ وري ڪڏهن ايلفنٽن اسٽريٽ ( الزيب نساءِ اسٽريٽ) مان لنگهندڙ غير ملڪي عورتن ڏانهن ڏند ڪڍيو پيو ڏسندو، پر جڏهن ڪا بہ عورت ڏانهس نظر ڪٽي بہ ڪين نهاريندي هئي ۽ پنهنجي متوالي چال ۾ هلي ويندي هئي يا وري نڪ کي موڙو ڏئي گذري ويندي هئي تہ سندس آرزوئن جو خون ٿي ويندو هو ۽ هو معصوم شڪل بنائي انهن ڏانهن تڪيندو رهندو هو، گويا ساڻس ناحق ڪيو هجين! جوٽس کي سندس انهن ڪڌن ڪرتوتن جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئي، پر ويچاري ڪري ڇا ٿي سگهي!

ها! سو اسڪول کان موٽندي گرميءَ سبب سندس چهري تي مڪيل ڪريم اچي رجهي. ائين پئي لڳو، ڄڻ مڙس موبل آئل جي ڊرم ۾ ٽٻي هڻي نڪتو هجي. گريبان ڪليل، آستين چڙهيل، پڪو لوفر ڏسڻ ۾ پئي آيو. اسڪول جي دروازي کان شتر بي مهار جيان وڏا وڏا قدم کڻندو بس اسٽاپ طرف رخ رکيائين. سندس پويان ٻارن جو هجوم هلي رهيو هو. اهو نظارو ائين معلوم ٿي رهيو هو، ڄڻڪ علامہ مشرقي خاڪسارن جي فوج وٺي مسجد شهيد گنج کي واگذار ڪرڻ وڃي رهيو هجي، پر شاهراهہ تي اچڻ بعد ٻار پنهنجن گهرن ڏانهن ٽڙي پکڙي ويا.

بس اسٽينڊ تي اڳ ۾ ئي ڪافي ڊگهي قطار بس جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهي هئي. ويتر هو بہ انجڻ جيان قطار سان لڳي بيٺو ۽ سگريٽ دکائي منهن منجهان دونهان ڪڍڻ لڳو. ٿوري وقفي بعد هڪ دوشيزه جنهن جي اکين تي ڪارو چشمو چڙهيل هو، ساڻس همدوش

"افسوس! دنيا منهنجي شڪل ۽ صورت کي ڏسي مونکان پري ڀڄي ٿي، پر ڪين ڪهڙي خبر تہ مان پنهنجي سيني ۾ هڪ محبت ڀريو دل رکان ٿو. " هن پاڻ کي ان گهڙيءَ دليپ ڪمار تصور ڪندي ٿڌي آهہ ڀري سوچيو. ايتري ۾ رستي جي ناهمواريءَ ڪري موٽر رڪشا جهٽڪو کاڌو ۽ شڪيلہ جو ڪوپر متر‌ڪي جيان اهڙو تہ زور سان سندس لونڊڙي تي لڳو جو ڪانئس چرڪ ڇڏائجي ويو ۽ ذري گهٽ رڪشا مان ٽپ ڪريو، پر شڪيلہ کيس ڪالر کان پڪڙي واپس سندس جاءِ تي ويهاريو.

هن ڏانهس شڪرگذار نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ لڳو نڪتہ چيني ڪرڻ. "ڇي، هي ڪارپوريشن وارا تہ رستن جي مرمت طرف ڪو ڌيان ئي ڪونہ ٿا ڏين. رڳو روز روز عوام تي بيجا ٽيڪسَ مڙهي حڪومت جا خزانا ڀرڻ جي فڪر ۾ لڳل آهن. " شڪيلہ بہ سندس اظهار جي تائيد ڪئي.

"شڪيلہ ئي ڀرين عورت آهي، جنهن کي منهنجي جذبن جو قدر تو ڏسجي ۽ شايد انهيءَ ڪري هوءَ مون تي ايترو مهربان آهي. " هن هڪ ڀيرو شڪيلہ ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان نهاريو ۽ وري خيالن ۾ گم ٿي ويو.

ناظم آباد پهچڻ تي هڪ هنڌ شڪيلہ ڊرائيور کي رڪشا روڪڻ لاءِ چيو. رڪشا بيني ۽ ٻئي هيٺ لٿا.

"ڪاش مان هميشہ هن جي پهلوءَ ۾ ويٺو رهان ها! " شڪيل ٿڌو ساهہ کڻي پٺ ورائي. سندس خيالن جو سلسلو ان دم ٽٽو، جڏهن شڪيلہ جا لفظ سندس دماغ ۾ گونجي اٿيا، "ڇو نہ ڪجهہ دير اوهين منهنجي گهر هلي ٽڪ ڀڃو! " شڪيلہ ڏانهن منهن ڦيريندي بادل ناخواستہ جواب ڏنائين، "خواهمخواهہ اوهانکي تڪليف ٿيندي، ورنہ ان ۾ مونکي ڪهڙو حرج آهي."

"تڪليف جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. " شڪيلہ سندس هٿ جهليندي چيو. هو سندس گهر پهتو ۽ کيس هڪ آراستہ ڪمري ۾ ويهاري شڪيلہ پڇيو، "اوهانجي ڪهڙي خدمت ڪجي. "

"اوهان پنهنجن انهن نازڪ هٿن سان جهڙي بہ خدمت مناسب سمجهو. " هن دل جهلي وراڻيو. شڪيل جي چپن تي هڪ شرارت آميز مرڪ نمودار ٿي ۽ هوءَ ڀر واري ڪمري جو پڙدو پاسيرو ڪري اندر گهڙي وئي.

شڪيل جي دماغ ۾ طرح طرح جا خيال ايرڻ لڳا، "جا! شڪيلہ اهڙي بيحيا ٿي سگهي ٿي جو هڪ اجنبي شخص کي پنهنجي گهر وني آئي آهي. نہ نہ! هن کي ضرور ڪا منهنجي ادا پسند آئي هوندي." آهستي آهستي شيطانيت مٿس غالب اچي وئي ۽ هو شڪيلہ جي آمد جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو. ٻئي طرف ڪمري ۾ شڪيلہ پنهنجن ٻن ٻائرن کي سس پس ڪري الائي جا سمجهائي رهي هئي ۽ هو دلچسپي وٺندي ڪنڌ ڌوڻي رهيا هئا. ٿوري دير بعد شڪيلہ چانهہ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي.

رينا شاهاڻي سنڌي ٻولي جي اها ليکڪا آهي، جيڪا هندستان ۾ رهي ٿي پر سنڌ ۽ سنڌي ٻولي اڄ به کين ياد آهي. سنڌس لکڻين ۾ اولهه جي ادب وانگر نواڻ ۽ چاشني آهي. پاڻ ٻاويهن ڪتابن جي ليکڪا آهي ۽ سنڌس قلم مان ناول، ڪهاڻي، مضمون، آتم ڪٿا، سفرنامو، ناٽڪ، شعر، تنقيد وغيره سڀ سرجيل آهن. سنڌ ۾ سنڌس اڻڇپيل هيءَ تحرير پيش ڪجي ٿي.

**جيڪي سنڌ کي ياد ڪن ٿا، تن کي سنڌ ڪڏهن ڪين ٿي وساري**

# دنيا گول آهي

رينا شاهاڻي

اکيون گهمايون.

پورا ست لڳا هئا. ساڍي ستين لڳي پاڇيءَ واريءَ جي اچڻ تائين ڪيئن به مون کي گهر موٽڻ گهرجي. الائي ايڏو سويل ڇو ٿي اچي هوءَ؟ مون کي پنڌ ڪرڻ ۾ ڪيڏي نه ڀڄ ڀڄ ٿي ڪرڻي پوي!



مونکي بہ تہ پنڌ ڪرڻ مهل بوٽ پائڻ گهربو هو... چمپل سان پلا ڪو پنڌ ڪندو آهي؟ هن وقت بہ بوٽ پاتو اٿم تڏهن تہ پنڌ ڪرڻ ۾ مزو پيو اچيم! هتي اسان وٽ تہ تڏڙي تڏڙي هير پيئي هلي ۽ اها بہ تازن گلن جي سڳنڌ سان مهڪيل آهي........

پر هاڻي هتي بہ جتي ڪٿي نيون اڏاوتون پيون جڙن، هن رستي تي ئي ڪيڏو تعمير جو ڪم چالو آهي! هتي هتي مزورن پنهنجي رهڻ واسطي عارضي ڇپرن جون جهوپڙيون اڏي ورتيون آهن. هيءَ مزورڻ پنهنجي ڏيءَ کي ربڙ جي پائيپ سان سنان ويني ڪرائي! ۽ مان ڪوهجي ويس....

آڳنڌ ۾ پخالي ڇٽڪار ڪرڻ آيو آهي. مون کي الائي ڪهڙي ڪيچل اچي ورتو آهي. مان پخال جي پاڻيءَ جي ڌارا هيٺان ويهي رهي آهيان. پاڻي اچلون ڏيئي منهنجي بت کي آلو ڪري رهيو آهي. مان بود ۾ پرچي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي رهي آهيان ۽ فرش تي ليٽي ليٽڙيون پائي رهي آهيان. اوچتو اميءَ جو غصي وارو لهجو منهنجي ڪنن تي پوي ٿو. هوءَ هٿ کان ڪٺي مونکي اٿاري ٿي ۽ ڌڪ اولاري ٿي! مان نادان نينگر، هن مزور مائيءَ جي ڌيءَ جيڏي، اميءَ جي غصي جو سبب سمجهي نٿي سگهان مون تہ اهڙو ڪجهہ ڪيو ئي ڪونہ. پوءِ امي ڇو مون تي ناراض ٿي آهي؟ هوءَ ٻانهن کان ڇڪي پيئي، زبردستي مون کي اندر وٺي ٿي وڃي.

"بيشرم، ڪڏهن ڏيئاٽو ڪڙ سکنديئن؟ جلدي وڃي اندران ڪپڙا مٽي اچ."

ڪپڙا مٽيندي مان سڏڪي رهي آهيان ۽ پاڻ کان پڇي رهي آهيان، "پخاليءَ جي پاڻيءَ هيٺان ويهي مون اهڙي ڪهڙي اربع خطا ڪئي، مون کي ڏاڍو مزو اچي رهيو هو! "

اڄ هيترن سالن بعد، ان ڇوڪريءَ جا آلا ڪپڙا سندس جسم سان چنبڙيل ڏسي، اميءَ جي ناراضگيءَ جو ڪارڻ سمجهہ ۾ اچي ويو. مان هن ڇوڪريءَ کان عمر ۾ وڏي هئس. ڪاش! اسانجا مائٽ ڪليءَ دل سان اسان سان ڳالهائي، اهي ڳالهيون سمجهائين ها تہ سموري ڇمار جو. مونجهارو مٽجي وڃي ها!

ان ئي زماني جي ڳالهہ آهي. گهر جو هڪ بزرگ ٻن پهرن جي ماني کائڻ کانپوءِ، پيٽ تي گول گول هٿ ڦيريندي مسخريءَ ۾ چوندو هو، "پيٽ جي بک

اڪيون مٿي ڪڇيون. ساون پنن جي وچ مان گول گول اکيون مونکي گهوري رهيون هيون. سنهڙي ڇپ ٻاهر آئي ۽ وري اندر هلي ويئي. هوا جي هلڪي جهونڪي لڳڻ سان ڪن پل ۾ هو اکين کان اوجهل ٿي ويو. ڇهرو ڏيڏر جهڙو هوس ۽ سنهڙو پيچ ڪرڙيءَ سمان. جنهن کي مون ٽارين تان ڪسڪندو ڏٺو هو.

اهو ڪهڙو جيو هو؟

ان دوران منهنجو هڪڙو قدم به کونه رکيو هو. ان اڏيت جيو جو درشن به هلندي هلندي ڪيو هوم. پنهنجي تصور ۾ ان جنتوءَ کي وڻ جي شيتل ڇايا ۾، ٽارين جي اوٽ ۾، هڪ ڏار کان ٻيءَ ڏار تي ڪڏندو ڏسي مان اڳتي وڌي رهي هئس. بجليءَ جي تارن تي ڪيتريون جهرڪيون ويٺيون آهن. ڪهڙا نه عام، رواجي ۽ ننڍڙا پکي آهن، جن ڏانهن ڪير ڌيان به ڪونه ڏيندو آهي، پر دنيا ڀر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ موجود!......

گهٽي پنڌ ڪرڻ، توڙي گهٽين جڳهين ڏسڻ بعد، مان ٿڪجي پيئي آهيان ۽ پنهنجن ساٿين کان الڳ ٿي پئرس جي مشهور باغ ٽيونيريس گارڊن جي بينچ تي ويهي رهي آهيان ۽ چوڌاري طرح طرح جي ماڻهن کي ايندو ويندو ڏسي رهي آهيان.

اوچتو منهنجي پرسان هڪ شخص لنڊي پئنٽ پهريل، پنهنجو ساڄو هٿ جهنڊي وانگر مٿي ڪنيل گذري رهيو آهي. هن جي پنيان پنيان جهرڪين جو هڪ جهنڊ زمين کان اٽڪل ڇهن سٽن فٽن جي اوچائيءَ تي اڏامندو آهستي آهستي اچي رهيو آهي. هو شخص ٿورو اڳيان وڌي اچانڪ بيهي وڃي ٿو ۽ پنهنجي وات سان "هوءِ ڪري، پنهنجو ساڄو هٿ هيٺ ڪري ٿو ۽ سڀ جون سڀ جهرڪيون (اٽڪل چاليهه پنجاهه) پٽ تي لهي پنهنجا پير ڪوڙين ٿيون. اهو شخص داد لاءِ هيڏي هوڏي نهاري ٿو. هن جون اکيون منهنجين اکين سان ٽڪرائجن ٿيون ۽ اسين ٻئي مشڪون ٿا.

هو وري اباڻوٽ ٽرن ڪري ٿو. جهنڊو مٿي ڪري هلڻ شروع ڪري ٿو. جهرڪين جي فوج وري پنهنجا ننڍڙا پنک پکيڙي پنيان پنيان اڏامڻ لڳن ٿيون. ٿورو مفاصلو طئه ڪري هو پنهنجي ساڳي ڪريا دهرائي ٿو. هن جو ٻيهڻ، هٿ هيٺ ڪري "هو" ڪرڻ ۽ سڀ جهرڪيون هيٺ.

نجيب محفوظ 1911ع ۾ مصر جي سرزمين تي جنم ورتو. هن 1934ع ۾ قاهره يونيورسٽيءَ مان فلسفي ۾ گريجوئيشن ڪئي. شاگرديءَ واري دور کان ئي هن لکڻ شروع ڪيو. تمام تڪڙو هن عوامي حلقن ۾ هڪ اعليٰ افسانه نگار ۽ ناول نگار واري حيثيت ماڻي ورتي. 1938ع ۾ هن جي مختصر ڪهاڻين جو پهريون مجموعو شايع ٿيو. هن جي ڪيترن ئي ناولن تي فلمون بہ ٺهي چڪيون آهن. هن جي شاهڪار لکڻين سبب کيس 1988ع ۾ ادب جو نوبل پرائز مليو ۽ هيٺ ڏنل ڪهاڻي هن جي هڪ ڪتاب "خدا جي دنيا" تان چونڊيل آهي. سندس اهو ڪتاب 1964ع ۾ شايع ٿيو هو. نجيب محفوظ کي دنيا جي گهڻو پڙهيو ويندڙ اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

**هڪ مولوي جنهن دين ۽ دنيا هڪ وقت هٿ ڪرڻ ٿي چاهي.**

نوبل انعام ڪهاڻي

# وسوسو

نجيب محفوظ / الطاف ملڪاڻي



باقاعدي شيخ جي درس ۾ ويهندو هو.

جيئن تہ چاچو حسنين، شيخ جو اڪيلو ٻڌندڙ هو، انڪري هن کي تمام گهڻو عزيز هو ۽ هو ان کي خوش ڪرڻ لاءِ چوندو هو تہ "چاچا حسنين! جيڪڏهن تون ائين روزانو شوق ۽ توجهہ سان هيءُ درس ٻڌندو رهندين تہ تمام جلد وڏو عالم ٿي ويندين. پوءِ ماڻهو توکان مسئلا پڇڻ ايندا ۽ ٻين آڏو تنهنجي راءِ حوالي طور پيش ڪندا. "

"اڙي شيخ صاحب ائين نہ چوءِ! " چاچو حسنين انڪساريءَ مان چوندو هو. "مان تہ اڃا توهان جو شاگرد آهيان. مونکي توهان کان گهڻو ڪجهہ سکڻو آهي. "

اڄوڪي درس جو موضوع هو...منافقت! شيخ قرآن ۽ حديث جي حوالن سان دليل ڏيندي چيو تہ اهو ماڻهو جيڪو ظاهر ۾ ڪجهہ هجي ۽ اندر ۾ ڪجهہ، دنيا ۽ آخرت ۾ سخت عذاب جو مستحق آهي. خدا ۽ ان جا ملائڪ اهڙي شخص تي لعنت ٿا وجهن. نفاق اهو بہ آهي تہ انسان جي دل ديانت کان خالي هجي...هو ڪنهن بہ شيءِ جي مخالفت يا حمايت ضمير جي مطابق نہ ڪري، پر پنهنجي ذاتي فائدي ۽ نقصان کي ڏسي ڪري...آخر ۾ شيخ صاحب خدا جي آڏو پنهنجي ڏوهن جو اعتراف ۽ توبهہ جي اظهار کي بخشش جو ذريعو قرار ڏنو ۽ صبح توڙي شام جو استغفار جي ضرورت تي زور ڏنو.

چاچي حسنين معمول موجب درس ڌيان سان ٻڌو. درس ختم ٿيو تہ هن شيخ صاحب سان هٿ ملايو ۽ موڪلائي هليو ويو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ مسجد جو خادم ۽ ٻانگو بہ شيخ صاحب کان موڪلائي هليا ويا. انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ شيخ صاحب ڪجهہ دير تائين تسبيح جا داڻا هيٺ مٿي ڪندو رهيو. پوءِ دل ۾ جي وڃڻ سبب مڙئي اچي مسجد جي ڏاڪڻي پاسي واري دريءَ وٽ بيٺو.

مسجد جي ان دريءَ مان جيڪڏهن نگاهہ کي سڌو ڪنيو وڃي تہ ڏسندڙ کي ان گهٽيءَ جو منظر چٽو نظر ايندو، جنهن ۾ پيشو ڪندڙ عورتن جا ڪوٺا هئا. اها هڪ ڊگهي ۽ سنهڙي گهٽي هئي، جنهن ۾ آمهون سامهون چانهہ جون هوٽلون، گل وڪڻڻ وارن جا دڪان، حمام ۽ ٻيا دڪان هئا. انهن مٿان ڊگهيون سوڙيون ڪوٺڙيون ۽ انهن جون بالڪوٽيون هيون. انهيءَ وقت بازار گهري ننڊ مان ڪر موڙي سجاڳ ٿيندي نظر اچي رهي هئي تہ جيئن ڪجهہ دير ڪانپوءِ هتي لهي ايندڙ خوبصورت شام جو استقبال ڪري سگهي. دريون ۽ دروازا کلي رهيا هئا. گهٽيءَ جي صفائي ۽ ڇنڪار جو ڪم جاري هو. گل وڪرو ڪندڙ، گلدستا ۽ هار جوڙڻ ۾ مشغول هئا.

ڪليل وارن سان ڪلهن تي ٽوال رکيو

هوڏانهن ڏسڻ لڳو تہ ڪير ڪيس ڏسي تہ ڪونہ رهيو آهي. ظاهر آهي، هن ڪي پنهنجي عزت بہ پيار هئي.

اتفاق سان نباديہ ان مهل اچي دريءَ ۾ بيٺي هئي. هن وري جو شيخ ڪي دريءَ ۾ بيٺل ڏٺو تہ حيرت مان مرڪڻ لڳي. هن گذريل ڏينهن تہ مڙئي شيخ سان دل لڳي ڪئي هئي، پر پائنجي پيو تہ تير نشاني تي لڳو هو. هن ڪي شيخ تي رحم اچي ويو. هن سوچيو تہ: "آهہ! ويچارو جيڪڏهن مولوي آهي تہ چا ٿيو؟ هن جي سيني ۾ بہ هڪ انسان جي دل آهي. " هن سوچيو تہ هوءَ چو نہ ان ڪي خوش ڪرڻ واري نيڪي ڪمائي! اهو سوچي هن هڪ پيرو بيهر هڪ موهيندڙ مرڪ شيخ ڏانهن اڇلائي. شيخ چرڪ پري پوئتي هٽيو ۽ "استغفرالله!" جو ورد شروع ڪيائين ۽ پوئتي هٽي ويو.

"آهہ! هي چالباز عورتون.. " هاڻي اڪثر ائين ٿيندو هو تہ نباديہ همدرديءَ تحت شيخ عبدالرب ڪي پنهنجو ديدار ڪرائيندي هئي ۽ ڏانهس مرڪن جا تير اڇليندي رهندي هئي. دل ئي دل ۾ ان ڏانهن مائل ٿيڻ باوجود "لعنتي عورت" چئي شيخ دريءَ ڪان پري هٽي ويندو هو.

هڪ جمع جي صبح جو جڏهن سمورو پاڙو ننڊ ۾ ستل هو ۽ شيخ دريءَ ڪان بيٺو هو تہ نباديہ ڪي ڏنائين ان بہ شيخ ڪي ڏٺو ۽ نباديہ جي دل ۾ خبر ناهي تہ چا هو جو اتان رڙ ڪري چيائين "يا شيخ! مونکي مٽي ۾ سور آهي. مان ڦيٽو پڙهائڻ لاءِ تو وٽ اچان ٿي. "

اهو ٻڌي شيخ عبدالرب ڏڪي ويو ۽ پنهنجي رب جي حضور ۾ پاڏائن لڳو.

"يا الله! اها دوزخي عورت پلا چو منهنجي پنيان پئجي وئي آهي! " پر هن جي دل ايندڙ لمحن جي سرور سبب تيز ڌڙڪي رهي هئي ۽ هن جون نظرون بي تابيءَ سان دروازي ۾ ڪتل هيون...پر نباديہ نہ آئي. ڪيس شلدار دلال پنهنجي چوباري ڪان هيٺ ايندي ڏسي ورتو هو.شيخ جي عزت جي خيال ڪان هن بہ گهر اڳيان هلي حسن نالي جي هڪ بي روزگار نوجوان جي در کڙڪايو......۽ جڏهن ڪافي انتظار ڪانپوءِ بہ نباديہ نہ آئي تہ شيخ اطمينان جو ساهہ کنيو ۽ آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين، "يا الله! تنهنجو ڪرم آهي. تو مونکي انهيءَ لعنتي عورت جي شر ڪان محفوظ رکيو. "

پر ان ڪان ٻئي ڏينهن صبح سوير جڏهن نباديہ، شيخ جي حجري ۾ اچي نڪتي تہ گهر آئي نعمت کي موٽائڻ جو ڪفر هن نہ ڪيو ۽ هن بنا دير نباديہ مٿان اهو ظاهر ڪيو تہ چڻ هو در تي آيل ڪنهن سواليءَ کي خالي موٽائڻ گناهہ ڪبيره سمجهي ٿو...!

انسپيڪٽر جنرل پاڻ بہ ظالم قسم جو ماڻهو هو ۽ هن جو امامن سان رويو بہ هڪ رعونت وارو هو. هن سمورن مدرسن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو. هر مسجد تي هن پهرو لڳرائي ڇڏيو هو. انهيءَ جي موجودگيءَ ۾ مذهبي اڳواڻ بيوس ٿي ويا هئا ۽ انهن کي هر وقت حڪومتي عتاب ۽ عذاب جو خوف رهڻ لڳو هو.

امام خدا جي پناهہ وٺڻ لاءِ ڪجهہ دعائن کي ڇپن ئي ڇپن ۾ پڙهيو. پوءِ ڪارو جبو ۽ ڪاري پڳ مٿي تي پائي خدا جي آسري تي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿيو.

انسپيڪٽر جنرل جي آفيس ٻاهران تر ڇڻڻ جي جاءِ بہ ڪانہ هئي. ايترن مسجدن جي امام گڏ ٿيا هئا ۽ سرباڻن ۾ هڪ ٻئي کان پڇي رهيا هئا تہ ڇو هنن کي هت گهرايو ويو آهي؟

نيٺ انتظار ختم ٿيو. انسپيڪٽر جنرل هنن کي اندر سڏ ڪيو. ڪمرو ننڍو هو ۽ ماڻهن جو تعداد وڏيڪ هو.

سڀ کان پهرين هن روايتي انداز ۾ خوش مرحبا ڪئي. امامن جا مسئلا ٻڌا ۽ پوءِ ڪجهہ دير لاءِ مانار ڇانئجي وئي. هاڻي سمورن جو ڌيان انسپيڪٽر جنرل ڏانهن هو اهي هن کان ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ بيچين هئا. انسپيڪٽر جنرل خاموشيءَ سان واري واري سان سمورن امامن جي چهري جو جائزو ورتو. پوءِ انهن جي تعريف ۽ توصيف ڪئي ۽ پوءِ پنهنجيي پٺيان ڀت تي لڳل تصوير ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "شخصيت ۽ شاهي خاندان جي طرف کان اسان تي جيڪي ذميواريون لاڳو ٿين ٿيون، هيءُ اجلاس ان سلسلي ۾ گهرايو ويو آهي. اسانکي موجوده حڪومت جي مدد ڪرڻي آهي. "

ڪوڙ سارن ٻڌندڙن پنهنجي اندر ۾ بيچينيءَ جي لهر محسوس ڪئي، پر پنهنجا تاثر ظاهر نہ ڪيا. انسپيڪٽر جنرل پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

"اسان جي ۽ هن شخصيت جي وچ ۾ جيڪو مضبوط ناتو آهي، اهو بيان جو محتاج ناهي. اهو وفاداريءَ جو معاملو آهي ۽ انهيءَ جي تاريخ گواهہ آهي. "

ٻڌندڙن جا چهرا پنهنجي اندروني جذبن جي بيچينيءَ کي لڪائڻ لاءِ عجيب و غريب ٿي ويا هئا. انسپيڪٽر جنرل ڳالهہ جاري رکندي چيو، "توهانکي خبر آهي تہ ملڪ نازڪ صورتحال مان گذري رهيو آهي ۽ هن وقت توهانجي وفا جو امتحان آهي. "

هاڻي تہ وينلن جي بيچيني عروج تي پهچي چڪو هئي.

".....توهانکي گهرجي تہ ملڪ ۾ وڳوڙ ڦهلائيندڙن جي نشاندهي ڪيو...ملڪ جي امن ۽ سڪون کي تباهہ ڪندڙ باغين جو ساٿ نہ ڏيو تہ جيئن حڪومت مضبوط بنيادن تي قائم رهي

چوري وري ان کي تحفا ڏيندي ٿي وتي. "

شلدام زور سان ٽيبل تي مڪ وهائيندي ڪاوڙ ۾ چيو.

شلدام جي ساٿين جي چهري تي اهڙا تاثر تري آيا ڄڻ اهي شلدام جي ڳالهه سان متفق ٿي ويا هجن.

"سوئر جو پٽ عين انهيءَ ٽائيم تي تو اچي، جڏهن محفل عروج تي هوندي آهي ۽ هوءَ ڪتي به سرور ۾ هوندي آهي. " هو ڳالهائيندو رهيو، "توهان ان جو اچ انتظار ڪيو، جيئن ئي هو اچي ته ان کي گهيري ونجوءَ پوءِ مان چاڻان ۽ منهنجو ڪم. "

انهن هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيا ۽ پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

مغرب جي نماز ڪانپوءِ شيخ عبدالرب سان ملڻ لاءِ سنڌس مدرسي جا ٻه ساٿي آيا. انهن مان هڪ امام خالد ۽ ٻيو امام مبارڪ هو. انهن شيخ کي اها ڏک ڀري خبر ٻڌائي ته ڪوڙ سارن امامن کي سرڪار جو ساٿ نه ڏيڻ جي ڪري نوڪريءَ مان خارج ڪيو ويو آهي.

"عبادت گاهون انهيءَ لاءِ نه تعمير ناهن ڪيون وينديون ته انهن کي سياست جو اکاڙو بنائجي ۽ جابر حاڪمن جي حمايت ڪئي وڃي ۽ عوام کي گمراهه ڪيو وڃي. "

شيخ عبدالرب پنهنجي اندر ۾ هڪ اڻ وڻندڙ لهر محسوس ڪئي. هن خالد کي چيو، "تون چا ٿو چاهين ته چا اسان بکن ۽ فاقن ۾ مري وڃون؟ "

ڪجهه گهڙين لاءِ ڳنڀير خاموشي چانئجي وئي ۽ پوءِ گرماگرم بحث شروع ٿي ويو. شيخ عبدالرب وٽ ڪو معقول دليل ڪونه هو، پر پوءِ به هن هار قبول نه ڪئي. هن پنهنجن دوستن آڏو پاڻ کي شرمندگيءَ کان بچائڻ لاءِ چيو، "ٺيڪ آهي توهان وٽ دليل آهن، پر هتي معاملو متنازعه آهي ۽ متنازعه مسئلي ۾ ڪنهن به هڪ ڌر کي حق تي نه ٿو چئي سگهجي."

امام خالد، شيخ جا خيال جو ٻڌا نه حيرت مان هن جو وات ڦاٽي ويو. هن وڌيڪ بحث فضول سمجهي ماٺ ڪئي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو، پر امام مبارڪ کان رهيو نه ٿيو ۽ هو پنهنجي خاص جوشيلي انداز ۾ ڦاٽي پيو، "جيڪا ڳالهه تون چوين پيو، اها ڪڏهن به حق نه ٿي ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح ته اسانکي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر خلاف هلڻو پوندو. "

ڳالهه سچ هئي، سو هن جي ضمير ۾ ڪنڊي جيان چڀي وئي، پر پنهنجي ضمير جي خلاف ڪم ڪرڻ جي تلخيءَ سنڌس ڪاوڙ کي مبارڪ مٿان اچان وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو، "توهان غلط چئي رهيا آهيو؟ "

گهر ۾ اونده ڇانئجي وئي. هر طرف گوڙ ۽ رڙيون پئجي ويون. انهيءَ ڀڄ ڊوڙ ۽ هل هنگامي دوران هڪ عورت جي خوفناڪ رڙ اونده جو سينو چيريندي فضا ۾ بلند ٿي وئي. پوءِ وري هڪ مرد جي اذيت ڀري رڙ بلند ٿي. جلد ئي گهر خالي ٿي ويو. هاڻي اتي رڳو ٻه لاش پيا هئا. نباديه ۽ حسن جا لاش!!

☆☆☆

ٻئي ڏينهن تي جمع هو. جڏهن جمعي جي نماز جو وقت ويجهو آيو ته مسجد عام نمازين سان ڀرجي وئي. جمعي ڏينهن عام ڏينهن جي ڀيٽ ۾ ماڻهو وڌيڪ ايندا هئا. جو قاهره جي ڀهراڙيءَ جا ماڻهو به هتي اچي نماز پڙهندا هئا. قرآن پاڪ جي تلاوت کانپوءِ شيخ عبدالرب اٿي بيٺو ۽ واعظ شروع ڪيائين. جڏهن هن واعظ جو رخ ملڪي سياست ڏانهن ڪيو ته ماڻهو حيران ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن جي چهرن جا تاثر اهو ٻڌائي رهيا هئا ته انهن کي شيخ جون ڳالهيون ناگوار گذري رهيون هيون. ماڻهن کي هن جون ڳالهيون سنيون نه لڳنديون. ان جو شيخ کي ڪجهه قدر اڳي ئي اندازو هو. پر ايتريون خراب لڳنديون. اهو شيخ کي اندازو نه هو جو جڏهن هن انقلابين جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ انهن جي مذمت ڪئي ۽ چيائين ته اهي ماڻهن کي اجايو صالح حڪمران خلاف ڀڙڪائي رهيا آهن ته مسجد ۾ احتجاجي ڀڻ ڀڻ زور وٺي وئي ۽ ماڻهو اٿي بيهي شيخ جي مذمت ڪرڻ لڳا. مسجد ۾ سادي لباس ۾ ڪيترائي پوليس وارا به موجود هئا. انهن، انقلابين جي حمايت ڪندڙ ماڻهن کي پڪڙڻ شروع ڪيو. جنهن تان جهيڙو وڌي ويو. نمازي مسجد مان ٻاهر نڪري آيا ۽ حڪومت خلاف نعرا هڻڻ لڳا. اهو ڏسي شيخ وقت کان اڳ جماعت ڪرڻي ڪئي ۽ نماز پڙهائڻ لڳو. هن جي اها ترڪيب ڪامياب وئي. ماڻهو مجبورن صفون ٺاهي هٿ ٻڌي بيهي رهيا ۽ ائين جهيڙو ٽري ويو.

هڪ پاسي مسجد ۾ نماز ٿي رهي هئي ته ٻئي پاسي انهيءَ گهڙيءَ ۾ واقعي ثمره طوائف پنهنجي گهر ۾ پنهنجي هڪ گراهڪ سان وقت گذاري رهي هئي. ثمره پنهنجي بستري تي ويٺي هئي ۽ ڪيس اڌ اگهاڙو لباس پاتل هو. سندس سامهون هڪ گراهڪ ويٺل هئـ، جيڪو شراب پي رهيو هو. ان جون نظرون هر هر ثمره جي جسم جو طواف ڪري رهيون هيون. شراب جو نشو چڙهڻ کان پوءِ ثمره جي گراهڪ باقاعده هن سان ڇيڙڇاڙ شروع ڪئي. هاڻي شراب جو جام چپن سان لڳائڻ بدران هو ثمره جي چپن مان شراب جا ڍڪ ڀري رهيو هو جو مسجد مان ايندڙ قرئت جو آواز هن کي ثمره کان پري ٿيڻ تي مجبور ڪيو.

جيڪڏهن پوليس اتي موجود نہ هجي ها تہ شيخ کي باغين کان جان جو خطرو هو. ان سموري ڊڪ ڊوڙ جو مقصد عهدو حاصل ڪرڻ هو. اڄ جڏهن ٽيهريءَ جو وقت ٿيو تہ درس ۾ هن جو هڪ بہ پڙهندڙ موجود ڪونہ هو. هن مسجد جي گيٽ وٽ بيهي گهٽيءَ ۾ نهاريو تہ چاچو حسنين هن کي ڪم ۾ مصروف نظر آيو. هو تلهي تي لڳل مشين مان ڪمند جو رس ڪڍي رهيو هو. اهو سمجهندي تہ شايد ڪم سبب حسنين کان متان درس جو وقت وسري ويو هجي، سو شيخ مسجد کان ڪجهہ قدم ٻاهر نڪري هن کي سڏ ڪيو.

"چاچا حسنين، درس جو وقت ٿي ويو آهي. "

چاچي حسنين هڪ ڀيرو سڏ تي ڪنڌ مٿي کڻي ڏٺو ۽ پوءِ نفرت ڀريل نگاهن سان شيخ کي ڏسي نظرون ڦيري پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. شيخ شرمندو ٿي دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳو تہ اجايو هن کي سڏ ڪيائين. چپن ئي چپن ۾ حسنين کي گاريون ڏيندو شيخ واپس مسجد ۾ هليو ويو.

☆☆☆

فجر جي وقت بانگو مناري تي چڙهيو. اڃا ڪافي اونده هئي. هلڪي ٿڌ بہ هئي. اڃا بانگي پهرين الله اڪبر جي صدا بلند ڪئي تہ سموري فضا جنگي سائرن جي آواز سان گونججي اٿي . مؤذن جي دل بہ زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هن دل ئي دل ۾ خدا کان امن ۽ سلامتيءَ جي دعا گهري ۽ بانگ پوري ڪرڻ لاءِ سائرن جي ماٺار جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن کان اٽليءَ وارن، اتحادين خلاف جنگ ۾ ٽپڻ جو اعلان ڪيو هو، مصر لاءِ خطرو وڌي ويو هو.

سائرن ماٺ ٿيو تہ بانگي وري بانگ ڏيڻ شروع ڪئي.

"الله اڪبر! الله اڪبر! " هن جي آواز ۾ تمام گهڻو سوز هو.

اوچتو هڪ تيز ڌماڪي جو آواز آيو ۽ بانگي جو آواز انهيءَ ڌماڪي ۾ ٻڏي ويو. هو پنهنجي جاءِ تي ٻت بڻجي بيهي رهيو. هن جي اکين گهڻو پري باهہ جي شعلن کي ڀڙڪندي ڏٺو. هو ٿڙٿڪڙ ۾ بانگ پووري ڪري ٿڙندڙ قدمن سان هيٺ لهي آيو.

مسجد ۾ اونده ڇانئجي وئي هئي. ڪجهہ ماڻهو موجود هئا. مسجد جي خادمن جي سرٻاڻ تي هو انهن جي ويجهو پهتو.

"حضرات! هن ڀيري معاملو ڏاڍو سنجيده آهي. " هن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو. "هاڻي اسانکي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. "

"اجتماعي تہ خاني واري پناهہ گاهہ هتان کان تمام گهڻي پري آهي. "

امام موٽ ۾ چيو، "۽ اسان جي پهچڻ تائين اها آهہ و پڪار ڪندڙ عوام سان

"حضرت صاحب! توهان ماٺ ڪري نہ ٿا ويهي سگهو! " ٻيا ماڻهو بہ شيخ خلاف ٿي ويا ۽ شيخ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. پانڪي اڳتي وڌي شيخ جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو. "حضرت ماٺ ڪيو. مان توهان کي هٿ ٺو ٻڌان. في الحال هنن کي ڪو جواب نہ ڏيو. "

شيخ ٻڏل آواز ۾ چيو. "ڇا تون ان ڳالهہ کي ٺيڪ ٿو سمجهين تہ مسجد هنن جهڙن ماڻهن لاءِ پناهہ گاهہ بنجي؟ "

"پر هنن وٽ ٻيو ڪا متبادل جاءِ بہ تہ ڪانهي! " پانڪي، ماڻهن جي حمايت ڪئي. "ڇا توهانکي خبر ڪانهي تہ هيءُ پاڙو انتهائي پراڻو آهي ۽ هتي سمورا گهر ٽٽل ڦٽل ۽ انتهائي پراڻا آهن. ڌماڪن سبب انهن گهرن جون ديوارون لڏڻ لڳن ٿيون ۽ ڪو بہ گهر ڪنهن بہ پل ڊهي سگهي ٿو. "

شيخ پنهنجي هٿ جي ترڻيءَ تي مڪ هڻندي چيو. " ڪاش! مان هنن لعنتي ماڻهن کي هتان ڪڍي سگهان ها. مان ائين انهن بدافعالن کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهان. "

ويجهو ئي هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو. انهن جون دليون ڏڪي ويون. اهو ڌماڪو ميدان الخازن وٽ ٿيو هو. روشنيءَ جو هڪ گولو چمڪيو. جنهن هڪ پل لاءِ سيني جي چهرن کي روشن ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ وري اوندهہ ڇانئجي وئي.

فضا ۾ جهازن جو گوڙ گونججي رهيو هو. عورتون ۽ ٻار رڙيون ڪرڻ لڳا. شيخ عبدالرب بہ پنهنجي رڙ ضبط نہ ڪري سگهيو هو. هو هوش وڃائي ويٺو هو ۽ بدحواس ٿي ٻاهرئين دروازي ڏانهن ڊوڙيو. مسجد جو خادم بہ سندس پٺيان هو ۽ هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر شيخ عبدالرب ويڙهہ واري انداز ۾ ان کي ٻاڻ ڪان پري ڪندي چيو. "بيوقوفو! ان ڪان پهرين جو گهڻي دير ٿي، توهان مون سان گڏ ٻاهر هلو.....!"

اهو چئي وري هو ڊوڙندو ٻاهر نڪري ويو تہ. "خدا هنن سمورن کي شايد ڪنهن مصلحت هيٺ هت گڏ ڪيو آهي. ڪا مصيبت هتي اچڻي آهي. "

شيخ جي ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ فضائي حملو وڌيڪ پنجن منٽن تائين جاري رهيو. انهيءَ وچ ۾ ٻہ چار بم پرسان ئي ڪريا. ان ڪانپوءِ مانار ڇانئجي وئي. اڌ ڪلاڪ بعد حملي جي بند ٿيڻ جو سائرن وڄايو ويو. اوندهہ جي ميري چادر مان آهستي آهستي پرهہ جي نرمل روشني ڦٽي رهي هئي. صبح جي هلڪي روشنيءَ ۾ مسجد کان ڪجهہ پريرو پيشہ ور عورتن جي گهٽيءَ جي وچ ۾ شيخ عبدالرب جو لاش پيو هو. هن جو وجود بم جا ٽڪرا لڳڻ سبب پروڻ ٿي چڪو هو.

☆☆☆

ڪهڙن ماڻهن کان لنوائجي؟ ٽيون ۽ آخري سوال تہ سڀ کان وڏيڪ اهو اهم ڪم ڪهڙوسمجهجي ، جنهن کي پهرين سرانجام ڏجي؟

سڄي ملڪ ۾ اهو پڙهو گهمايو ويو تہ جنهن بہ انهن سوالن جا جواب صحيح طور ڏئي ورتا، ان کي وڏي انعام سان نوازيوويندو.

ڪيترائي ڄاڻو ماڻهو ان سلسلي ۾ بادشاهہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پر سڀني جا جواب مختلف هئا.

پهرئين سوال جي جواب ۾ ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ هر ڪم لاءِ صحيح وقت جي يقين ڪرڻ واسطي پهرين ڏينهن، مهينن ۽ سالن جو چارٽ ترتيب ڏجي، جنهن تي پوءِ سختيءَ سان ڪاربند رهجي. ائين ڪرڻ سان ئي دراصل ڪم لاءِ صحيح وقت جو يقين ٿي سگهندو. ٻين جو خيال هو تہ ڪنهن بہ ڪم لاءِ صحيح وقت جي چونڊ ڪرڻ ناممڪن آهي، پر اجاين مشغلن ۾ وقت ضايع ڪرڻ بنا جيڪو ڪجهہ سامهون ٿي رهيو هجي، ان تي توجهہ ڏجي ۽ ڏسجي تہ بهتر ڪهڙو ڪم ٿي سگهي. ڪجهہ ماڻهن جو وري اهو رايو هو تہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ لاءِ صحيح وقت جو انتخاب ڪرڻ سراسر ناممڪن آهي. ان لاءِ ان کي "سياڻن ماڻهن جي ڪائونسل" ناهي اهو ڪم ان جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ڪي تہ وري ان راءِ جي بنهہ ابتڙ هئا. انهن جو چوڻ هو تہ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ واسطي ان ڪائونسل جي فيصلي جي انتظار ۾ نہ ويهي رهجي، پر جيڪو سمجهہ ۾ اچي، تنهن مٿان ترت عمل ڪجي. بهرحال، ترت عمل واسطي ضروري آهي تہ اها خبر اڳواٽ هجي تہ اڳتي ڇا ٿيندو، جنهن لاءِ وري لازمي طور تي جادوگرن جي ضرورت پوندي ۽ پوءِ انهن کان صلاح ۽ مشورو وٺڻ ضروري هوندو.

ٻئي سوال جي جواب لاءِ بہ مختلف قسم جا رايا ۽ ويچار هئا. ڪن ماڻهن ڪائونسلرن کي تہ ڪن پادرين کي تہ ڪن وري ڊاڪٽرن کي مناسب ماڻهو قرار ڏنو، جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهن جي راءِ ۾ جنگي ماڻهو اهم هئا.

ٽئين سوال جي جواب لاءِ ڪنهن سائنس کي، تہ ڪنهن جنگ ۾ مهارت کي، تہ ڪنهن وري مذهبي عبادت کي اهم ڏنڌو قرار ڏنو.

جيئن تہ سڀئي جواب مختلف هئا، تنهنڪري بادشاهہ ڪنهن بہ جواب کي نہ قبوليو ۽ نہ ئي ڪنهن کي انعام ڏنو. دل ۾ خواهش رکندي تہ انهن سوالن جا مناسب جواب ڳولهجن، هن هڪ سنياسيءَ سان ملڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي ذهانت جي هاڪ پري پري تائين ڦهليل هئي.

اهو سنياسي هڪ ڪڪائين جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. هن جو ميل جول عام ماڻهن سان ئي هوندو هو. تنهنڪري بادشاهہ سادي پوشاڪ پهري عام ماڻهو بڻجي هن وٽ پهتو. گهوڙي تان هيٺ لهي، هن پنهنجي

شخص جي پير ۾ ليٽي پيو. ننڍ مان اٿي، بادشاهه اجنبي شخص ڏي ڏٺو.
"مونکي معاف ڪر! " ان شخص بادشاهه کي چيو.
"ڇا لاءِ!؟" بادشاهه پڇيو. "مان ته توکي سڃاڻان به ڪونه ٿو! "
"پر مان توکي چڱيءَ ريت سڃاڻان. " اجنبي شخص وراڻيو. "مان تنهنجو دشمن آهيان. جنهن پنهنجي ڀاءُ جي موت ۽ ان جي ملڪيت لاءِ توکان بدلو وٺڻ جو قسم ڪنيو هو. تو منهنجي ڀاءُ کي ڦاهي ڏياري ۽ سندس ملڪيت تي قبضو ڪيو. مونکي ڄاڻ پئي ته تون سنياسيءَ سان ملڻ لاءِ جهوپڙيءَ ۾ اڪيلو داخل ٿيو آهين ۽ مان ٻاهر تنهنجي واپسيءَ جو انتظار ڪري رهيو هوس. سڄو ڏينهن گذري ويو. پر تون واپس نه آئين. مان جهاڙين مان ٻاهر لڪي نڪتس. پر تنهنجي پهريدار مونکي ڏسي ورتو. محافظ مونکي سڃاڻي ورتو ۽ زخمي ڪري وڌائين. مان ڀڄي هتي پهتس. جي تون منهنجي رت کي بند نه ڪرين ها ته جيڪر مان مري وڃان ها. مون توکي مارڻ چاهيو ۽ موٽ ۾ تو مونکي بچايو. جي تون چاهين ته مان پنهنجي سڄي اهل و عيال سميت تنهنجو هميشه لاءِ غلام بڻجي رهندس! مونکي معاف ڪر! "
بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ته ڪيئن هڪ دشمن سندس دوست بڻجي ويو هو. هن ڪيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ گڏوگڏ علاج ڪرائڻ جي خاطريءَ ڪانسواءِ سندس ڀاءُ جي ملڪيت به بحال ڪري ڏيڻ جو واعدو ڪيائينس.
بادشاهه هاڻي سنياسيءَ طرف ڏٺو. جيڪو ڪوٽيل زمين ۾ ٻج ڇٽي رهيو هو.
"اي سياڻا ماڻهو! مان آخري ڀيرو توکان پنهنجن سوالن جا جواب ٿو پڇان. " بادشاهه چيو.
"توکي پنهنجن ٽنهي سوالن جا جواب ملي چڪا آهن. " سنياسيءَ کيس ورندي ڏني.
"ڪيئن؟ ڇا مطلب؟ "
"ٿورو سوچ ته سهي" سنياسيءَ جواب ڏنو. "جي تون منهنجي ڪمزوريءَ تي رحم ۽ ترس نه کائين ها ۽ زمين نه کوٽين ها ته ان اجنبي شخص هٿان قتل ٿي وڃين ها. تنهنڪري تنهنجي لاءِ مناسب وقت زمين کوٽڻ وارو وقت هو ۽ مان اهم شخص هوس. جڏهن ته مون سان ڀلائي ڪرڻ تنهنجو اهم ڪم هو. ان ڪانپوءِ جڏهن اهو شخص اسان ڏي ڊوڙيو ته تنهنجي لاءِ مناسب وقت ان جي زخم جي سار سنڀال لهڻ وارو وقت هو. نه ته اهو مري وڃي ها ۽ توسان ناهه نه ڪري ها. تنهنڪري اهو اهم ماڻهو هو ۽ جيڪا ڀلائي تو هن لاءِ ڪئي، اهو تنهنجو اهم فريضو هو. ياد رک، مناسب وقت اهو آهي، جنهن وقت اسانکي ڪا طاقت يا قوت هوندي ۽ اسان ان کي ڪنهن جي ڀلي لاءِ استعمال ڪندا آهيون. سڀ کان اهم ماڻهو اهو آهي، جنهن سان تون ان وقت گڏ آهين ۽ اهم ڪم ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ آهي، جنهن لاءِ انسان کي هن دنيا ۾ آندو ويو آهي. "



هن وٽ کو بيو وسيلو هو. پر تنهن هوندي بہ هن جي اندر منجهان هڪ آواز اڀريو پئي تہ ڪيس پنهنجي دشمنن جي خلاف جنگ ڪي هر صورت ۾ ڪٽڻو هو: "مان پنهنجن دشمنن کي اهڙو تہ سبق سيکاريندس جو هو عمر ڀر ياد رکندا" ۽ ان انتقام وٺڻ لاءِ وٽس ڪجهہ بہ ڪو نہ هو، سواءِ سندس اندر جي ٻرندڙ باہ جي.

رکي رکي هن سوچيو پئي تہ ڪيس بہ ان نموني زندگيءَ جي جنگ جيتڻي هئي، جيئن سندن ابن ڏاڏن جيتي هئي. هن جي جسم جي اندر انگريز، آئرش، ۽ اسڪاٽ لينڊ وارن جو رت ڊوڙي رهيو هو، جن ڏڪرن، سيلابن ۽ مؤتمار بيمارين کي شڪستون ڏنيون هيون ۽ جيوت جون جنگين منجهہ سوڀ پاتي هئي. سندس وڏن ۾ هاري بہ هئا تہ شڪاري بہ. دڪاندار بہ هئا تہ ڊاڪٽر ۽ استاد بہ. ڪيس ايئن لڳو تہ سندس اهي مري ويل وڏا ان وقت هن جي جوڙاري اچي گڏ ٿيا هئا ۽ ڪيس همٿائي رهيا هئا تہ هوءَ بهادرن جيان وڙهي هي ويڙہ انهن گيڊين ڪان کٽي ڏيکاري، جن ڪيس دوکو ڏئي هن حال ۾ پهچايو هو. هن انهن جي موجودگيءَ کي پنهنجي جوڙاري محسوس ڪندي سڙٻاسي ۾ چيو، " توهان کو فڪر نہ ڪريو. مان توهان کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪندس.

مان هن ويڙہ ۾ انتم سوڀاري هوندس. " ۽ اهو چئي هن اتان نڪرڻ جو منصوبو سٽڻ شروع ڪيو.

☆☆☆

ٽريسيءَ کي ڄاڻ هئي تہ ڪيس سڀ کان پهرين پنهنجي جسماني طاقت حاصل ڪرڻي هئي. اها ڪولي ايتري تہ ننڍي هئي جو ان ۾ بيهي ڪا باقائدي ورزش نہ پئي ٿي سگهي، پر ٽريسيءَ کي وڙهڻ جي قديم زماني جي طريقي تائي چي چوئان ( هي جوڊو ۽ ڪراٽي ويڙہ جي هڪ شاخ جو نالو آهي) جي تربيت ورتل هئي. تائي چي چوئان قديم زماني ۾ انهن ويڙهن کي سيکاريو ويندو هو، جن کي ملڪ جي ڪاڻ جنگ ۾ حصو وٺڻو هوندو هو. ان جي مشقن جي ورجاءُ لاءِ تمام ٿوري جاءِ جي ضرورت پوندي آهي، جيڪي ان ڪوليءَ ۾ آسانيءَ سان ٿي سگهيون ٿي ۽ ان ۾ جسم جي هر عضوي جي سٺي نموني ورزش ٿي سگهي ٿي. ٽريسي اٿي بيٺي ۽ ان جي ابتدائي مشقن کي پهرين ذهن ۾ ورجايائين. ان ويڙہ جي طريقي جي هر مشق جو مختلف نالو ۽ اهميت آهي. پهرين مشق جو نالو "شيطانن کي مکون هڻن" ۽ ٻين مشق جو نالو " هوا کان هلڪو ٿيڻ جو احساس" هو.انهن مشقن ڪرڻ جي دوران مسلسل سندس ڪنن ۾

جا نالا ونو جن کي کا ڳالهہ سيکارڻ ناممکن هئي.

ڪنهن ماڪوڙيءَ کي عيسائين جي فرقن يعني ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ جو فرق سيکارڻ

ڪنهن ڪيوليءَ کي اهو سيکارڻ تہ زمين سج جي چوڌاري گردش ڪري رهي آهي.

ڪنهن ٻليءَ کي ڪميونزم ۽ جمهوريت جو فرق سمجهائڻ.

انهن ذهني راندين ڪڏندي بہ سندس ڌيان هڪ پل لاءِ بہ پنهنجي دشمنن کان بدلي وٺڻ کان نہ هٽيو هئس. سندس دماغ هر وقت اهو سوچيو پئي تہ هو پنهنجي دشمنن کان ڪيئن بدلو وٺي سگهي ٿي.

☆☆☆

ٽريسيءَ کي بلڪل پتو نہ هو تہ ڪو هن ڪوليءَ جي قيد تنهائيءَ قيدين کي ذهني ۽ جسماني طور معذور ڪري ڇڏيندي هئي. ڇاڪاڻ جو سندس ورزش جي مشقن کيس ذهني ۽ جسمانيءَ طور مڪمل طور چاق چوبندو رکيو هو. ستن ڏينهن جي قيد تنهائيءَ کان پوءِ سندس ڪوليءَ جو دروازو کوليو ويو. ستن ڏينهن جي اونداهيءَ ۾ رهڻ ڪري هيءَ تاريڪيءَ جي عادي ٿي وئي هئي. هاڻ جو اوچتو در کولڻ ڪري روشني سندس اکين کي لڳي تہ کيس ڪجهہ گهڙين لاءِ تہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. ڪجهہ دير کان پوءِ سندس اکيون روشنيءَ جون هيراڪ ٿيون ۽ کيس در تي هڪ سپاهي بيٺل نظر آيو. جنهن کيس چيو، " اٿي بيهہ. تو کي واپس جيل جي ڪوليءَ ۾ وٺڻو آهي. "

اهو چئي ان سپاهيءَ ڏانهس مدد لاءِ هٿ ڊگهيريو چو تہ سندس اهو تجربو ٿي ويو هو تہ ان تنگ ۽ سوڙهيءَ ڪوليءَ ۾ قيد تنهائيءَ ڪاٽڻ کان پوءِ گهٽو ڪري قيدي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جا لائق نہ هوندا هئا ۽ کيس اٿڻ يا هلڻ لاءِ سهاري جي ضرورت پوندي هئي. هن جي ان وقت حيرت جي حد ئي نہ رهي جڏهن سندس اکين ٽريسيءَ کي پنهنجو پاڻ هلندي ان ڪوليءَ منجهان ٻاهر ايندي ڏٺو ۽ هوءَ بلڪل چست ۽ چالاڪ نظر اچي رهي هئي. اهو لقاءُ ان سپاهيءَ پنهنجي پوريءَ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو. ٽريسيءَ جي هلڻ ۾ اهڙو متانت ۽ وقار اچي ويو هو. جو هي هن جي آڏو هيسجي ويو هو. کيس ٽريسيءَ جون اکيون مشالن ونگر روشن نظر اچي رهيون هئس.

اهو سپاهي کيس عورتن جي انچارج وٽ وٺي آيو. جنهن کيس ڏسندي رڙ ڪئي، " رن...تون ست ڏينهن کان وهنتي نہ آهين. تو مان تہ بدبوءَ جا ڀڀڪا پيا نڪرن. جلدي وهنجي سهنجي صاف ٿي وٺ. "

کو فکر نہ کر. مان تو کي ان ڳالھ جي خاطري ٿو ڏيان تہ اڄ کان وٺي تنھنجي پوري حفاظت ڪئي ويندي....ھاڻ مون کي سچو قصو پوريءَ تنصيل سان ٻڌاءِ تہ اھو ڪڏو ڪرڻ واريون قيدياڻيون ڪير ھيون؟ "

ٽريسيءَ سندس اکين ۾ غور سان ڏسندي چيو، " سائين! مون سان ڪنھن بہ جنسي زيادتي نہ ڪئي آھي. ڳالھ در اصل اھا ھئي تہ مان ننڊ جي ڪري پلنگ تان ڪري پئي ھئس. "

واردن سندس جواب ٻڌي ڪافي دير تائين سندس منھن کي گھوريندو رھيو. ٽريسي سندس چھري منجھہ آيل مايوسيءَ کي صاف پڙھي پئي سگھي، " تنھنجو اھو آخري جواب آھي ٽريسي؟ تون مون کي ڪجھہ بہ نہ ٻڌائيندين؟ "

"جي سر. جڏھن مون سان ڪجھہ ٿيو ئي نہ آھي تہ پوءِ آئون ڇو ڪنھن تي غلط الزام ھڻان؟ "

"ان جو مطلب آھي تہ تون مون کي ڪجھہ بہ نہ ٻڌائيندين؟ "واردن جي لھجي ۾ بي پناہ مايوسي اچي وئي ھئي. ھن ٿڌو ساہ کڻندي چيو، " جيڪا تنھنجي مرضي. مان تو کي تنھنجي ڀلائيءَ لاءِ ڪنھن ٻيءَ ڪوليءَ ۾ ٿو موڪليان ڇاڪاڻ تہ تون جنھن ڪوليءَ ۾ رھين ٿي اتي خطرناڪ قيدياڻيون موجود آھن. "

" پر، سر...مان ٻئي ڪنھن ڪوليءَ ۾ وڃڻ نہ ٿي گھران. "

واردن جي منھن تي نھايت حيرنگيءَ جا تاثرات اچي ويا ھئا، " تنھنجو مطلب آھي تہ تون ان ساڳي ڪوليءَ ۾ واپس وڃڻ ٿي چاھين ؟ "

"جي سائين. " ٽريسيءَ ڪنڌ ھيٺ ڪري جواب ڏنس.

واردن ٽريسيءَ جي ان جواب تي انتھائي حيران ھو. ھو سوچي رھيو تہ ڇا ھو ھن ڇوڪريءَ کي صحيح طور سمجھي نہ سگھيو آھي ؟. ڇا ھن ڇوڪريءَ جي معصوميت واري چھري پٺيان ڪا انتھائي مڪار عورت لڪل آھي؟ ٿي سگھي ٿو تہ ھن ڇوڪريءَ پاڻ ان جنسي عمل لاءِ انھن وحشي عورتن کي ڪوٺ ڏني ھجي.ھن ڏانھنس ڪرڙي اکين سان ڏسندي چيو، " جيئن تنھنجي مرضي. پر آئندہ اھڙين ڳالھين کان پاسو ڪجان. "

"جي سائين. توھان بي فڪر رھو. " ٽريسيءَ وراڻيو.

☆☆☆

پنھنجي ڪوليءَ ڏانھن موٽڻ ٽريسيءَ لاءِ سڀ کان وڏو مرحلو ھو. جنھن وقت ھوءَ ڪوليءَ ۾ موٽي تہ ان وقت ڪوليءَ منجھہ ڪير بہ نہ ھو. ڪوليءَ منجھہ گھڙڻ سان ان ڀيانڪ رات جون ڊيڄاريندڙ يادگيريون

ٽنگن ۽ ڪير جهڙين سٽرن ڄڻ انهن ٽنهي ساٿي ڪيڊياٽين مٿان منڊ ڪري ڇڏيو هجي.انهن جي وات مان صرف حيرت ڀري سيٽي نڪتي. ٽئي عورتون سنڌس سونهن ڏسي ڳرا ڳرا ساهه کڻي رهي هيون. ٽريسي ڄڻ انهن ڪان بي خبر هئي. هن ماٺ ۾ پنهنجي رات جي پائڻ جو لباس پاتو ۽ پنهنجي بستري تي ليٽي پئي.لائٽ وسامجي وئي ۽

چو طرف اونداهي ڇانئجي وئي.

اڌ ڪلاڪ گذري ويو. ٽريسي جاڳيل حالت ۾ ليٽي پئي هئي.ڪيس انهن ٽنهي جي ڳرن ڳرن ساهن کڻڻ جو آواز اچي رهيو هو. ايتري ۾ ڪيس پائوليٽا جو سڙٻاٽ ٻڌڻ ۾ آيو، "ٽريسي پنهنجي رات جي لباس کي بہ لاهي ڦٽو ڪر. تو کي اڄ اهڙو مزو ڏينديوسين جو سڄي عمر ان کي ڀلائي نہ سگهنديں."

ان ڪان پوءِ لولا جو آواز آيو، "ههڙي پري تہ ڪڏهن ڪڏهن قسمت ۾ نصيب ٿيندي آهي."

گڏوگڏ ٽنهي جو ٽهڪ هوا ۾ گونجيو.ايتري ۾ ٽريسيءَ کي محسوس ٿيو تہ پائوليٽا ۽ لولا ٻئي ڄڻيون رڙهي هن جي ويجهو پهتيون هجن. ٽريسيءَ جي پوري بدن ۾ ڄڻ ڪرنٽ ڊوڙي رهيو هو. هوءَ انهن جي لاءِ تيار هئي. هن جي هٿ ۾ پلنگ منجهان ڪڍيل لوهي شيخ هئي. ان وقت ڪيس ڪنهن جو هٿ بدن تي ڦرندو محسوس ٿيو. هن لوهي شيخ ورائي ڪڍي.اها شيخ سڌو وڃي پائوليٽا جي منهن تي لڳي ۽ ان ڪان زوردار رڙ نڪري وئي. هن ٻيءَ ڪيڊياٽيءَ جو وجود پنهنجي مٿان جهڪندي ڏٺو. ٽريسيءَ زور سان لت ان جي پيٽ منجهہ وهائي ڪڍي. اها بہ رڙ ڪري وڃي هڪ پاسي ڪري.

ٽريسيءَ ڪين رڙ ڪري چيو، "اچو..ڪجريون.... منهنجي پرسان تہ اچي ڏيکاريو. منهنجي هٿ ۾ لوهي شيخ آهي، ڪنهن مون سان هٿ چراند جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي اصل قيمو ٺاهي ڇڏيندس."

ٽريسيءَ کي وري ڪنهن جي اٿڻ جو آواز آيو. جيڪو ڏانهس وڌي رهيو هو. هن پنهنجي لوهي شيخ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي، ان کي هوا ۾ بلند ڪيو تہ جيئن ان وڌندڙ وجود مٿان وهائي ڪڍي.

ايتري ۾ ارنيسٽائين جو آواز اونداهيءَ منجهہ اڀريو، "گهڻو ٿي ويو. هن کي ڇڏي ڏيو."

پائوليٽا جو احتجاجي آواز اڀريو، "ارنيسٽائين! هن منهنجي منهن تي شيخ هڻي ڪڍي آهي. جنهن مان رت نيئڊيون ڪري وهي رهيو آهي. مان ڪيس سبق..."

۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جي ضرورت نہ پوندي.
مون کي هر سهاري کان بي نياز ٿيڻو آهي.
ٽريسي ان سپاهيءَ جي پٺيان هلندي قيدين سان ملڻ واري ملاقاتين جي ڪمري منجهہ آئي. اتي هڪ اجنبي ماڻهو ويٺو هو. جنهن کي هن پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هو ملاقاتين واري ڪاٺ جي بينچ تي ويٺل هو. هن کان وڌيڪ غير متاثر ڪندڙ ماڻهو ٽريسيءَ پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ ڪڏهن اڳ ۾ نہ ڏٺو هو. هي بندري قد، ٿلهي بدن وارو ماڻهو هو. جنهن جونڪ ڪافي وڏو ۽ وات تمام ننڍو هئس.سندس پيشاني ايريل ۽ اکين ۾ تيزي ۽ ذهانت پريل هئس.ڪيس نظر جو چشمو پڻ پاتل هو.
هي ٽريسيءَ کي ڏسي اٿيو ڪو نہ. ۽ پنهنجي جاءِ تي ويٺل ئي رهيو. " منهنجو نالو ڊينيل ڪوپر آهي. واردن مون کي اجازت ڏني آهي تہ مان توسان ملاقات ڪري سگهان ٿو. "
" پر ڇا جي لاءِ؟"
"مان انشورنس ڪمپنيءَ جو سراغ رسان آهيان. اسان جي ڪمپنيءَ جوزف رومانو نالي ماڻهوءَ جي هڪ قيمتي پينٽنگ جي انشورنس ڪئي هئي. "
ٽريسي ڊگهو ساهہ ڪنيو." مان ان سلسلي ۾ تنهنجي ڪا بہ مدد نہ ٿي ڪري سگهان. مون ان پينٽنگ جي چوري نہ ڪئي آهي. " اهو چئي ٽريسي ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي.
"مون کي ان جي خبر آهي تہ تو اها قيمتي پينٽنگ چوري نہ ڪئي آهي. "
ڪوپر جي انهن لفظن سندس قدم ڄڻ زمين ۾ ڪپائي ڇڏيا. هوءَ ڏانهنس مڙي.
"ان پينٽنگ کي ڪنهن بہ نہ چورايو آهي. اهو تہ صرف توکي ڦاسائڻ لاءِ هڪ بهانو هو. "
ٽريسي چپ چاپ موٽي ۽ سندس سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي اچي ويهي رهي.

☆☆☆

ڊينيل ڪوپر کي ٽي هفتا پهرين هي ڪيس مليو هو. جڏهن کيس سندس باس رينالڊس پنهنجي آفيس ۾ سڏرايو هو.
"تو کي هي نئين جوابداري سونپي پئي وڃي. "
"مان تو کي مختصرن هن ڪيس بابت ٻڌائيندس، " سندس باس رينالڊس کيس چيو. حقيقتن هن ڪيس مختصرن هن ڪيس بابت ٻڌائڻ چاهيو پئي ڇو تہ هن ڪوپر مان جلد جان ڇڏائڻ پئي چاهي.ڪوپر جي موجودگيءَ ۾ نہ صرف هي پر دفتر جو گهڻو ڪري هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بي آرام محسوس ڪندو

تنگ چو تا ڪن ۽ مون کي اڪيلو ڇو نہ تا ڇڏين. هميشہ ابتا سبتا سوال جواب ڪري مون کي پريشان ڪن تا. هر ڪو منهنجي ماضيءَ ۽ حال جي باري ۾ ڄاڻڻ گهري ٿو. پر مان ڪين ڪڏهن بہ ان جي هوا بہ لڳڻ نہ ڏيندس.

ڪوپر هميشهہ ان ڊپ ۽ پوءَ ۾ رهندو هو تہ متان ماڻهن کي سندس ماضيءَ جي خبر نہ پئجي وڃي. هن پنهنجي ماضيءَ کي هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏيو هو. هن پنهنجي زندگي ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏي هئي تہ جيئن سندس ماضيءَ جون يادون ڪيس نہ ستائين. هن ڪنهن کي بہ پنهنجي ويجهو نہ ٿي اچڻ ڏنو تہ متان اها دوستي ايتري وڌي نہ وڃي، جو هو سندس راز کان واقف نہ ٿي وڃي. هن جو ماضي صرف هن لاءِ ئي هو. ماضيءَ جي يادگيريءَ لاءِ هن وٽ اخبار جي صرف هڪ ڪٽنگ رکيل هئي، جنهن جي ڪاڳر جو رنگ بہ هاڻي ڪافي پيلو ٿي ويو هو.اهو اخبار جو ٽڪرو سندس تالي لڳل الماريءَ ۾ حفاظت سان پيل هو. جنهن کي ڪير بہ هٿ نہ ٿي لاهي سگهيو. جيتوڻيڪ ان اخبار جو هر لفظ هن جي دماغ تي چٽيل هو. تنهن هوندي بہ وقتن بہ وقت هي ان اخبار جي ڪٽنگ کي سزا طور ڪڍي ڏسندو رهندو هو.

هن کي هر وقت پنهنجي گندي ۽ ميري هجڻ جو احساس هوندو هو. ان ڪري هيءَ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا ضرور تڙ ڪندو هو. پر ڪڏهن بہ هو پنهنجو پاڻ کي صاف محسوس نہ ڪندو هو. هن جو دوزخ ۽ دوزخ جي باهہ ۾ پختو يقين هو ۽ هن جي من ۾ اهو هو تہ سندس هن زمين مٿان ڪيل گناهن جي عيوضي لاءِ ڪيس ڪفارو ادا ڪرڻو هو. ان ڪفاري جي ڪاڻ هيءُ پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ ويو تہ جيئن اتي رهي، هو ماڻهن جي مدد ڪري سگهي، پر سندس بندري قد جي ڪري ڪيس پوليس ۾ نہ ورتو ويو. ان ڪري ڪيس مجبورن غير سرڪاري سراغ رسان بنجڻو پيو. هن پنهنجو پاڻ کي شڪاري ٿي سمجهيو، جنهن جو ڪم هو تہ هو قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي ڳولي سزا ڏياري سگهي.هن کي اهو يقين هو تہ خدا ڪيس هن ڪم لاءِ ان ڪري چونڊيو هو تہ خود خدا جي اها مرضي هئي تہ جيئن انهن قانون شڪنن کي سزا ملي. هن ان کي ئي صرف پنهنجي گناهن جو ڪفارو ٿي پاتئيو.

ڪوپر گهر پهچي جلد سنان ڪيو ۽ جهاز پڪڙي نيو اورلينس پهتو، جتي ڪيس ٽريسيءَ سان ملڻو هو.

هئي ۽ ڪيس چالاڪيءَ سان ڦاسايو ويو هو. شايد هن وٽ جوزف رومانو جي خلاف ڪو پڪو ثبوت هوندو جيڪو منهنجي بيگناهيءَ کي پڻ ثابت ڪندو.هي ماڻهو اهو ثبوت جيل جي واردن يا ٻين اختياريءَ وارن کي ڏيکاري ڪيس هن جهنم کان آزادي ڏياري سگهي ٿو. هن کي جوش جي ڪري ڳالهائڻ به نه ٿي پڳو." ڇا تون منهنجي مدد ڪرڻ آيو آهين؟ "

"تنهنجي مدد؟ " ڪوپر جي آواز ۾ حيرت هئي.

"تون جيڪو ڪجهه مون کي هاڻ چيو، تنهن جو ثبوت جيل اختياريءَ وارن کي ڏيکاري تون مون کي هتان آزادي ڏياري سگهين ٿو."

"مون وٽ اهڙو ڪو ثبوت ناهي. "

"پر تو چيو ته آئون بي گناه آهيان ۽ مون کي ڦاسايو ويو آهي.؟ "

"ان جو اهو مطلب نه آهي ته مون وٽ ڪو ثبوت آهي ۽ نه ئي ڪو اهو منهنجو ڪم آهي ته مان ٻين جي لاءِ ثبوت گڏ ڪري انهن کي بچائيندو وتان. " اهو چئي ڪوپر اتان هليو ويو. سندس ڪم صرف اهو هو ته هو ان ڳالهه جي پروڙ لهي ته ٽريسيءَ اها پينٽنگ چوري ڪري ڪٿي لڪائي هئي، پر سندس سچي جاکوڙ ڪيس ٻڌائي ڇڏيو ته هن ڇوڪريءَ کا چوري نه ڪئي هئي ۽ نه وري ونس کا اها چوري ٿيل پينٽنگ هئي. ان ڳالهه جي ڄاڻ کان پوءِ هن جو ڪم ختم ٿيو ۽ هو ڇو ٻين جي لاءِ پاڻ پتوڙي.

☆☆☆

ڪوپر پنهنجي هوٽل واپس پهتو ۽ باٿ روم ۾ وڃي ڪافي دير تائين سنان ڪندو رهيو، جنهن سندس من کي ڪجهه شانت ڪيو.تنهن بعد ويهي دفتر جي لاءِ حتمي رپورٽ لکڻ لڳو:

" لکندڙ : ڊينيل ڪوپر

ڏانهن : جي جي رينالڊس

موضوع : قيمتي پينٽنگ جي چوري.

مون هن ڪيس کي ڪافي ڏٺو آهي ۽ منهنجي اها راءِ آهي ته ٽريسي وٽنيءَ هن پينٽنگ کي چوري نه ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ته جوزف رومانوءَ اها پينٽنگ خود ئي لڪائي ڇڏي آهي ته جيئن هو ان جي انشورنس پاليسي جي دعويٰ ڪري سگهي. ڪمپنيءَ کان پئسا وٺڻ کان پوءِ هو ان پينٽنگ کي ڪٿي لڪ ڇپ ۾ وڪري ڪري ان مان وري پنج لک ڊالر ٻيا ڪمائيندو.

سفارش : جيئن ته هن ويل جوزف رومانو جي خلاف اسان وٽ ڪو پڪو ثبوت ناهي، ان ڪري اسان کي سندس

بلڪل مختلف هئي، جنهن ڪي ٽي هفتا اڳ سندس ڪوليءَ ۾ آندو ويو هو. هيءَ بلڪل بدلجي چڪي هئي. ارنيسٽائين ان تجسس ۾ هئي ته هو ان بدلاءَ جو سبب ڄاڻي.

ڏوئڻ جي ڊيوٽيءَ جي ائين ڏينهن سندس ڪم کي بدلايو ويو ۽ ڪيس جيل جي رڌڻي ۾ ڪم ڏنو ويو. جيڪو جيل جي ڪمن جي حساب سان سيني کان موچارو ڪم هو.

جيل جي رڌڻي ۾ ٻن قسمن جا کاڌا تيار ٿيندا هئا. هڪ کاڌو قيدين جي لاءِ، جنهن ۾ پاڇيون ۽ عام کاڌا هوندا هئا. جڏهن ته ٻئي قسم جو کاڌو جيل جي عملدارن لاءِ تيار ٿيندو هو. جنهن ۾ هر قسم جو اعليٰ کاڌو تيار ڪيو ويندو هو. رڌڻي ۾ ڪم ڪندڙ قيدياڻين کي ان اعليٰ قسم جي کاڌي تائين پهچ هئي ۽ اهي ان مان پورو فائدو وٺنديون هيون.

جنهن وقت ٽريسي اتي ڪم ڪرڻ لاءِ پهتي ته اتي ارنيسٽائين پهرين ئي موجود هئي. ٽريسي ڪيس ڏسي، ڏانهس وڌي وئي ۽ ڏاڍي مشڪل سان پنهنجي آواز ۾ ايندڙ ڪوڙاڻ کي لڪائيندي ڪيس چيائين، " تنهنجي مهرباني جو تو مون کي ڪپڙن جي ڌوئڻ جي سخت ڊيوٽي ڇڏرائي هتي لڳرايو آهي. "

ارنيسٽائين ڪنگهي ضرور پر ڪجي ڪجهه به نه.

"تو منهنجي ڊيوٽي ان سخت انچارج کان ڪيئن ڇڏرائي؟ هن ته مون کي سخت سيڪٽ ڏيڻ پٺي ڳهري؟ "

"هوءَ هاڻ هتي موجود نه آهي. "

"مطلب؟ ڪيس ڪجهه ٿي ويو ڇا؟ "

"هتي جو پنهنجو هڪ سسٽم آهي. جيڪڏهن هتي ڪو عملدار زياده سختي ڪري ٿو ته ان کي سيڪٽ ڏني ويندي آهي. "

"تنهنجو مطلب آهي ته واردن تنهنجي ڳالهه ٻڌي ٿو؟ "

"ماٺ ڪر. اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي. ان ۾ واردن جو ڪهڙو ڪم؟ "

"پوءِ... ڪيئن اهڙن سخت عملدارن کي سبق سيکاريو ويندو آهي؟ "

"ان جو سولو طريقو اهو آهي ته قيدي ان عملدار جو مسلسل شڪايتون ڪرڻ شروع ڪندا آهن. هر روز هڪ نه ٻي ڇٽي ڪا نه ڪا بيهودي شڪايت ان عملدار جي نالي آفيس ۾ ڏئي ايندي آهي. ڪڏهن انهن عملدارن مٿان جنسي تشدد جو الزام هنيو ويندوآهي، ته ڪڏهن ان مٿان اجائي مارڪٽ جي شڪايت ڪئي ويندي آهي. ڪڏهن ان مٿان قيدياڻين جي سامان ڪٽڻ بابت چيو ويندو آهي، ته ڪڏهن ڪجهه ٻيو. آخر انهن الزامن کان

هلي وئي.

☆☆☆

جيل جي اندر جو ماحول ڏاڍو عجيب هو. قيدين کي هر ڳالهه جي اڳواٽ خبر پئجي ويندي هئي. انهن کي دفتر جي هر گهمنڊڙ کاغذ جي ڄاڻ پئجي تي وئي. انهن ٽيليفون تي ٿيندڙ هر گفتگو به ٻڌي پئي ۽ جيل حڪام جي هر ايندڙ ويندڙ خطن کي به پڙهيو پئي. اهڙي نموني جيل ۾ ٿيندڙ هر ڳالهه کان جيل جا معتبر قيدي باخبر هئا.انهن ۾ ارنيسٽائين به شامل هئي، جيڪا ان سڄي سسٽم ۾ مکيه ڪردار ادا ڪري رهي هئي. ٽريسيءَ ڏٺو پئي ته ڪهڙي نموني جيل جي پهريدار عملدارن ۽ قيدين کيس تعظيم ۽ ادب تي ڪيو. جيئن ته ٽريسيءَ جي ڊيوٽيءَ جي بدلجڻ سان سيڻيءَ کي اها خبر پئجي وئي ته ان ۾ ارنيسٽائين جو هٿ هو، ان ڪري قيدياٽيين ٽريسيءَ کي ستائڻ کان پاسو تي ڪيو. جو ته هاڻ ارنيسٽائين ٽريسيءَ جي مربي هئي. ٻئي طرف ٽريسي خود نهايت چوڪسيءَ سان ارنيسٽائين جي ايندڙ چال جي باري ۾ خبردار هئي ته متان اها ڪائنس وري ڪا غلط اميد نه رکي، پر عجب جهڙي ڳالهه اها هئي ته ارنيسٽائين جڻ ڪيس وساري ڇڏيو هو. جيتيوٽيڪ ساٿس ٿيندڙ رعايتن ٽريسيءَ کي هر قدم تي اهو ٻڌايو پئي ته ارنيسٽائين هر وقت هن جو سات ڏئي رهي هئي.

☆☆☆

ان جيل جي دنيا عجيب ۽ ڀيانڪ هئي. ٽريسيءَ ڏٺو پئي ته ڪهڙي نموني اتي نون قيدياٽين سان جنسي بدفعليون ڪيون پئي ويون ۽ انهن جو ڪو واهي نه هو. نئين نئين قيدياٽي هون ئي جيل جي ماحول ۾ ڊنل ۽ گهبرايل هوندي هئي. ان کي اچڻ سان ئي گهيريو ويندو هو. قائدي موجب هر پراڻي قيدياٽيءَ کي نئين قيدياٽيءَ جو وارو ملڻو هو. جنهن جو وارو هوندو هو، صرف اها ئي ان نئين قيدياٽيءَ سان "دوستي" رکي سگهي ٿي. ان جو طريقه ڪار اهو هوندو هو ته پراڻي قيدياٽي وڃي ان نئين قيدياٽيءَ سان ملندي هئي ۽ ان سان هٿ ملائي دوستي ڪندي هئي. پوءِ ڪجهه وقت اهي ٽيليويزن واري ڪمري منجهه سيڻي سان گڏ ٽي وي ڏسڻ ايندي هيون. جتي ٽي وي ڏسندي ڏسندي ٻنهيءَ جي وچ ۾ دوستي ٿي ويندي هئي. ڪجهه بي تڪلف ٿيڻ کان پوءِ پراڻي قيدياٽي پنهنجو هٿ نئين قيدياٽيءَ جي هٿ تي رکي ڇڏيندي هئي. اهو اشارو هوندو هو، جيڪو ڏسي اتي موجود ٻيون قيدياٽيون اتان هلي ونديون هيون. تنهن کان پوءِ ٽي وي ڏسندي

صبح 4-45 بستري تان اٿڻ ۽ تيار ٿيڻ

صبح 5-00 ناشتو ڪرڻ

صبح 35-0 پنهنجي ڪوليءَ ۾ موٽڻ

صبح 5-55 ڪم لاءِ وڃڻ جي گهنڊ جو وڄڻ

صبح 6-00 ڪم تي وڃڻ

صبح 10-00 ورزش جي لاءِ ميدان ۾ اچڻ

صبح 10-30 منجهند جي مانيءَ جو وقت

صبح 11-00 وري ڪم تي وڃڻ

منجهند 33-0 شام جي ماني

منجهند 4-00 واپس ڪوليءَ ۾ اچڻ

منجهند 5-00 راند جي ڪمري ۾ وڃڻ

منجهند 6-00 ڪوليءَ ڏانهن وا پسي

رات 8-45 سمهڻ جي گهنڊ جو وڄڻ

رات 9-00 بتي گل ٿيڻ ۽ سمهي پوڻ.

ان جيل جا قائدا ۽ قانون انتهائي سخت هئا. جنهن ۾ ڪا بہ لچڪ نہ هئي. هر ڪنهن کي ان جي پوئواري ڪرڻي هئي. مانيءَ جي وقت، بيهڻ مهل ڪنهن کي بہ ڳالهائڻ جي اجازت نہ هئي. ڪا بہ قيدياڻي هڪ وقت ميڪ اپ جي پنجن شين کان وڌيڪ شيون پنهنجي ڪبٽ ۾ رکي نہ ٿي سگهي. ناشتي کان وڃڻ کان اڳ پنهنجو بسترو نيڪ ڪري وڃڻو هو ۽ سڄو ڏينهن ان کي صاف رکڻو هو.

ٽريسي ان جيل ۾ هر ڪم پوري نيڪ وقت تي ڪندي هئي ۽ جنهن ڪري هن کي ٻين سيني لاءِ مثال بڻايو ويو. جيتوڻيڪ ٽريسي جو جسماني بدن ان جيل ۾ بند هو، پر سندس ذهن هر وقت اتان کان ڀڄڻ جي باري ۾ سوچيندو رهندو هو.

☆☆☆

ان جيل ۾ ڪنهن بہ قيدياڻيءَ کي ٻاهر فون ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. انهن کي مهيني ۾ صرف ٻہ دفعا پنجن پنجن منٽن جي لاءِ سندن لاءِ آيل فون ٻڌڻ جي اجازت هئي. ٽريسيءَ کي اوٽو شمڊ جي فون آئي.

" مون سوچيو تون پنهنجي ماءُ جي دفنائڻ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيندي هوندين، " اوٽو شمڊ کيس چيو، " تنهنجي ماءُ جو دفناڻو تمام سٺي نموني ٿيو. تون ڪو فڪر نہ ڪر. مون ان مٿان آيل سڄو خرچ ڀري ڇڏيو آهي. "

" تنهنجي وڏي مهرباني اوٽو. " هن صرف کيس ايترو چيو.

تنهن کان پوءِ ٽريسيءَ لاءِ ٻي ڪا فون ڪال وري ان جيل ۾ نہ آئي. کيس ڪير هو فون ڪرڻ وارو.

هڪ دفعي ارنيسٽائين اهو ڏسي کيس چيو، " ٽريسي اهو بهتر ٿيندو تہ تون ٻاهرين دنيا کي وساري ڇڏ. ٻاهر تنهنجي لاءِ ڪو بہ نہ آهي. "

هن کيس ڪجهہ ڪو نہ چيو پر دل

جڪڙ ڪان بچائيندي.

ٽريسي ارنيسٽائين جي ويجهو آئي ۽ ڪيس آهستگيءَ سان پڇيائين. "تون مون کي هتان پڄڻ ۾ مدد ڪندين. "

ارنيسٽائين ڪيس ڏٺو پر ڪو بہ جواب نہ ڏنس ۽ اتان هلي وئي.

ان رات ڪوليءَ ۾ پنهنجي بستر تي ليٽي ٽريسي ارنيسٽائين جي باري ۾ سوچيندي رهي. جيتوڻيڪ ان رات کان پوءِ وري ان شيدياڻيءَ ڪيس نہ ڇهيو هو، تنهن هوندي بہ ٽريسي ان مٿان اعتماد نہ پئي ڪيو. ٽريسي اڃان تائين ان رات واري ڳالهہ وساري نہ سگهي هئي تہ هن ۽ سندس ڪوليءَ جي ٻين قيدياڻين جي ڪري سندس پار ڪريو هو. پر ڪيس ان جيل منجهان فرار ٿيڻ جي لاءِ ان شيدياڻيءَ جي سخت ضرورت هئي.

☆☆☆

هر روز شام جو قيدين کي تفريحي روم ۾ وڃڻ جي اجازت هئي. اتي ڪين ٽي وي وغيره جي ڏسڻ، رسالا پڙهڻ يا وري پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ جي اجازت هئي.

هڪ شام جو ٽريسي بہ تفريحي روم ۾ ڪو رسالو ڏسي رهي هئي تہ اوچتو سندس نگاهہ چارلس جي تصوير تي پئي. اها چارلس جي شاديءَ جي تصوير هئي، جنهن ۾ هو پنهنجي نئين ڪنوار سان گڏ بيٺل هو. ٻنهي جي چهرن تي مرڪ هئي ۽ هڪٻئي جون ٻانهون ٻانهن سان وچڙيل هئڻ. ان تصوير کي ڏسندي ٽريسيءَ کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن ڪيس ڏک هٽي ڪڍيو هجي. ان تصوير ۾ سندن مرڪ کي ڏسندي ٽريسيءَ کي پنهنجي اندران ڪو طوفان اٿندي محسوس ٿي رهيو هو. جنهن ماڻهوءَ سان هن سڄي زندگي گذارڻ جا خواب ڏٺا هئا ۽ ٻنهي ڄڻن گڏجي ان ڳالهہ جي ساپيا جا وچن ڪاڏا هئا، اڄ اهو ڪيس ان جيل واري ان ظالم دنيا ۾ ڇڏي پاڻ عيش ڪري رهيو هو. جنهن جيل هن جي زندگي تباهہ ڪري ڇڏي هئي ۽ سندس ٻار کي پيٽ مان ڪيرايو ويو هو. پر شايد ان وقت کي ٻي دنيا هئي ۽ ڪو ٻيو وقت هو ۽ هاڻ هيءَ جيل جي دنيا ڪا حقيقي دنيا هئي.

ٽريسي رسالي کي بند ڪري ميز تي ڦٽو ڪري ڇڏيو.

☆☆☆

مٿن مائٽن سان قيدين جي ملاقات وارو ڏينهن جيل ۾ هڪ خاص اهميت رکي ٿو. ان ڏينهن قيدي ڏاڍا خوش هوندا آهن، جو تہ هو پنهنجن سان ملندا آهن. ان ڏينهن قيدياڻيون صبح جو وهنجي سهنجي، استري ڪيل سنا ڪپڙا پائينديون آهن ۽ هار سينگار ۽ تيل ڦليل ڪري پنهنجن سان

مليو آهي. مون زندگيءَ ۾ ڪي اوچيون ۽ سٺيون شيون گهٽ ڏٺيون آهن. هاڻ تو سان ملي آهيان تہ مون کي فخر ٿئي ٿو تہ مان ان اوچيءَ سوسائٽيءَ جي ڪنهن فرد کي سڃاڻان ٿي، جنهن سان دوستي رکڻ جي مون کي ننڍي هوندي کان آرزو من ۾ دٻيل هئي. " هن جو آواز ڀرجي آيو هو. هن ڪنڌ ٻئي پاسي لاڙي ڇڏيو. " مون کي ان رات واري غلطيءَ معاف ڪجان. ۽ اسان ٻي خبريءَ ۾ تنهنجي ٻار ڪيرائڻ جو ڪارڻ بڻياسين. اسان کي تنهنجي پيٽ سان هجڻ جي ڪا خبر نہ هئي. ورنہ اسان ڪڏهن بہ توسان اهو ظلم نہ ڪيون ها. اسان کي معاف.... "

ارنيسٽائين اهو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو ۽ اتان هلي وئي.

ان رات جو ڪوليءَ ۾ پلنگ تي اونداهيءَ ۾ ليٽيل ٽريسي ارنيسٽائين کي سڏ ڀاسي ڪندي چيو. " ارني! مون کي هتان ڀڄڻ ۾ مدد ڪر. "

"مان سمهڻ جي ڪوشش پئي ڪريان. مون کي تنگ نہ ڪر. ٻڌئہ. " ارنيسٽائين ڪيس جواب ڏنو.

☆☆☆

ان ڳالهہ جي ٽئين ڏينهن راند جي ميدان ۾ ارنيسٽائين ۽ برٿا جو ٽريسيءَ تان جهڳڙو ٿيو. قيدياڻيون بيٽ بال ڪيڏي رهيون هيون. برٿا بيٽنگ ۽ ٽريسي فيلڊنگ ڪري رهيون هيون. بيٽنگ ڪندي برٿا رنس ناهڻ لاءِ ڊوڙي ۽ جاڻي واڻي وڃي ٽريسيءَ سان ٽڪرائي ۽ ڪيس زمين تي ڪيرائي وڌائين. پاڻ سندس مٿان ڪري هئي. هن جي هٿن ٽريسيءَ جي ڇنگهن مٿان پڪڙ ڪري ورتي ۽ هن سڙٻاٽ ۾ ٽريسيءَ کي چيو، " هن جيل ۾ ڪنهن جي بہ همت نہ آهي تہ ڪو هو مون کي ناڪار ڪري. مان اڄ رات جو تنهنجي ڪوليءَ ۾ ايندس ۽ ڏسان تہ تو کي ڪير ٿو منهنجي پيار ڪرڻ کان بچائي. "

ٽريسي پنهنجي پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا پر هوڏانهن ڇڻ گوشت جو ڪو جبل هو. ايتري ۾ هن برٿا کي پنهنجي جسم تان اٿندي ڏٺو. ارنيسٽائين برٿا کي ڳلي کان جهلي بيٺي هئي.

"ڪتي مون کي چيو هو تہ ٽريسيءَ کي تنگ نہ ڪجان، پر تو ان تي عمل نہ ڪيو. " ارنيسٽائين رڙيون ڪري رهي هئي. اهو چئي هن پنهنجو چنبو برٿا جي منهن تي گهمايو. هن جا وڏن وڏن ننهن برٿا جي منهن کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيو.

"مان انڌي ٿي وئس. مان انڌي ٿي ويس. " برٿا رڙيون ڪرڻ لڳي . اهو چئي برٿا ارنيسٽائين جي وڏن وڏن ارهن کي جهلي

هئي تہ اها الائجي کھڙي نکري. هيءَ سندس ڌيءَ جي پرورش جو مامرو هو." تنهنجي ذهن ۾ ڪا اهڙي بي آيا آهي جيڪا جوڊيءَ وانگر سٺي هجي؟"

وارڊن ڪافي ڏينهن کان ان مسئلي تي سوچي رهيو هو. سندس نگاهن ۾ ڪافي اهڙيون قيدياڻيون هيون، جيڪي سندس نياڻيءَ جي پرورش ڪري سگهيون ٿي، پر سندس ڌيان ٽريسي وٽنيءَ تان نہ پئي هٽيو. هن وٽ ڏوهيات جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري هئي ۽ ڪيس پنڌرهن سالن جو قيدين سان لهہ وچڙ جو تجربو هئس.هن کي پنهنجي پيشي ورانہ مهارت تي فخر هو تہ هو قيدين کي ڏسي انهن بابت ڄاڻي سگهندو هو. هن جي پيشي سيکاريو هئس تہ ڪجھہ قيدي عادي ڏوهاري هوندا آهن. جڏهن تہ ڪجھہ اهڙا ماڻهو جيلن ۾ ايندا آهن. جيڪي ڪن حالتن ۾ وقتي طور پنهنجو هوش وڃائي ويهندا آهن ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ انهن کان ڏوھ خطا ٿي پوندا آهن.پر هن جو اندازو ٽريسيءَ جي باري ۾ ڪجھہ بيو هو. هوءَ ڪيس انهن بنهيءَ مان ڪنهن بہ قسم جي ڏوهارڻ نہ لڳي هئي. اها بي ڳالهہ هئي تہ هن سندس بيگناهيءَ واري ڳالهہ مٿان ڪو گهڻو ڌيان ڪو نہ ڏنو هو ڇو تہ هن جي تجربي موجب جيل ۾ ايندڙ هر قيدي پنهنجو پاڻ کي بي ڏوهي سڏيندو هو. پر سندس من ۾ هڪ ڪنڊو اٽڪيل هئس. هن ٽريسيءَ جو پورو ڪيس پڙهيو هو. جن ڪردارن ڪيس اهن حالت ۾ پهچايو هو تن سڀنيءَ کي هي چڱي نموني ڄاڻندو هو.اهي سڀ هن شهر جا نامي گرامي ماڻهو ڏوهاري هئا جيڪي منظر ڏوهن ڪرڻ ۾ رڌل هئا.ڪيس جوزف رومانو،سندس باس اينٿوني اورساٽي، وڪيل پيري پوپ جيڪو اورساٽيءَ جو پگهاردار ملازم هو،جج هينري لارينس جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هئي. اهي سڀئي هڪ مافيا جا ماڻهو هئا. جيڪڏهن اهي گندا ماڻهو ڪنهن جي ڪڍ لڳل هئا تہ ان جو مطلب اهو هو تہ ڳالهہ ڪا بي هئي.

وارڊن برانيگن فيصلو ڪري ورتو تہ سندس ڌيءَ جي آيا ڪير ٿيندي.هن پنهنجي زال کي چيو،" تون فڪر نہ ڪر. مون ايميءَ جي آيا جي باري ۾ سوچي ڇڏيو آهي. تو کي جوڊيءَ کان وڌيڪ سٺي آيا ملندي."

☆☆☆

جيل جي رڌڻي جي هڪ ڪنڊ ۾ ننڍي ميز ۽ چار ڪرسيون پيل هيون. جيل ۾ اهائي هڪ جاءِ هئي جتي ڪم دوران ڪجھہ رازداريءَ سان ڳالهائي سگهجيو ٿي. ارنسيٽائين ۽ ٽريسي انهيءَ ميز جي

راند جي ميدان ۾ هڪ نويڪلائيءَ واري جاءِ تي وينئيون هيون.

ارنيسٽائين چيو، " هيسيتائين هن جيل منجهان بارنهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن منجهان ٻن ڀڄڻ ڪي موقعي تي ماريو ويو ۽ باقي ڏهن ڀڄڻ ڪي پڪڙيو ويو ۽ کين اهڙيون سخت سزائون ڏنيون ويون جو اهي موت لاءِ دعائون گهرنديون رهيون. " ارنيسٽائين رکي ٽريسيءَ جي منهن تي سندس ڳالهه جو اثر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٽريسيءَ جو چهرو ڪنهن به تاثر کان خالي هو. هن وري چوڻ شروع ڪيو، "هتان ڀڄڻ ڇڻ ناممڪن آهي. جيل جي ديوار جي هر پاسي پهريدارن جا منارا نهيل آهن، جتي چوويهه ڪلاڪ سپاهي هٿيارن سان ليس موجود هوندا آهن. جيل وارن انهن ڪي جديد هٿيار ڏنا آهن ته هر اهڙي ڪوشش ڪندڙ ڪي بنا ڪنهن هٻڪ جي اتي جو اتي پورو ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪا قيدياڻي هتان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته انهن پهريدار سپاهين کي سندن نوڪرين مان ڪڍيو ويندو، ان ڪري اهي ڪنهن به فرار ٿيندڙ قيدياڻيءَ تي ذرو به رحم نه ڪائيندا آهن ۽ انهن جي ڪوشش هوندي آهي ته ڀڄندڙ قيدياڻين ڪي اتي جو اتي ماري ڇڏين ته جيئن ٻين ڀڄڻ جو سوچيندڙ قيدياڻين جي لاءِ مثال قائم ٿئي. جيل جي چوگرد پنجويهن فٽن جي اوچي ديوار آهي، جنهن جي مٿان ڪنڊيدار لوهي تارون لڳل آهن. جيڪڏهن تون ڪنهن نموني انهن پهريدار سپاهين يا لوهي تارن کان بچي به نڪري ويندين ته جيل ۾ موجود شڪاري ڪتا تنهنجي پويان لڳايا ويندا. جيڪي هر حالت ۾ تو ڪي ڳولهي ڪڍندا. جيل جي چوڌاري ميلن تائين پکڙيل جهنگ آهي. تون ڪيڏانهن به ڀڄي نه ٿي سگهين. جهنگ جي ٻاهران پوليس جي مکيه اسٽيشن آهي، جتي هر وقت هيلي ڪاپٽر ۽ سرچ لائٽون موجود آهن. جيل وارا انهن ڪي صرف اطلاع ڏيندا ۽ اهي هيلي ڪاپٽر ۽ سرچ لائٽ کڻي توکي ڳولهڻ لاءِ جهنگ مٿان چڪر هڻڻ شروع ڪري ڏيندا. هيٺ ڪتا ۽ مٿي اهي هيلي ڪاپٽر ۽ سرچ لائٽون. هتان ڀڄڻ ڇڻ اڻ ٿيڻيءَ جو نالو آهي. جيل وارن ڪي ان جي ڪا پرواهه نه هوندي آهي ته فرار ٿيل قيدياڻيءَ ڪي زنده ٿو پڪڙيو وڃي يا وري ڪيس ماريو ٿو وڃي. ان ڪري تو ڪي منهنجي اها صلاح آهي ته تون هتان ڀڄڻ جو خيال پنهنجي من تان لاهي ڇڏ. "

"پر پوءِ به هتان جو قيدياڻيون ڀڄڻ جو ڪوشش ڪن ٿيون." ٽريسيءَ ڪيس ياد ڏياريو.

☆☆☆

جڏهن ٽريسيءَ پنهنجي آيا ٽيڻ جي خبر ارنيسٽائين کي ٻڌائي تہ هن جي واتان نڪتو، " ان جو مطلب آهي تہ تو کي هتي رعايت يافتہ قيدياڻي بنايو پيو وڃي. "

"رعايت يافتہ قيدياڻي؟ مان سمجهيس ڪو نہ ؟ "

جيڪي قيدياڻيون هن جيل ۾ سرڪاري عملدارن ۽ جيل جي نگرانيءَ وارن ڪمن ۾ لڳل هونديون آهن تہ انهن کي هتي رعايت يافتہ قيدياڻي ڪوٺبو آهي. جيتوڻيڪ ليکيا اهي بہ قيدي ويندا آهن، پر انهن جي مٿان نگراني ڪا گهٽي ڪا نہ هوندي آهي. سمجهہ تہ اهو هڪ طبقو آهي جيڪو سرڪاري عملدارن ۽ قيدياڻين جي وچ ۾ ٿئي ٿو. ان درجي تي ڪم ڪرڻ سان تو لاءِ هتان ڀڄڻ آسان ٿي ويندو. "

"ڪيئن؟"

"تو وٽ هتان ڀڄڻ جا ٽي رستا آهن، پر اهي سڀئي خطري سان ڀريل آهن. پهريون طريقو اهو آهي تہ تون رات جو جيل جي تالن ۾ ڇيڪر وجهي انهن کي بيڪار ڪري ڇڏين ۽ ايئن جيل پهريدار انهن تالن کي رات جو بند نہ ڪري سگهن ۽ تون سولائيءَ سان ٻاهر وڃين، ڪنڊيدار لوهي تارن تي ڪو ڪمبل وجهي انهن کي ٽپي فرار ٿي وڃين. "

اهو ٻڌندين ٽريسيءَ جي اکين آڏو رائفلن جو گوليون، شڪاري ڪتا ۽ هيلي ڪاپٽر اچي ويا، جيڪي هن جي پويان ڪڍ هجن ها، جيڪڏهن هوءَ ڪنهن نموني ارنيسٽائين جي چواڻيءَ مطابق پهرين طريقي سان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. هن جي پوري بدن ۾ ڊپ ڪري سيءَ جي لهر گذري وئي. هن ارنيسٽائين کان پڇيو، "ڀڄڻ جي ٻي واه ڪهڙي آهي؟ "

"ٻيو طريقو آهي تہ دليريءَ سان ڀڄڻ. هن ۾ تون ڪنهن پهريدار کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بنائي هتان ڀڄي سگهين ٿي. پر جيڪڏهن تون پڪڙجي وئين تہ پوءِ تنهنجي بچڻ جي اميد تمام گهٽ آهي . هي گهٽو ڪري توکي اتي جو اتي پورو ڪري ڇڏيندا . جيڪڏهن تون ڪنهن صورت ۾ بچي وئين تہ تنهنجي قيد جي مدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۾ پنج سالن جو واڌارو ضرور ڪيو ويندو. "

"۽ ٽيون رستو ڪهڙو آهي؟ "

"ٽيون رستو رعايت يافتہ قيدياڻين وارو آهي. هنن کي سندن ڪمن جي ڪري جيل جي ٻاهر بہ وڃڻ جي گهرج پوندي آهي. مثلن تون وارڊن جي گهر ويندين. جڏهن تون ٻاهر پهچين تہ سڌو هلندي وڃ، تان جو جيل کان ٻاهر نہ ٿي نڪري وڃين.

نڪتي هئي. هن جي ويهڻ ۾ ڳالهائڻ ۾ اهڙو وقار ۽ شان هو جو ايلين پنهنجو پاڻ کي هن کان ڪمتر محسوس ڪري رهي هئي. هوءَ وڌيڪ ان ڪيفيت کي برداشت ڪا نہ ڪري سگهي، " مان پنهنجي ڌيءُ ايميءَ کي وٺي ٿي اچان " اهو چئي ايلين تڪڙو تڪڙو ڊرائنگ روم منجهان ٻاهر نڪري وئي.

ٽريسيءَ ڊرائنگ روم جو جائزو ورتو. ڪيس ان جي سجاوٽ وڻي هئي. ٽريسيءَ کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ صدين کان پوءِ ڪنهن جي گهر آئي هجي.هي گهر ڪنهن ٻين دنيا سان واسطو رکي ٿو ۽ منهنجي دنيا ۾ گهر نہ پر جيل جي ڪولي لڪيل آهي جنهن ۾ بہ هڪ ئي وقت چار قيدياڻيون رهي سگهن ٿيون. هن سوچيو.

ٿوري دير کان پوءِ ايلين پنهنجي نندڙي نياڻي ايميءَ کي وٺي داخل ٿي، " ايمي! هي تنهنجي نئين آيا..... " هوءَ هٻڪي ٻيهي رهي. هن سوچيو الائجي قيدياڻين کي سندن پهرين نالي سان پڪاريو ويندو آهي يا آخري نالي سان. جڏهن ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيس تہ هن ٽريسيءَ جو پورو نالو وٺڻ ٻهتر ڄاتو، " هيءَ ٽريسي وٽني آهي. "

"هيلو. " ايمي ڪيس هٿ هلائيندي چيو.ايمي هڪ پياري ڇوڪري هئي. جيتوڻيڪ هوءَ ڪا گهڻي سهڻي ڪو نہ هئي، پر تنهن هوندي بہ هن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي جنهن ڪيس هر ڪنهن سان جلد ئي دوست ۽ قربائتو ٿي بنايو.

ٽريسي ڪيس ڏسي سوچيو مان هن کي پنهنجي دل جي پرسان اچڻ نہ ڏيندس. ڪڏهن ڪڏهن محبت پيرن ۾ زنجيرون وجهي ڇڏيندي آهي. مان هتي پيار ونڊڻ نہ پر فرار ٿيڻ جي ارادي سان آئي آهيان.

"تون منهنجي نئين آيا آهين؟ " ايميءَ ٽريسيءَ کان سوال ڪيو.

"مان تہ صرف تنهنجي سنڀال ڪرڻ لاءِ تنهنجي ماءُ جو هٿ ونڊائڻ آئي آهيان. "

"منهنجي پهرين آيا جي جيل جو مدو پورو ٿي ويو ۽ هوءَ مون کي ڇڏي هلي وئي. ڇا تون بہ ائين مون کي ائين جلدئي ڇڏي هلي ويندين ؟ " نندڙيءَ ايمي ٽريسيءَ کان پڇيو.

"نہ منڙي. مان هتي جيل ۾ طويل عرصي جي لاءِ آيل آهيان. تون جڏهن وڏي ٿي ويندينءَ تڏهن مان هتان ويندس. "

"اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي. " ايلين تڪڙ ۾ چئي ويٺي، پر ڪيس ترت پنهنجيءَ غلطيءَ جو احساس ٿيو تہ هن جملي سان ٽريسيءَ جي من تي ڇا گذريو هوندو. "منهنجو مطلب آهي تہ..... " هوءَ وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهي ۽ جڏهن ڪجهہ

جيڪي سندس ماءُ ننڍپڻ ۾ ڪيس سيکاريون هيون.

ايميءَ کي گڏيون ڏاڍيون وڻنديون هيون. ٽريسي جيتوڻيڪ انهن گڏين جي نالن کان ايتري واقف ڪونه هئي، ان ڪري هوءَ انهن کي سڃاڻڻ ۾ گهڻا دفعا غلطي به ڪري ويهندي هئي پر ايمي هميشه ڪيس چوندي هئي، " آيا ڪا ڳالهه ڪانهي. " ان وقت ايميءَ جي مک تي ملائڪن جهڙي مرڪ هوندي هئي. اها معصوم مرڪ ٽريسيءَ کي پاڻ ڏانهن گهڻو ڇڪيندي هئي، پر هوءَ پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته هوءَ ايميءَ سان پيار ۾ نه ڦاسي پوي، جيڪا ڳالهه سندس پڇڻ ۾ هاڃيڪار ثابت ٿيندي.

ٽريسيءَ کي مختلف زبانون ڳالهائڻ ايندڙيون هيون. هوءَ گڏين کي آڏو رکي انگريزي، فرانسيسي، اطالوي ۽ جرمن زبانن ۾ گڏين کان ڳالهرائيندي هئي. ان وقت ايميءَ جي منهن تي جيڪا خوشي ايندي هئي، اها بيان ڪرڻ کان ٻاهر هئي. ان وقت ايميءَ جي منهن تي ايتور ته موه اڇي ويندو هو جو ٽريسي ڪيس بس ڏسندي رهجي ويندي هئي. ٿوري دير کان پوءِ هوءَ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي وٺندي هئي ته هوءَ ايميءَ جي ايترو ويجهو نه وڃي، جو ته اهو هن جي لاءِ صحيح نه هوندو. ان وقت هوءَ سوچيندي هئي ته ايمي ٻي ڪا شيءِ نه پر سندس فرار ٿيڻ جو هڪ رستو هو.

شام جو باغ ۾ سير ڪرڻ دوران ٽريسي چوطرف ڌيان سان ڏسندي رهندي هئي ته ان باغ جي اندر اچڻ ۽ ٻاهر وڃڻ جا رستا ڪهڙا هئا ۽ اتان کان جيل جي ديوارين تي ٺهيل برجن مٿان ويٺل سپاهين جو نظرون باغ جي ڪهڙن حصن تي نه ٿي پيون. اتي هر رستي کي ڏسندي ڪيس خبر پئي ته هن ارنيسٽائين سان گڏ جيل مان ڀڄڻ جي جن امڪانن تي غور ڪيو هو، ان مان ڪو به قابل عمل نه هو.

هڪ ڏينهن هن ارنيسٽائين کي چيو، " جيل ۾ شيون پهچائڻ جي لاءِ جيڪي گاڏيون اندر اچن ٿيون، ان ذريعي ڪنهن فرار ٿيڻ جو سوچيو آهي؟ "

" ان کي وساري ڇڏ. انهن گاڏين جي اندر اچڻ ۽ واپسيءَ مهل مڪمل جانچ ٿيندي آهي. "

☆☆☆

هڪ ڏينهن ناشتي مهل ايميءَ ڪيس چيو، " ٽريسي تون ڏاڍي سٺي آهين. تون منهنجي ماءُ ٿيڻ قبوليندين؟ "

انهن لفظن ٽريسيءَ جي وجود جي اندر درد جي هڪ لهر اتاري ڇڏي، هن ايميءَ کي نهايت بي رخيءَ سان چيو، " تو لاءِ هڪ ئي ماءُ ڪافي آهي. "

ٽريسيءَ کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو تہ برٽا سندس پويان پئجي وئي هجي. هوءَ هر وقت ٽريسيءَ جي پرسان ٿيڻ جي ڪوشش ۾ لڳي پئي هوندي هئي. تفريحي ڪمرو هجي يا راند ڪيڏڻ وارو ميدان. هر جاءِ تي برٽا سندس ويجهو ٿيڻ جي چڪر ۾ هوندي هئس.

هڪ ڏينهن برٽا سندس رستو روڪي بيٺي ۽ کيس چيائين، "اڄ تہ تون قيامت پئين لڳين. اجان ڪيترو انتظار ڪرائيندين. "

"منهنجي رستي مان هٽي وڃ." ٽريسيءَ کيس ڪاوڙ مان چيو.

"برٽا وڏيو ٺهڪ ڏنو،" ڪيترو بچندين مون ڪان. مون کي خبر آهي تہ ان ڪاري ڏائڻ ارنيسٽائين جو پيرول تي رهائيءَ جو بندوبست ٿي رهيو آهي. هاڻ بس ڪجھ ڏينهن جي ڳالھ آهي. جنهن ڏينهن ارنيسٽائين هتان وئي تہ ان رات جو تون منهنجي ڪوليءَ ۾ هوندين. مون ان جو انتظار ڪري ڇڏيو آهي ، پوءِ ڏسان تہ توکي ڪير ٿو مون ڪان بچائي. "

ٽريسيءَ ڏانهس حيرت منجهان ڏٺو.

برٽا سندس نظرن جو مطلب سمجهي ڪنڌ کي ڌوڻيو ۽ چيو، "تون مون کي ڇا ٿي سمجهين.مان هن جيل ۾ جيڪو چاهيان، ڪري سگهان ٿي. "

ٽريسيءَ ڄاتو ٿي تہ برٽا سچ ڳالهائي رهي هئي. هوءَ هن جيل اندر هر شيءَ جي ڪرڻ تي قادر هئي ۽ کيس ارنيسٽائين کان سواءِ روڪ ڪرڻ وارو ٻيو ڪو بہ نہ هو، جيڪا خود هتان وڃڻ واري هئي.

☆☆☆

ايميءَ کي باغ ۾ گلن سان واسيل پيچرن تي گهمندي ڏاڍو مزو ايندو هو. پرسان ئي باغ جي وچ ۾ ڦهيل ڍنڍ هئي، جنهن جي چوڌاري ٻن فٽن جي ديوار کڃيل هئي.اها ڍنڍ ڪافي اونهي ۽ وڏي هئي.ان ڍنڍ مان ان باغ کي پاڻي بہ ڏنو ويندو هو. گڏوگڏ جيل جي پاڻيءَ جي ٻين ضرورتن کي بہ هن مصنوعيءَ ڍنڍ مان پورو ڪيو ويندو هو.

هڪ ڏينهن ايميءَ ٽريسيءَ کي چيو، "اڄ تہ ڍنڍ ۾ ترون، ٽريسي. "

"اها ڍنڍ ترڻ جي لاءِ نہ پر باغ ۽ جيل جي چوڌاري ٻنين کي پاڻي ڏيڻ جي لاءِ آهي. " ٽريسيءَ کي اها اونهي ڍنڍ ڏسندي دهشت چڙهي ويندي هئي.اها ڍنڍ کيس ننڍپڻ جون يادون تازيون ڪري ڇڏيندي هئي ، جڏهن هن جو پيءُ کيس پنهنجي ڪلهن تي ڪٽي سمنڊ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ لٿو هو ۽ کيس ان ۾ راند ڪرڻ لاءِ اڇلايو هئائين. جنهن ڪري پاڻي هن

تان پڻ هٿ ڌوئڻا پون.

☆☆☆

ان ڳالهه جي ٽئين ڏينهن ٽريسي جيل جي رڌڻي ۾ روزمره جو ڪم ڪري رهي هئي، جو تہ ايميءَ کي سندس ماڻس شهر ۾ وٺي وئي هئي. هوءَ ارنيسٽائين سان ڳالهيون ڪري رهي هئي.

"جيل جي وارڊن جي گهر تنهنجو ڪم ڪيئن پيو هلي. ايمي ڏاڍي پياري ڇوڪري آهي. "ارنيسٽائين کيس چيو.

"نيڪ پيو هلي." هن کيس مختصر جواب ڏنس.

"مان تو کي ٻڌايان ٿي تہ مان وري جيل ۾ هاڻ نہ ايندس. جيڪڏهن توکي ڪو ڪم ٻاهرين دنيا ۾ هجي تہ ..... "

"پري هٽو." هڪ پهريدار جي آواز ارنيسٽائين جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽي ڇڏيو.

ٽريسي مڙي ڏٺو.هڪ ڌوٻي ڪپڙن کي ڪٽڻ واري گاڏي

(ٽراليءَ) ۾ ڪپڙا کنيو ڏانهنس اچي رهيو هو. هنن ٻنهي ان ڌوٻيءَ کي رستو ڏنو ۽ اهو ماٺهو گاڏي ڌڪيندو هنن جي پرسان لنگهي ٻاهر هليو ويو.

"مون تو کي چيو پئي تہ جيڪڏهن تو کي ٻاهران ڪنهن شيءَ جي گهرج هجي تہ تون مون کي چئجان. مان ۽ منهنجو مڙس... "

ٽريسيءَ سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيو، "ارني..هي ڌوٻي هتي ڇا پيو ڪري. جيل وارن وٽ تہ ڪپڙن ڌوئڻ جو پنهنجو بندوبست ٿيل آهي. "

"هي ڌوٻي صرف جيل جي عملدارن ۽ سپاهين جي لاءِ آهي. پهرين اهي بہ سندن ڪپڙا جيل جي لانڊريءَ ۾ موڪليندا هئا ، پر قيدياڻيون انهن کي ڇيري ڦاڙي، مختلف واهيات پيغام لکي انهن جي اندر سبي ڇڏينديون هيون. ان ڪري هاڻ اهو انتظام ڪيو اٿن تہ جيل حڪام جا ڪپڙا ٻاهر ڌوپجن . "اهو ٻڌائي ارنيسٽائين کلڻ لڳي ۽ کجهه چوڻ لڳي.

ٽريسيءَ کي ارنيسٽائين جي ڪا ڳالهه ٻڌڻ ۾ نہ پئي آئي. هن جو پورو ڌيان ڌوٻيءَ جي پاسي لڳل هو. کيس خبر پئجي وئي هئي تہ هو ڪيئن هن جيل مان ڀڄي سگهي ٿي.

☆☆☆

وارڊن برانيگن ناشتو ڪري رهيو هو. سندس زال کيس چيو، " منهنجو خيال آهي تہ تون ٽريسيءَ جي جاءِ تي ڪنهن ٻيءَ آيا جو بندوبست ڪر. "

وارڊن ڪنڌ کڻي ڏانهس ڏٺو، " ڇو! ڇا ٿيو. خير تہ آهي؟ "

" ڪا اهڙي خاص ڳالهه نہ آهي ،

ارنيسٽائين ٿورو سوچيو. " ها! مان تنهنجي ان ڪم ۾ ضرور مدد ڪندس. جيڪڏهن تون پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين تہ اها منهنجي طرفان برٽا کي آخري شڪست هوندي. "

جيل جي سيني قيدياڻين کي خبر پئجي وئي تہ ٽريسيءَ هتان کان فرار ٿيڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي. اتي هر قيدياڻيءَ جي خواهش هئي تہ هوءَ بہ ان جيل منجهان فرار ٿي سگهي پر چوڪسيءَ ڪندڙ پهريدارن، شڪاري ڪتن ۽ هيلي ڪاپٽرن جو ڊپ ۽ اڳين فرار جي ڪوشش ڪَندي مارجي ويلن جا واپس آيل لاشا ڪين ان ڳالهہ تي عمل ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ تي مجبور ڪندا هئا.

ارنيسٽائين جي مدد ڪري ٽريسيءَ جي فرار جو منصوبو تيزيءَ سان مڪمل ٿي رهيو هو. ٽريسيءَ جي ڪپڙن جي ماپ ورتي وئي ۽ لولا جيل جي ڪپڙن جي اسٽور مان هن جي وڳي لاءِ ڪپڙي جو بندوبست ڪيو. جنهن کي پائوليٽا بيءَ ڪولي ۾ سبڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو. ٽريسيءَ لاءِ جيل جي اندر جوتن جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. جنهن کي رنگ هڻي ٽريسيءَ جي سبجندڙ ڪپڙن جي رنگ سان نهڪايو ويو. هن جي لاءِ هيٽ ( ٽوپي)، دستانن ۽ پرس جو پڻ بندوبست ڪيو ويو.

"هاڻ تولاءِ رڳو جيل جو شناختي ڪارڊ ٺاهڻو آهي.ان کان پوءِ تو کي ڪجهہ ڪريڊٽ ڪارڊن ۽ ڊرائيور جي لائسنس جي گهرج پوندي. ان کان پوءِ تون هتان کان فرار ٿي سگهين ٿين."

"مان انهن جو ڪيئن ٿي انتظام ڪري.... "

"تون بي فڪر ٿي ويهہ. اهو منهنجو ڪم آهي. تنهنجو مون مٿان قرض واجب آهي ، مون کي اهو لاهڻو آهي. "

بئي ڏينهن ارنيسٽائين ڪيس ٽي ڪريڊٽ ڪارڊ آڻي ڏنا. جيڪي ڪنهن جين سمٿ نالي عورت جي نالي ٺهيل هئا.

☆☆☆

اڌ رات جو ٽريسيءَ پنهنجي ڪوليءَ جي در کلڻ جو آواز ٻڌو. ڪو سندس ڪوليءَ منجهہ گهڙي آيو هو. ٽريسي جهٽ ڏئي اٿي ويٺي. هوءَ ڪنهن ايندڙ خطري سان مقابلي ڪرڻ جي لاءِ بلڪل تيار هئي. اونداهيءَ ۾ سندس ساهہ جو آواز گونجي ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو.

ڪيس هڪ سڙٻاٽ ٻڌڻ ۾ آيو. " ٽريسي! اڄ تہ هلون. "

ٽريسي ان آواز کي بلڪل سڃاڻي نہ سگهي، تہ اهو آواز ڪنهن دوست جو هو يا وري ڪنهن دشمن جو .

(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)



ڪيو. جيڪا هونئن چيني ڪاڌن کي سخت ناپسند ڪندي هئي، پر مڙس جو پيڇو ڪندي اچي ان چيني هوٽل ۾ پهتي هئي. هن پيري بہ چيني بسڪٽن کيس اڳواٽ خبردار ڪيو تہ ڪوئي سندس پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ اهي ٻئي بلڪل ذري تان بچي ويا هئا. هاڻي هئريءَ چيني بسڪٽن سان گڏ ملندڙ پيغامن کي سنجيدگيءَ سان نوٽ ڪرڻ شروع ڪيو. هاڻي هو هر پيري ڪنهن نہ ڪنهن پيغام جو انتظار ڪرڻ لڳو. سندس من ۾ خواهشون ڪرَ کڻن لڳيون تہ متان ڪڏهن ڪنهن پيغام ۾ کيس سندس قسمت کلي پوڻ يا ڪو انعام اڪرام کٽڻ جو اشارو ملي پوي، پر ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو. هر پيري هن کي جيڪو پيغام مليو پئي، ان ۾ يا تہ ڪا صلاح مصلحت هوندي هئي يا وري ڪو ڏاهپ جو ڏس.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن انتهائي عجيب ڳالهہ ٿي. معمول مطابق هو ۽ سنتيا، جيڪا پڻ هن وانگر چيني ڪاڌن جي ڏاڍي شوقين هئي، گڏجي چيني ڪاڌو کائي رهيا هئا ۽ ڳالهيون بہ ڪري رهيا هئا ۽ سنتيا کيس ٻڌائي رهي هئي تہ سندس مڙس کي مٿس شڪ پئجي ويو هو ۽ هئريءَ جي زال بہ سندن خفيہ ملاقاتن کان بلڪل بيخبر نہ هوندي. هنن اهڙيون ڪجهہ ٻيون ڳالهيون ڪري مانيءَ ختم ڪئي ۽ هئريءَ چيني بسڪٽ ڪڍيو، جنهن سان گڏ نڪتل پنيءَ تي لکيل هو تہ:

"تون مرڻ وارو آهين."

بسڪٽ جو ٽڪرو سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. هن ڳيت ڏني ۽ پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ ڪهڙو بيهودو مذاق آهي! " هن دل ئي دل ۾ سوچيو. هن کي هڪ گهڙيءَ لاءِ خيال آيو تہ چو نہ وڃي هوٽل جي مئنيجر کي شڪايت ڏيان، پر پوءِ سندس خيال هڪدم بدلجي ويو. هن جي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي ۽ هو سنتيا کي وٺي کيس سندس گهر ڇڏڻ لاءِ نڪتو. سنتيا جي گهر پهچي، سنتيا کي لاهي، هئري اجا ڪار هلائڻ وارو ئي هو تہ هن ڪار جي پئسينجر واريءَ دريءَ مان هلڪو کڙڪو ٻڌو. هن جيئن ئي دريءَ ڏانهن نهاريو تہ اتي سنتيا جو مڙس بيٺل هو ۽ سندس هٿ ۾ بندوق هئي، جيڪا هئريءَ تي تاڻيل هئي. هئري هڪدم خطرو محسوس ڪندي تيزيءَ سان ڪار جو در کولي قلابازي کائي ٻاهر نڪتو، پر ٻاهر وري سندس زال بہ مٿس بندوق تاڻي بيٺي هئي ۽ هي ٻاهر نڪرندي وڃي ساڻس ٽڪرايو. هن جي هٿ ۾ بندوق ڏسي هو وٺي ڀڳو. هن هڪ ئي وقت ٻن بندوقن جي چٽڻ جو آواز ٻڌا، پر هن کي پنهنجي بدن ۾ ڪٿي بہ ڪو سور محسوس نہ ٿيو. هو مسلسل ڊڪندو ئي رهيو ۽ ڪٿي ڪا ساهي بہ نہ کنيائين. جڏهن هو ڪافي اڳتي نڪري ويو ۽ پاڻ کي خطري کان محفوظ سمجهيائين تہ پوءِ هڪ عمارت جي اوٽ ۾ اچي لڪي بيٺو. لاڳيتو ڊڪڻ ڪري سندس

گوبيءَ جي ريگستان جي ڳُجھ دنيا جي وڏن ۽ ڏکين برپتن ۾ ٿئي ٿي. دنيا ۾ گهٽائي اهڙا انسان آهن جيڪي پنهنجين جانين کي خطري ۾ وجهي اهڙا ڪم ڪن ٿا جن سان انسانن جو ڪنڌ فخر سان بلند ٿي وڃي ٿو. گوبيءَ جي برپٽ سر ڪرڻ جو حقيقي داستان، جيڪو قصن کان وڌيڪ دلچسپ آهي.



**ڪي ڪي انسان اهڙا، جن جهڙو ٿيڻ جي من ۾ هميشه خواهش اُڀري ٿي**

# خوابن جو بيابان

## محمد ميمڻ

ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو هڪ وڏو حصو بيابانن ۽ صحرائن سان ڍڪيل آهي. اهي بيابان ۽ صحرا ظاهري طور تي اجايا ۽ فضول محسوس ٿين ٿا، پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهي صدين کان وٺي انسانن لاءِ ڪشش جو باعث رهيا آهن. انسان ڪتابن، قصن ۽ ڪهاڻين ۾ انهن صحرائن بابت پڙهندو رهيو آهي. اها انساني فطرت آهي ته انسان قدرت جي هر نظاري کي پنهنجي پنهنجي ڍنگ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه انسان انهن بيابانن کي

بيابان ايرندي ترڪستان جي پامرز ۽ مانچوريا وارن علائقن جي وچ ۾ اٽڪل ساڍا ٽي هزار ميلن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. ان بيابان بابت صدين ڪان عجيب و غريب ۽ ڀوءُ ڏيارينڊڙ ڳالهيون ۽ قصا ٻڌڻ ۾ ايندا رهيا آهن. ان بيابان جي باري ۾ ناخدا ۽ جت پنهنجن سفرن دوران پيش ايندڙ ڏپ ۽ خوف ڏيارينڊڙ واقعن جو ذڪر ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جا ڪيترائي تجربيڪار سيلاني بہ گوبيءَ جي بيابان کي سر ڪرڻ جو تصور بہ نہ ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ شايد ڌرتيءَ جو اهو حصو شيطانن ۽ ڀوتن جي وسندي آهي.

تاريخ جا ورق شاهد آهن تہ جڏهن انسان ڪنهن ڪم کي گهڻو جوکائتو ۽ ڪٺن سمجهي ڇڏي ڏنو آهي تہ وقت سان گڏ اهڙا ٻيا انسان اڳيان آيا آهن، جن ان جوکم کي للڪار سمجهي قبوليو ۽ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري ڏيکاريو. نڪولائي مخيلوچ پريجيوالسڪي نالي روس جي هڪ سيلانيءَ گوبيءَ جي هن ڀوائتي ۽ پراسرار بيابان کي سر ڪري ڏيکاريو. هن ڪلجا ڪان لاپ نور ۽ ڪنلن جبل جي سلسلن تائين جو سفر ڪيو ۽ پنهنجي ياترا جو مفصل بيان پيش ڪيو. دنيا جي تاريخ ۾ ڪيترائي عظيم سيلاني روس مان ظاهر ٿيا، پر نڪولائي مخيلوچ سڀني ڪان وڌو ۽ عظيم سيلاني هو. هو صحرائن ۽ بيابانن جي ڪچ جو پڻ ماهر ليکيو ويندو هو. هن روس جي ايشيائي علائقن جا ڪيترائي سفر ڪيا. هن اهو ڪاٿو ڪري ڏنو تہ سائبيريا جي ٽنڊرا جهنگلن ڪان افغانستان جي سرحد تي وهندڙ آڪسس دريا جي ڪناري تائين جي آبادين کي ڪيئن ترقي ڏيارجي. روسي سائنسي ترقياتي ادارن هن جي ڪم جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ هن کي ڪم سونپيو ويو تہ هو سمرقند جي علائقي جو سفر ڪري ۽ ان بابت صحيح ڄاڻ ۽ حقيقتون گڏ ڪري. هن کي اهو سفر گوبيءَ جي صحرا مان گذري ڪرڻو هو. گوبيءَ جو صحرا، جنهن منجهہ هينئر آبپاسيءَ لاءِ چشما ۽ ڍنڍون موجود آهن، اهي نڪولائي مخيلوچ پريجيوالسڪي ۽ سندس ساٿين جون دريافت ڪيل آهن. هيون. ان سفر ڪانپوءِ نڪولائي مخيلوچ پريجيوالسڪي کي الماتا جي شهر ڏانهن موڪليو ويو، جيڪو قازقستان ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ روس جي ڏاکڻي ايرندي علائقي جي چيڙي تي واقع آهي. اهو شهر برف سان ڍڪيل ٽائين شان نالي جبل جي پاسي ۾ موجود آهي. روسي بادشاهت جي دور ۾

ٻڌائڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ اها شيطانن ۽ ڀوتن جي دنيا آهي. اسان جو اتي وڃڻ جو واحد سبب پيٽ گذر لاءِ جتن ڪرڻ هو.

ان اڻپوري ۽ اڌوري معلومات اهي نڪولائي مخيلوچ پريجيوالسڪي جي دل ۾ گوبيءَ جي هن پراسرار بيابان کي پار ڪرڻ جي شوق کي ويتر اڀاريو. هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي، جڏهن ڪيس هڪ اداري طرفان خط مليو، جنهن ۾ هن جي سفر لاءِ مالي سهڪار جي پڪ ڏياري وئي هئي. هن فوري طور تي تياري شروع ڪئي ۽ رستي جي لاءِ هڪ سونهون، جنهن وٽ خچر گاڏي هئي، ڀاڙي تي رکيو. هيءُ پنهنجا اوزار ۽ سازو سامان ان ۾ رکي سفر تي نڪري پيو. هن فيصلو ڪيو تہ سفر جو آغاز ڪلجا کان ڪيو وڃي، جيڪو الماتا جي اتر اڀرندي پاسي هو ۽ گوبيءَ جي روسي حصي ۾ هو. سندس خيال هو تہ تائين شان کي اتان کان سر ڪيو وڃي. جيئن جيئن هو جبل جي ويجهو ٿيندو ويو. هن جو رستو اٽانگو ٿيندو ويو. هن کان اڳ گوبيءَ جي بيابان جو صحيح نقشو موجود نہ هو. تنهنڪري هن کي پنهنجن اوزارن ۽ ذهني اندازي تي ڀاڙڻو هو.

شروع ۾ خوشگوار موسم هئي. پر جڏهن هن پنهنجي سفر جي ابتدا ڪئي تہ اوچتو اتر کان تيز هوائن جو سلسلو شروع ٿي ويو. هر طرف واري اڏامندي نظر ٿي آئي. هو پاڻ ۽ سندس سونهون، واريءَ سان لٽجي ويا. هنن جي نڪ ۽ اکين ۾ واري پئجي وئي. اهي اکيون ڇنڀيندا، ٽڙندا ٽاٻڙندا اڳيان وڌندا رهيا. جڏهن رات ٿي تہ گرمي پد ٻڙيءَ کان بہ هيٺ ڪري پيو. هن فيصلو ڪيو تہ هاڻي ڪٿي رڪجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ حالتن ۾ سفر جاري رکڻ فضول هو. هي ڪمبل ويڙهي سمهي رهيو. هن جو سونهون بہ هن جي ڪمبل ۾ گهڙي ويو. ڪجهہ وقت تائين نڪولائي مخيلوچ پريجيوالسڪي کي هن مان گرمائش محسوس ٿيندي رهي، پر پوءِ ناخدا جي ڏپ واري ڪوٺ تي ميڙن اوچتو اچي حملو ڪيو ۽ سڄي رات ڪيس جاڳندي گذارڻي پئي. بهرحال صبح ٿيو، پر هوا جي شدت ۾ ڪا ڪمي نہ آئي هئي. اجا تائين واريءَ ۽ ريتيءَ جو طوفان هلي رهيو هو. ٿڌي هوا جڻ وڇون وانگر ڏنگ هڻي رهي هئي. بهرحال هي قدم بہ قدم ڪلجا ڏانهن وڌندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو تہ گوبيءَ جو بيابان سندس اندران سفر ڪندڙ ماڻهن کي اهو سبق ڏئي ٿو تہ اهو بيابان ٻاهرين ماڻهن کي خوش آمديد نہ ٿو ڪري.

شفاف پاڻيءَ جي هڪ نهر جي ڪناري تي تنبو لڳائي ترسي پيا. ان پاڻيءَ منجهان جهليل لذيذ مڇيون سندن لاءِ توانائيءَ جو ذريعو ثابت ٿيون. هاڻي هنن جي ذهن ۾ هو ته گوبيءَ تائين جو سفر به ڏينهن هلندو. هن جا ساٿي گهڻو خوش هئا ۽ ڪافي وقت ننڊ ۾ گذارڻ لڳا. جڏهن ته هو پاڻ الما اتا کان وٺي گس ۽ بيابان جي ڪچ (پيمائش) ۽ سروي ڪرڻ لڳو.

سفر جي دوران هو جيتري به معلومات گڏ ڪري سگهيو. ان مان خبر پئي ته گوبيءَ ۾ ٽي مختلف قافلن جي گذرڻ جا رستا هئا. پهريون رستو ڏکڻ اوير ڏانهن ڪراشر کان لنگهي ويو ٿي. ٻيو اوير ۾ ٽرفن کان ٿيندو گزريو ٿي ۽ ٽيون اتر اوير ۾ يرومشي کان ويو ٿي. ٽرفن، ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي اونهين ۾ اونهو حصو آهي. ان لاءِ نڪولائي کي ڏاڍو شوق هو ته ان جو سروي ڪيو وڃي. اهو ئي سبب هو جو هن ان وچئين رستي جو انتخاب ڪيو. هو پنهنجن همراهن سان گڏ رستي جي ان هنڌ تي پهتو. اتي زرخيريءَ بدران بنجر ۽ ويران علائقو ڏسي هي سيئي پريشان ٿي ويا. پورو بيابان ويران لڳو پيو هو. واريءَ جي بدران ريتي ۽ پٿر هر طرف کان انتهائي خوف ڏياريندڙ منظر پيش ڪري رهيا هئا. نڪولائيءَ چوطرف نهاريو. هن کي ائين لڳو، ڄڻ بيابان ۾ ريتي هن کي گهوريندا هجن.

جيتوڻيڪ اتان ڪيترائي قافلا گذريا هوندا، پر ڪٿان به رستو ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. شايد پٿرن ۽ ريتيءَ جي ڪري انهن جي قدمن جا نشان زمين تي ٻٽيا ئي نه هئا. بهرحال هڪ رات اتي گذارڻ کانپوءِ صبح جو سوير اهي اڳيان وڌيا. پري پري تائين ساوڪ ۽ پاڻيءَ جو ڪو اهڃاڻ نظر نه ٿي آيو. نڪولائي ڏاڍو پريشان ٿيو. هن سفر ڪين اڌ مٿو ڪري ڇڏيو هو.

هيترو وقت هوا شانت رهي هئي، پر ايندڙ صبح تمام تيز هوا شروع ٿي وئي. تمام مشڪل سان اهي اڳيان وڌي سگهيا. رات ٿي ته ڪين هوا جي گذرڻ ڪري عجيب و غريب آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيا. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ڪير ڏاڍيان رڙيون ڪري ڪين سڏي رهيو هجي ۽ چئي رهيو هجي ته هتان هليا وڃو، هيءَ ڀوتن جي دنيا آهي، هتي اوهانجي ڪا ضرورت نه آهي. نڪولائي ڏاڍو دلير ماڻهو هو ۽ هن کي اهڙين پراسرار جاين تي وڌيڪ مزو ايندو هو. هو ڪنبل ويڙهي، لت ڪوڙي سمهي رهيو.

اڳئين صبح جو هن کي گوبيءَ بيابان جي مشهور رج ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي باري

پاڻي مقدار ۾ تہ تمام گهٽ هو. پر پيئڻ جي لائق نہ هو. ٽرفن. گوبيءَ جو اهو واحد زرخيز علائقو هو جتي ڪيترائي فصل. مثال طور انگور. گدرا. آڙهو ۽ آلوبخارا وغيره ڪافي مقدر ۾ ٿيا ٿي . نڪولائي اتي جي بازارن ۾ گهميو ۽ اتي جي ماڻهن جي طور طريقن کي ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ هن کي ياد آيو تہ هن ڪٿي پڙهيو هو تہ گوبي، خوابن سان ڀريل صحرا آهي.

ٽرفن جي هر گهر جي ڇت جي مٿان هڪ پلواڙو نهيل هو. جتي سڄو خاندان گرميءَ جي موسم ۾ ويهندو ۽ سمهندو هو. تڏي هوا ۾ ذائقيدار گدرا ڪائيندي ۽ شفاف پاڻي پيئندي ڏاڍو سنو لڳندو هو. اهو پاڻي ترڪ ڇوڪرا علائقي کان ٻاهر هڪ نهر تان گڏهن تي ڍوئي ايندا هئا. ڪو شخص سست ۽ ڪاهل نظر نہ ٿي آيو. هر ماڻهو سخت مشقت ڪري رهيو هو. سندن ڪم جو وقت پرهہ ڦٽيءَ کان وٺي ڏينهن جي تقريبن ٻارهين وڳي تائين هو. ٻنپهرن جي ماني کائي وري ڪم ۾ لڳي ويندا هئا ۽ شام جو دير تائين محنت ڪندا رهندا هئا. نڪولائي هن علائقي جو حوالو پنهنجي سروي ۾ واضع نموني ڏنو آهي ۽ خيال ظاهر ڪيو اٿس تہ جبلن جي وچ ۾ ٽرفن جي اها اونهي وادي شايد ڪنهن زلزلي جو نتيجو آهي. ڪجهہ وقت اتي گهارڻ ڪانپوءِ هن پنهنجن همراهن کي گڏ ڪيو. جن اڳيان هلڻ نہ پئي چاهيو. جيئن تيئن انهن کي راضي ڪري ڏکڻ طرف لوڻ جي دٻڻ واري علائقي ڏانهن وڌڻ لڳا. لوڻ هنن جي رانن تائين چڙهي ٿي ويو. جنهن سبب انهن کي اڃ محسوس ٿي ٿي. چهري ۽ اکين ۾ پڇڪارو ۽ ساڙ محسوس ٿي ٿيو. اتان کان خشڪ جبل تائين جو سفر انتهائي ايذائيندڙ هو. خشڪ جبل تي پهچندي ڪجهہ آرام محسوس ڪيائون. اهو جبل عجيب قسم جو هو. قدم قدم تي پٿرن جي ساخت ۽ رنگت مختلف هئي. ڳاهہ جا ساوا ٻوڙا ۽ ڪک ڪانا هر طرف پکڙيل هئا. جن جا پن هوا جي تيز ڌارا سبب ڇهنبدار ٻڌجي ويا هئا. هن پوري علائقي ۾ فقط ڪواءِ (طوفان جنهن کي گوبيءَ جا ماڻهو ڀوت سمجهندا هئا) جي ڇرپر ڏسڻ ۾ ٿي آئي. اهي لمحن ۾ جوڙن جي شڪل ۾ اوچتو ظاهر ٿي ٿيا. ڪاري مٽي اڏائيندي پريت جيڏا ٿنڀ ٿي لڳا. ماڻهن جو خيال هو تہ اهي مادي ۽ نر ڀوت آهن. جيڪي ڇرپر ۾ اچن ٿا. هڪ ٻئي سان ملن ٿا ۽ فنا ٿي وڃن ٿا.

اهو سڄو سفر ڏکهو ۽ ٿڪائيندڙ هو. جڏهن لاپ نور جي سرسبز علائقي ۾

# خواب ۽ ٽيلي پيٿي

مقصود احمد قاضي

پئراسائيڪالاجي جي موضوع تي هڪ حيران ڪندڙ لکٽي، جنهن ۾ خوابن ذريعي ڏس مليا ۽ باقائده سچ ثابت ٿيا. خواب صرف سٽل دماغ جي يگڙ بڙ نہ پر هڪ پراسرار ڪيفيت آهي، جنهن ۾ آگاهي پڻ ملي ٿي.

**خوابن ۽ آگاهيءَ جي مٿان لکيل هڪ بيمثال تحرير**

برٿا هيوز نالي هڪ عورت 31 آڪٽوبر 1898ع جي صبح جو سوير گهران نڪتي ۽ پوءِ سندس ڪا خبر نہ ملي. سندس گم ٿيڻ جي خبر پوڻ شرط سندس ڳوٺ ورمونٽ ۽ اينفيلڊ جي علائقي جي ڏيڍ سو ڪن ماڻهن "مسڪووا" ڍنڍ (هيءَ ڍنڍ سندن ڳوٺ جي نزديڪ هئي) جي ڀرپاسي جي سموري علائقي ۾ ڪيس ڳولهيو. ڪين فقط هڪ مائيءَ ڪان پتو پيو تہ هن ڪو ماڻهو ڏٺو هو، جيڪو ڍنڍ وٽ برٿا سان گڏ هو ۽ اهي ٻئي ڄڻا گڏجي ڍنڍ جي ٻئي ڪناري تي هليا ويا هئا. پر پهرئين ڏينهن جي ڳولها ڦولا اجائي ثابت ٿي. ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن ڍنڍ ۾ ڳولهڻ لاءِ هڪ غوط خور کي آندو ويو پر هن جي بيحد ڪوشش هوندي بہ برٿا جو ڪو بہ



ڏنو تہ هن مسز ٽائيٽنس جي ٿي ڏسيل جاءِ تان هڪ لاش هٿ ڪري ورتو هو.

غوط خور بعد ۾ ٻڌايو تہ هن ڍنڍ جو اندر پاڻي جو رنگ ڏنڌلو هو، ۽ جنهن مهل هيءُ ارڙنهن فٽ هيٺ پاڻيءَ منجهہ لٿو تہ کيس برٿا جو لاش نظر آيو. "آئون بلڪل ان ئي جاءِ تي بيهي رهيس. " هن ٻڌايو، "ماڻهن جا لاشا پاڻيءَ مان ڪڍڻ منهنجو پيشو آهي ۽ آئون انهن کان نہ ڊڄندو آهيان، پر هن ڀيري الائجي ڇو آئون ڪجهہ ڊنل هوس. مون دل ۾ سوچيو تہ چار ميل پري ويٺل عورت ڪيئن هتي آئي آهي ۽ مونکي توڙي ٻين ماڻهن کي ٻڌايو اٿس تہ لاش ڍنڍ ۾ ڪٿي پيل آهي؟ "

نفسياتدان وليم جيمس، هن ڪيس جي ڳوڙهي جانچ ڪئي، ۽ ان سلسلي ۾ هن مسز ٽائيٽنس کان بہ پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ هن معاملي سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن کان تحريري بيان ورتائين. پر اهو بہ هن سوال جو ڪو تسلي بخش جواب نہ ڏئي سگهيو. هو پڻ غوط خور وانگر ئي مونجهاري جو شڪار رهيو، پر هن پنهنجي بيان ۾ سچائيءَ سان اقرار ڪيو تہ " مسز ٽائيٽنس وارو معاملو......روحاني آگهيءَ جي غير معمولي نوعيت جو پڪو پختو ثبوت آهي. "

"آگهي" جنهن کي عام طور تي "الهام" چيو ويندو آهي، گهڻو ڪري سان جڙيل ڏنو ويو آهي. ڪيترن ئي ماڻهن جا اهڙا ڪيترائي واقعا علم ۾ آهن، جن کي خوابن وسيلي پيش آيل واقعن بابت آگهي ملي هئي، انهن کي مليل چاڻ ڪي بي ڪا بہ معنيٰ نہ تي پهرائي سگهجي. ڪو شڪي مزاج ماڻهو ئي اهڙي قسم جي انفرادي معاملن تي بحث بازي ڪري سگهي ٿو، پر جيڪڏهن مختلف ذريعن سان حاصل ڪيل ثبوتن جي اڪثريت تي نظر وجهبي تہ ان حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن نہ رهندو تہ ڪي ذهن غيرمعمولي طور تي ڪن واقعن ۽ حقيقتن کي ڏسڻ جي صلاحيت رکن ٿا ۽ اها صلاحيت ڪڏهن خوابن جي ذريعي بہ ڏيکائي ڏيندي آهي.

ڳاڙهي گدام جي نالي سان مشهور جڳهہ ۾ ٿيل قتل جو معاملو:

خواب ۾ ڏٺل منظرن جي سلسلي جو هڪ ٻيو واقعو بہ مشهور آهي، جنهن سان ڳاڙهي گدام نالي جڳهہ ۾ ٿيل هڪ قتل جو راز افشا ٿي ويو. 1827ع ۾ انگلينڊ جي "ماريا مارٽن" نالي هڪ عورت وليم ڪورڊر نالي هڪ هاريءَ سان پنهنجي ڳوٺ مان ڀڄي وئي ۽ اهي ٻئي هنڌ رهڻ لڳا. ڪجهہ وقت کان پوءِ وليم ڪورڊر هڪ ٻيءَ مائيءَ سان اک مٽڪو ڪيو ۽ ٻنهي ڄڻن گڏجي ماريا مارٽن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ کيس گدام جو پٽ کوٽي

هئي جو هنن گهر جي مالڪ کي جاڳايو ۽ ان ڪمري ۾ ويا. جيڪو جيڪب خواب ۾ ڏٺو هو. هتي انهن کي پٽ تي خواب ۾ نشاندهي ڪيل جڳهه تي پردو پيل نظر آيو. جنهن کي هٽائڻ سان کين هڪ ننڍڙو خانو ڏسڻ ۾ آيو. جنهن ۾ ڪجهه قدر گهميل پنن جو ڳٽڪو پيل هو. جڏهن انهن پنن کي صاف ڪري جاچيو ويو ته اهي پنا "Divine comedy" جا گم ٿيل تيرنهن بند نڪتا.

شڪي مزاج ماڻهو اهڙي قسم جي واقعن جي سلسلي ۾ ٻه تاويلون پيش ڪن ٿا. يعني هڪ ته اتفاق سان ڪنهن ڳالهه جو معلوم ٿيڻ. يا اسان جو لاشعور گهڻو ڪجهه ڄاڻي ٿو. جنهن جي شعور کي گهٽي خبر ناهي. ڪڏهن غيرشعوري ڄاڻ جي شعور کي آگهائي تي ويندي آهي. پر سندس انهن ٻنهي ڳالهين کي ثابت ڪرڻ لاءِ وٽن ڪو به ثبوت نه آهي. مسز ٽائينٽس وارو معاملو پراسراريت جو جنو ثبوت پيش ڪري ٿو. تنهن ڪانسواءِ ان تي پنهنجي دور جي ممتاز نفسياتدان وليم جيمس جي تحقيق ٿيل آهي. جنهن جي تحقيق ڪنهن به شڪ شبهي سان بالاتر آهي. جنهن ان سلسلي جي سمورن اعتراضن ۽ ثبوتن کي جمع ڪيو هو.

وليم اسٽيفن جي ڪتا:

خواب ۾ ڏٺل منظر جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو سگهارو واقعو وليم اوليور اسٽيفن جي ڪتاب "خوابن جا اسرار" سان تعلق رکي ٿو. جيڪو هن جي پٽ سان پيش آيو.

سندن پٽ هڪ ڏينهن نيرن تي پهچڻ ۾ دير ڪئي ۽ سڏ تي به ورائي نه ڏنائين. جنهن جي ڪري سندس ماءُ خبر چار وٺڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ وئي. هن کيس پلنگ تي ويٺل ڏٺو. سندس اکيون ڏپ ۾ ڦوٽاريل هيون. لڳو پئي ته ان ڪجهه مهل پهرين ڪو خوفناڪ منظر ڏٺو هجي. هن پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو ته هن هڪ اهڙو ڀوائتو خواب ڏٺو هو ، جنهن جهڙو هن زندگيءَ ۾ اڳي ڪڏهن به نه ڏٺو هو. خواب ۾ هن ڏٺو ته هو هڪ هلندڙ ڪار مٿان اٽڪل ويهه فٽ ڪن مٿان بيٺل هو. اها ڪار ڪنهن ڪچي روڊ تي هلي رهي هئي. ان ڪار ۾ هڪ جوان مرد ۽ جوان ڇوڪري سوار هئا. ڪار اوچتو روڊ جي ڪاٻي پاسي ور ڪائي وڃي هڪ ڏگهي ٿنڀي سان ٽڪرائي. مرد، جيڪو قد جو ڏگهو، سنهو ۽ غير ملڪي نظر اچي رهيو هو، ڪافي ڪوشش ڪان پوءِ ڪار ڪان ٻاهر نڪري سگهيو پنهنجو پاڻ کي ڇبر تي ڦٽو ڪري سگريٽ دکائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هو. پر سخت تڪليف جي ڪري سگريٽ سندس وات مان نڪري ڪري پيو

ڪيو. هتي آگسٽين جي لکيل تحرير جو تت پيش ڪجي ٿو.

پرسٽانٽس نالي هڪ چڱو خاصو معزز ماڻهو هڪ ڏاهي وٽ پنهنجو معاملو سلجهائڻ لاءِ ڪٽي آيو. ان ڏاهي ماڻوءَ ڪيس ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو. رات جو هن جاڳ واري حالت ۾ ڏٺو تہ اهو ڏاهو ماڻو سندس سامهون بيٺل هو ۽ ڪيس سندس مسئلي جي سمجهاڻي ڏئي رهيو هو ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪري پوءِ اتان هليو ويو.

جڏهن پريسٽانٽس ٻئي ڏهاڙي ساڻس مليو تہ هن ڪيس هڪ ڏينهن اڳ سندس سوال جو جواب ڏيڻ ڪانسواءِ ئي موٽائڻ ۽ وري رات جي بيگاهہ وقت تي سندس گهر اچي ڪيس سندس پڇيل ڳالهہ جي باري ۾ سمجهائڻ جي باري ۾ پڇيو. جنهن تي ان ڏاهي ڪيس وراڻي ڏني تہ "سچ پڇين تہ اهو آئون ڪونہ هوس، جيڪو تو وٽ آيو هوس، بلڪ هڪ خواب ۾ مون ڏٺو تہ آئون توکي تنهنجي پڇيل سوال جو جواب ڏئي رهيو هوس. "

هن معاملي ۾ بہ طرفو ذهني تعلق ڪم ڪندي نظر اچي ٿو. ڏاهو پنهنجي خواب ۾ جاڳيل حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي پريسٽانٽس وٽ ڏسي رهيو هو، جڏهن تہ ٻئي طرف اهو ماڻهو بہ جاڳندي حالت ۾ ڏاهي سان ذهني رابطي منجهہ هو .

ڪجهہ ٻين معاملن ۾ متيون بيان ڪيل ذهني رابطو تڏهن نظر آيو آهي، جڏهن ٻئي ڌريون ستل حالت ۾ خواب ڏسي رهيون هيون. ٻـئي ذهني رابطي جو اهڙو هڪ معاملو ٻن دوستن جي وچ ۾ نيويارڪ ۾ 1892ع ۾ پيش آيو.

ڊاڪٽر ايبلي گليسن خواب ڏٺو تہ هوءَ هڪ اهڙي سنسان جڳهہ تي بيٺل هئي، جتي اونداهيءَ جو راڄ هو ۽ چوطرف وڏا وڻ بيٺل هئا. هوءَ ان وقت ڏاڍو پريشان ٿي وئي، جڏهن هن ڏٺو تہ هڪ ڇاتل سڇاتل ماڻهو غير متوقع طور تي ظاهر ٿيو ۽ سندس پر واري وڻ کي ڌوڏڻ لڳو. جنهن جي ڪري سندس مٿان پن ڇڻي ڪرڻ لڳا، جيڪي ڪيس باهہ جي پيڪي وانگر محسوس ٿي رهيا هئا. ڊاڪٽر گليسن جاڳي پئي ۽ پنهنجي خواب ڏسڻ وارو وقت پاڻ وٽ لکي ڇڏيائين ۽ پنهنجي دوست جان آر جوزلين جو نالو بہ ان ۾ لکيائين، جنهن کي هن خواب ۾ ڏٺو هو. ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن هوءَ جوزلين سان ملي تہ هن ڪيس ٻڌايو تہ "مون اڳاري رات هڪ عجيب خواب ڏٺو هو. " تنهن تي سندس دوست وراڻيو تہ هن پڻ ساڳيءَ رات هڪ عجيب خواب ڏٺو هو، جيڪو هن جاڳڻ بعد پاڻ وٽ لکي ڇڏيو هو. "مونکي پهرين پنهنجو خواب ٻڌائڻ ڏي، " سندس دوست ڊاڪٽر گليسن کي چيو ۽ پنهنجي خواب کي ٻڌائڻ شروع ڪيو. سندس

ڪانپوءِ هر شي ڇڻ اوچتو نظر ڪان غائب ٿي وئي. ايتري دير ۾ مان پنهنجي زال جو آواز ٻڌي اٿيس، جيڪا چئي رهي هئي تہ " آئون ڇو پٽ تي پيل حالت ۾ ڊيڄاريندڙ ۽ ڀوائتا آواز ڪڍي رهيو آهيان. "

ٻئي ڏهاڙي هن نيرن جي ٽيبل تي پنجن ڀين ماڻهن کي ٻڌايو. ٻنپهرن جو خبر پئي تہ سندن ڪتو گم هو. سپني کي هن جو ڏٺل خواب ياد اچي ويو ۽ انهن ڪتي جي ڳولها ڦولها شروع ڪري ڏني. ڇئن ڏينهن بعد ڪين ڪتي جو لاش ڀيانڪ حالت ۾ هڪ واهہ جي ڀرسان پيل مليو. پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي مقامي ماڻهن ٻڌايو تہ هڪ ڪتي کي گذريل ڇنڇر جي رات جو ٻارنهن وڳي ڊاري لنگهندڙ ريل گاڏيءَ پل تان لنگهندي ٽڪر هنيو هو. حادثي جي باقيات ۾ ڪجهہ رت جا دٻا ۽ ڪتي جي جسم جا ڪي ٽڪر پل تي پيل مليا، جيڪي هن جي ڪتي طور سڃاتا ويا.

هاڻي صورتحال اها پئي ڏسڻ ۾ آئي تہ ڪنهن مهل ڪتو ريل گاڏيءَ سان ٽڪرجڻ ڪان پوءِ اتي ڦٽيل وڻن ٽڻن ۾ اچي پيو هوندو. ۽ پوءِ اتي موجود پاڻيءَ جي ڪسيءَ جي وهڪري جي ڪري وڃي هيٺ پهتو هوندو.سندس موت جي وقت جي باري ۾ ڪابہ ڳالهہ خاطريءَ سان چوڻ ممڪن نہ هئي، پر ان جو جيڪڏهن رائڊر هگارڊ جي خواب سان تعلق جوڙيو وڃي ۽ اهو قبوليو وڃي تہ هن جي خواب ڏسڻ جي مهل اهو ڪتو زنده هو ۽ هو رائڊر هگارڊ کي مدد لاءِ سڏي رهيو هو، تہ ان جو مطلب اهو هو تہ اهو ڪتو ان ڪان پوءِ مريو هوندو. رائڊر هگارڊ اهو خواب رات جو هڪ وڳي ڏٺو هو. يعني اهو ڪتو هڪ وڳي تائين زنده هوندو ۽ سندس موت ان ڪان پوءِ واقع ٿي هوندي. هن رواجي حادثي جي عڪاسي ڪندي ناول نگار لکي ٿو تہ " اهڙي معاملن جي ڪلڻ ڪانپوءِ آئون ان ڪانسواءِ ڪجهہ بہ وڌيڪ نہ ٿو چئي سگهان تہ ظاهر ۾ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ماڻهن سميت سمورن جاندارن جي اندر اهڙو روحاني ذهني لاڳاپو موجود آهي، جنهن تي اولهہ جي ملڪن جي ماڻهن کي اعتبار ڪرڻو پوندو. "

ظاهر آهي تہ اهڙي قسم جا بيان اتان جي خود ساختہ روشن خيال ۽ سائنسي ذهن وارن ماڻهن کي ضرور چيڙايو هوندو، پر حقيقت کي بيان ڪرڻ ئي هر پڙهيل ڳڙهيل جو فرض آهي، پوءِ چاهي اها حقيقت پلي سندس خيالن ۽ سوچن جي ابتڙ ڇو نہ هجي.

☆☆☆

عابد زاهد شخص وٽ ويو تہ تون يوشع بن نون کي پٽون ۽ پاراتا ڏي تہ کيس شڪست ملي ۽ اسانکي سوڀ نصيب ٿئي.

بعلم کيس چيو، " بادشاهہ سلامت! هو پيغمبر آهي، کيس پٽ پاراتو ڪونہ لڳندو. "

بادشاهہ کيس ڌمڪي ڏني، " جيڪڏهن تون يوشع عہ کي نہ پٽيندين تہ پوءِ تون سمجهي سگهين ٿو تہ توسان ڇا حشر ٿيندو! "

بلعم کيس جواب ڏنو، " مون سان ڇا بہ ٿئي، تنهنجي مونکي ڪا ڳڻتي ڪانهي. تون پنهنجو فڪر ڪر. "

" وري بہ سوچ، نہ تہ تنهنجو انجام ڏاڍو برو ٿيندو. "

" نہ آئون ائين هرگز نہ ڪندس. "

بادشاهہ کيس ڊيڄاريو، " جيڪڏهن تون يوشع عہ کي نہ پٽيندين تہ توکي ڦاهيءَ تي چاڙهيندس. "

"زندگي ۽ موت خدا جي هٿ ۾ آهي."

" توکي ائين ڪرڻو پوندو نہ تہ!!! "

"مون توکي آخري جواب ڏيان ٿو تہ مون کان اهڙو ڪڌو ڪم هر گز نہ ٿيندو."

ان کانپوءِ بادشاهہ سوچيو تہ هن عابد زاهد ٻانهي کي ائين ناحق ڦاسيءَ تي چاڙهيندس تہ ماڻهو منهنجي انهيءَ فعل تي ضرور مشتعل ٿيندا. ان لاءِ ڪا ٻي ڪيڏ ڪيڏڻ ڪپي. وزيرن جي صلاحن تي بلعم جي زال کي دولت جي لالچ ڏنائين. جيڪا لالچ ۾ اچي وئي. بلعم جي سندس زال سان ڏاڍي محبت هئي.

بلعم جي زال کيس چيو، " تون يوشع عہ کي پٽ، تہ جيئن کيس باليق جي مقابلي ۾ شڪست ٿئيس. "

"اهو ناممڪن آهي. يوشع نبي آهي، آئون هڪ نبيءَ جي خلاف پالڻهار کي ڪو نہ ٻاڏائيندس. "

زالس ضد ڪيس، " نہ..نہ، توکي ائين ڪرڻو پوندو. "

بلعم کيس سمجهايو، " جيڪڏهن آئون پيغمبر کي پٽيندس تہ مون تي الاهي عذاب نازل ٿيندو. "

جوڻس ڏنو تہ ايئن ڪم نہ ٿو نڪري تہ ٻيو داءُ آزمايائينس، " ڇا تون کي مون سان محبت آهي ؟ "

بلعم وراڻيس، " ها! تمام گهڻي. ڇو؟ ڪا خاص ڳالهہ آهي ڇا ؟ "

" منهنجي محبت جي بہ دعويٰ ڪرين ٿو ۽ پوءِ بہ منهنجي ڳالهہ مڃڻ کان انڪاري آهين. "

بعلم کيس سمجهايو، " بس مونکي انهيءَ فعل تي مجبور نہ ڪر. آئون تباهہ ٿي وينديس. "

زال ڪاوڙ ۾ چيس، " تنهنجون اهي

تي پنهنجي لشڪر سان وينو آهيان ته ملڪ فتح ٿئي ته تنهنجا شڪرانا بجا آڻيون. ان جي ابتڙ اڄ دشمن کي سوڀ ملي آهي، سو ڇو؟ "

رب العزت جواب ۾ فرمايو ته هن قوم ۾ منهنجو هڪڙو پهتل ٻانهو آهي، هن جي اسم اعظم پڙهڻ تي مون سندس سوڀ لاءِ دعا قبول فرمائي آهي.

تنهن تي حضرت يوشع ع هڪدم سر سجدي ۾ رکيو ۽ بارگاهه خداونديءَ ۾ دعا گهريائين. "يا رب ڪريم! يا الله! يا رحيم! هن بلعم ان اسم اعظم کي هڪ نبيءَ جي خلاف استعمال ڪيو آهي، ان ڪري ڪائنس ان اسم اعظم جي طاقت کسي ڇڏ! "

هن جي دعا برگاهه الاهيءَ ۾ قبول ٿي ۽ بلعم بن باعور کان اسم اعظم جي طاقت کسي وئي. هاڻ يوشع ع يڪدم بني اسرائيل کي شهر متان حملي جو حڪم ڏنو. هنن زبردست ڪاهه ڪئي. زمين ۾ ڄڻ ته زلزلو اچي ويو هجي. شهر جي قلعي وارو دروازو هنن جي نعرن سان ڪري پيو. ٻاليق وارا به مڙسيءَ سان وڙهي رهيا هئا. ٻئي ڏينهن ڇنڇر هو. تورات جي حڪم مطابق ان ڏينهن تي جنگ ڪرڻي ڪانه هئي. يوشع ع دعا گهري ته "يا رب ڪريم! اڄ اسان جي فتح جا دروازا کولي ڇڏ نه ته سڀاڻي ڪافر قوم اسانکي تباهه ڪري ڇڏيندي، ڇو ته اسان کي ڇنڇر تي وڙهڻو ڪو نه آهي. سو اي پالڻهار! ڏينهن کي ڊگهو ڪر ته اسان سوڀ ماڻيون. "

حضرت يوشع ع اڃا دعا گهري مس پوري ڪئي ته سج ڄڻ ته پنهنجي جاءِ تي ٽڪي ويو. سج لهڻ کان اڳ ۾ ئي يوشع جي لشڪر دشمن جي فوج کي شڪست ڏئي ميدان صاف ڪري ڇڏيو. تورات جي حڪم مطابق دشمن جو مال غنيمت حلال نه هو، انڪري يوشع ع هٿ آيل سڀ ڪجهه ساڙي رک ڪرائي ڇڏيو. جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ بلعم اچي يوشع ع جي پيرن تي ڪريو ۽ معافي طلب ڪيائين.

حضرت يوشع ع چيس ته منهنجي دعا سان تنهنجي اسم اعظم جي بزرگي ۽ طاقت صفا ڇڻ تي وئي آهي. هاڻي الله تعاليٰ تنهنجون فقط ٽي دعائون قبول ڪندو، سو جيڪي گهرڻو هجئي گهر.

بلعم اهو ٻڌي ڏک ۽ غم جي درياهه ۾ غرق ٿي ويو. هاڻي پڇتاءَ ۽ پشيمانيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. هاڻي ڪري به ته ڇا ڪري.

گهر اچي زال کي چيائين، " چنڊي! مون توکي نه چيو هو ته پيغمبرن کي پٽ پاراتو نه لڳي سگهندو آهي، ڏس آخرڪار هن کي فتح نصيب ٿي. صرف اسان ذليل

ماڻهو پڇيس، "ڇا هوءَ بيمار آهي، يا هن جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي. "

بلعم جواب ڏنو، "نه! هوءَ ٺيڪ آهي ۽ هن دنيا ۾ ئي آهي. "

ماڻهوحيران ٿي ڪائنس پڇيو، " ته پوءِ ڇا تو هن کي طلاق ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي ڇا؟ "

"نه. طلاق به ڪانه ڏني اٿم. "

"پوءِ ڇا هوءَ توکي ڇڏي هلي وئي آهي يا تو هن کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي يا ڪا عليحدگي ٿي آهي. ڪجهه ته ٻڌاءِ؟ "

"نه ائين به ناهي. "

"پوءِ آخر هوءَ ڪيڏانهن هلي وئي آهي، پنهنجن ابهم ٻارن ٻچن تي به ڪو رحم نه آيس!؟ "

"بس! توهان انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. "

"ائين وري ڪيئن! اسان تنهنجن ٻچن جو اهڙو حال تا نه ڏسي سگهون. "

"مهرباني ڪري منهنجي جند ڇڏيو ۽ وڃي پنهنجي ڪم ڪار جي ڪريو. "

"نه اسانکي هاڻي شڪ ٿو پوي، ڪٿي تو هن کي قتل ڪري ڪٿي پوري ته نه ڇڏيو آهي. "

"توهان واقعي حقيقت معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا. "

ماڻهن ها ڪار ۾ وراڻيس.

بلعم کين ٻڌايو، "ڳالهه اصل ۾ اها آهي ته مون ڪاوڙ ۾ پرچي پنهنجي زال کي پٽيو ته ڪتي ٿي پوي! هوءَ هاڻي ڪتي ٿي پئي آهي. هن کي مون گهر جي ڪنڊ ۾ رسيءَ سان ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ هوءَ ڀوئنڪي رهي آهي. "

ماڻهن کيس ملامت ڪندي چيو، " اي بلعم! اهڙو ڪيس تو ڇو ڪيو! ڇا پنهنجي اولاد تي به ترس نه آيئي. "

بلعم جواب ڏنو، " بس ڇا ٻڌايان! هن جي حرڪتن ۽ شرارتن، جهيڙن ۽ جهٽن کان آئون ايڏو تنگ ٿي پيس، جو مجبور ٿي هن کي پاراتو ڏيڻو پيو. "

ماڻهن کي يقين نه پئي آيو ته گهر جي ڪنڊ ۾ ٻڌل ڪتي هن جي زال هئي، پر اسانکي ڪيئن پڪ ٿئي ته هيءَ ڪتي واقعي تنهنجي زال آهي ۽ تو ڪا رولو ڪتي وٺي اچي ڪري گهر ۾ نه ٻيهاري ڇڏي آهي؟ "

بلعم ڪائن پڇيو، " ڇا اوهان منهنجين دعائن جي قبوليت ۽ اجابت کان واقف ناهيو!؟ "

"ها! پر تو پنهنجي زال جي لاءِ اهڙي بددعا گهري آهي ۽ هيءَ ڪتي درحقيقت تنهنجي زال آهي، ان تي اسان کي ويساهه نه ٿو اچي، ڇو ته اسان کي خبر آهي ته تون

# شيطان ۽ ڳوٺاڻي ڇوڪري

پائلو ڪولهو جي مشهور انگريزي ناول

The Devil and Miss Prym

جو ترجمو

پائلو ڪولهو / منصور پرڙو

وڏيڪ پنهنجو ڪردار ادا ڪري نہ سگهندا آهن ۽ پوءِ اهي ڪنهن پاڙيسريءَ جي ڳولها ڪندا آهن، جنهن سان ڳالهيون ڪري دل جو بار هلڪو ڪري سگهن.

هوڏانهن برٽا جي در جي ٻاهران ويهڻ جو هڪ سبب بہ هو.

انهيءَ ڏينهن سندس انتظار ختم ٿيو، جڏهن هن هڪ اجنبيءَ کي پنهنجي ڳوٺ ايندي ڏٺو، جنهن جو رخ ڪنهن هوٽل طرف هو. هن جا ڪپڙا ميرا هئا، وار ۽ ڏاڙهي بي ترتيبيءَ سان وڌيل هئس.

برٽا ڏٺو تہ هن سان گڏ شيطان بہ هو.

برٽا جي اندازي مطابق اهو اوپرو ماڻهو هوٽل ۾ داخل ٿيو. هن سوچيو تہ جيڪر هوءَ پنهنجي ڳوٺ جي پادريءَ کي هن اوپري ماڻهوءَ جي اچڻ واري خطري کان آگاهہ ڪري، پر هن کي پڪ هئي تہ هو متس اعتبار نہ ڪندو. بس هو ائين سمجهندو تہ پوڙهن ماڻهن کي اهڙا ڪنڪا ٿيندا ئي رهندا آهن.

تنهنڪري هن فيصلو ڪيو تہ هن کي انتظار ڪرڻ گهرجي تہ اڳتي ڇا ٿيڻو آهي. باقي کيس پڪ ٿي وئي هئي تہ هو اهو ئي شيطان آهي، جنهن جي باري ۾ کيس، سندس مڙس آگاهہ ڪيو هو ۽ نشانيون بہ ٻڌايون هيون.

شيطانن کي تباهي آڻڻ ۾ گهڻو وقت ناهي لڳندو. اهي هوائي، سامونڊي يا ڪنهن برفاني طوفان وانگر تباهي پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. اهي سالن کان بيٺل وڻ کي لمحن ۾ پاڙئون پٽي ڇڏيندا آهن. پر برٽا کي شيطان جي موجودگيءَ واري ڳالهہ ۾ ٿورو شڪ پيدا ٿيو تہ هو وسڪاس ڳوٺ ۾ اچي ويو آهي ۽ ڪابہ تباهي ڪانہ آئي آهي. شيطان لڳاتار دنيا مٿان لامارا ڏيندا آهن. سندن نشانيءَ جي باري ۾ ڪجهہ اندازو نٿو ڪري سگهجي. ڪڏهن تہ هو سادي نموني سان صرف انهيءَ جاچ ۾ هوندا آهن تہ دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري ۽ ڪڏهن وري هڪ انسان کي ٻئي سان وڙهائڻ جي ڪم ۾ رڌل نظر ايندا آهن. مطلب تہ اها ذوڪيباز مخلوق آهي، پر برٽا سوچيو پئي تہ وسڪاس ڳوٺ ۾ ڪا اهڙي دلچسپ يا خاص متاثر ڪندڙ شيءِ تہ آهي ئي ڪو نہ جو ڪو ئي هتي هڪ ڏينهن کان وڌيڪ رهي سگهي.

برٽا گهڻي ڪوشش ڪئي تہ سوچ کي ڪنهن ٻئي طرف موڙي پر هوءَ ان اوپري ماڻهوءَ جو خيال دماغ مان نہ ڪڍي سگهي. آسمان، جيڪو ٿورو اڳي صاف هو، اوچتو ئي اوچتو ڪڪرن سان ڀرجي ويو. هن پڪيو: "ائين تہ هنن تاريخن ۾ هر سال ٿيندو آهي. بس اهو اتفاق ئي آهي جو اجنبيءَ جي اچڻ ڪانپوءِ ائين ٿيو آهي."

تہ ائين آسپاس جي ٻين ڳوٺن سان ٿيو پئي، پر هيل تائين وسڪاس جي ڳوٺاڻن ان خلاف احتجاج ڪيو هو. ڇو تہ ان جي بدلي هنن کي پنهنجي ماضيءَ جي عظيم روايتن کان هٿ کڻڻو پئي پيو.

اجنبيءَ کي هوٽل ۾ ڪمري جي لاءِ سندس باري ۾ تفصيل لکي ڏيڻي هئي. ان لاءِ ڪيس جيڪو فارم مليو، هن اهو پوري ڌيان سان پڙهيو ۽ پوءِ ڀريو. هن سوچيو تہ هتي جا ماڻهو سمجهندا هوندا تہ مان ڏکڻ آمريڪا جي ڪنهن ملڪ مان آيو آهيان، تنهنڪري ملڪ جو نالو ارجنٽائين لکڻ گهرجي. ڪيس هونئن بہ اهو ملڪ فوٽ بال راند جي ڪري پسند هو. ائڊريس واري خاني ۾ هن ڪولمبيا اسٽريٽ لکيو ۽ پنهنجو نالو ڪارلوس ظاهر ڪيو، جيڪو ارجنٽينا جي تاريخ جي هڪ دهشت گرد جو نالو هو.

ٻن ڪلاڪن جي اندر ڳوٺ جي سيني 281 رهاڪن کي خبر پئجي وئي تہ ارجنٽائين جو هڪ همراهہ ڳوٺ ۾ آيو آهي. ننڍن ڳوٺن جي اها خاصيت آهي تہ اتي ڪنهن نئين معاملي کان هر ماڻهو جلد واقف ٿي ويندو آهي. هيءَ اها ئي ڳالهہ هئي، جيڪا اجنبيءَ چاهي پئي.

☆☆☆

اجنبي، هوٽل پاران ڏنل ڪمري ۾ ويو ۽ پنهنجي ٿيلهي کي کوليائين، جنهن ۾ ڪجهہ وڳا، شيونگ جو سامان، هڪ بوٽ جو جوڙو، سيءَ کان بچاءَ لاءِ گوريون ، هڪ ٿلهو نوٽ بڪ ۽ يارنهن سون جون شيخون، جن مان هر هڪ جو وزن بہ ڪلو هو، ڪڍيائين. تنهن کان پوءِ هو سمهي رهيو.

صبح جو هن ناشتو ڪري، نئون وڳو پاتو ۽ ميرو وڳو ڌئارڻ لاءِ ڏنو ۽ پوءِ سون جون سيئي شيخون ٿيلهي ۾ وجهي ڳوٺ جي ايرندي پاسي روانو ٿي ويو. وڃڻ دوران هن هڪ ڪراڙي عورت کي پنهنجي گهر جي ٻاهرئين در جي آڏو ويٺل ڏٺو، جيڪا ڪيس گهٽي تجسس سان ڏسي رهي هئي.

ڳوٺ جي ٻاهران گهاٽو ٻيلو هو. هي ان منجهہ ٻي ڏڙڪ داخل ٿي ويو. اتي ويهي ايستائين انتظار ڪرڻ لڳو، جيستائين هو جيتن، پکين ۽ هوا جي زور تي پنن جي سرسراهٽ مان پيدا ٿيندڙ شور جو عادي نہ ٿي ويو.

هن ڄاتو پئي تہ هيءَ اهڙي جڳهہ هئي، جتي، ڪيس ڪو بہ ماڻهو، بنا ڏسجڻ جي،لکي ويهي سندس ڪمن کي جانچي سگهيو ٿي. تنهنڪري هو اتي اٽڪل هڪ ڪلاڪ تائين بنا ڪجهہ ڪرڻ جي ويٺو رهيو.

"ها، منهنجي عمر پاونجاهہ سال آهي، پر منهنجو نالو ڪارلوس ناهي ۽ مون جيڪا معلومات هوٽل واري فارم ۾ ڄاڻائي آهي، اها نسوري غلط آهي"

پرائم چنتل منجهي پئي تہ ڪيس ڪهڙو جواب ڏي.

اجنبيءَ گفتگو جاري رکندي چيو، "منهنجي دعوت جو مقصد اهو نہ هو تہ ڪو مان توکي تنهنجو ئي ڳوٺ ڏيکارڻ چاهيان ٿو. پر منهنجو مقصد اهو آهي تہ مان توکي هڪ اهڙي شيءِ ڏيکاريان ، جيڪا تو ڪڏهن پنهنجي پوريءَ زندگيءَ ۾ ڏٺي ئي ڪو نہ هوندي. "

پرائم چنتل ڪيترين ڪهاڻيون انهن جوان عورتن جي باري ۾ ٻڌيون هيون، جيڪي اوپرن ماڻهن سان ويون ۽ پوءِ غائب ٿي ويون. اها ڳالهہ ياد ايندي هوءَ گهڙي پل لاءِ ڊڄي وئي، پر سندس خوف جلدي نئين مهم تي وڃڻ جي شوق ۾ غائب ٿي ويو.

"تون ڪير آهين؟ " پرائم چنتل پڇيو، "جيڪڏهن تون سچ ٻڌائيندين تہ پڪ ڄاڻ تہ مان تنهنجي ان ڪوڙي سچائپ جو ڀرم رکنديس ۽ ڳوٺ ۾ ڪنهن کي بہ تنهنجي باري ۾ نہ ٻڌائينديس. "

"مان واعدو ڪريان ٿو تہ توکي تنهنجن سمورن سوالن جو جواب ڏينديس، پر پهرين توکي مون سان گڏ هلڻو پوندو. مان توکي ڪا شيءِ ڏيکارڻ ٿو چاهيان، هتان اتي پهچڻ ۾ پنج منٽ مس لڳندا . "

پرائم چنتل پنهنجو ڪتاب بند ڪري، هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ دعائيہ نگاهون ڪنيون، جڏهن تہ سندس دل ۾ خوف ۽ نئين مهم تي وڃڻ جي آنڌمانڌ لڳي پئي هئي. آخر هوءَ اتي ۽ اجنبيءَ جي پويان هلڻ لڳي. اجنبي، ڪيس ساڳيءَ ٽڪريءَ تي وٺي هليو، جتي هن سون پوريو هو. اتي پهچي هن پرائم چنتل کي چيو، "هن جاءِ کي ڪوٽي ڏس تہ هتي ڇا لڪل آهي. "

"منهنجا هٿ خراب ٿي ويندا . "پرائم چنتل نهڪر ڪندي چيو، " ۽ گڏوگڏ منهنجا ڪپڙا بہ گند ۾ ڀرجي ويندا . "

اجنبيءَ ڪيس وڻ مان هڪ ٽاري ڀڃي ڏني ۽ چيو تہ هن سان زمين کي ڪوٽ. پرائم چنتل کي اجنبيءَ جي اها ڳالهہ بري تہ ڏاڍي لڳي، پر بهرحال هن، سندن چوڻ تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پنجن منٽن ڪانپوءِ هن کي هڪ ڦڪي رنگ جي ڌاتوءَ جو هڪ وزني ٽڪرو نظر آيو.

"هي تہ سون جهڙو ٿو لڳي! " هن چيو.

"اهو سون ئي آهي ۽ اهو منهنجو

هن جا قدم ڪيترائي پيرا ٿڙيا هئا. هر پيري ان خيال کيس حوصلو ٿي ڏنو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو شخص اڃا پنڌ ۾ هجي. پر هاڻي کيس ان ڳڻتيءَ اچي ورايو هو تہ وقت تيزيءَ سان گذري رهيو هو ۽ جيڪو هن سوچيو هو، ائين نہ ٿي رهيو هو. هاڻي تہ هن اهو ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن کيس ڪو اهڙو ماڻهو ملندو، جيڪو کيس پسند هجي بہ يا نہ، پر رڳو اهو ڪري جو هن کي وسڪاس ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍي سگهي، تہ هيءَ ساڻس هلي ويندي. باقي رهي ڳالهہ پيار جي تہ ، اهو تہ بعد ۾ بہ ٿي سگهي ٿو.

"مان اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ اسان جنت ۾ رهون ٿا يا دوزخ ۾؟" اجنبيءَ پرائمر چنتل کي خيالن ۾ گم ڏسي ڪائنس پڇيو.

"مان تہ هن ڌرتيءَ کي جنت جهڙو سمجهان ٿي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ ماڻهو ساڳي جڳهہ تي گهڻو وقت رهڻ ڪانپوءِ بيزار ٿي پوندو آهي." هن اها ڳالهہ رڳو ان ڪري ڪئي تہ جيئن هو کيس هتان ڪان ٻئي هنڌ وٺي وڃڻ لاءِ راضي ٿي وڃي. پر هن، ان ڳالهہ جي ڪا ورندي نہ ڏني. چنتل وري چيو، "ٺيڪ آهي، جيڪڏهن تون مونکي ان سون جي باري ۾ ڪجهہ بہ ٻڌائڻ نٿو چاهين تہ پوءِ مان تنهنجو هيستائين وٺي اچڻ جو شڪريو ادا ڪريان ٿي ۽ واپس پنهنجي ماڳ تي وڃي ڪتاب پڙهڻ چاهيان ٿي."

"ٿورو ترس." اجنبيءَ وري نئين چال ڪيڏي.

"مونکي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن اوهان مونکي ان سوال جو جواب ڏيندا، جيڪو مون پهرين اوهان کان پڇيو هو تہ اوهان ڪير آهيو ۽ هتي ڇا جي لاءِ آيا آهيو؟"

اجنبي، جبلن کان نظر هٽائي سامهون ويٺل عورت کي ڏسڻ لڳو. هن سالن کان مختلف ماڻهن سان ڪم ڪندي گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ورتو هو ۽ ان تجربي جي آڌار تي هن سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هن عورت اهو سمجهيو هجي تہ مان کيس سون ڏيکاري متاثر ڪرڻ ٿو چاهيان. تنهنڪري هوءَ پنهنجي جوانيءَ جو احساس ڏياري مونکي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

"آئون ڪير آهيان، ٺيڪ آهي، ائين سمجهہ تہ مان اهو ماڻهو آهيان، جيڪو ڪا حقيقت تلاش ڪرڻ ٿو چاهي."

"ڪهڙي قسم جي حقيقت."

"مان انسان ذات جي فطرت ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ هو ڪهڙن حالتن ۾ برائيءَ طرف راغب ٿئي ٿو. تون ڄاڻڻ چاهين ٿي تہ

رجحان رکندڙ عورت کانہ هئي، تنهنکري ان باري ۾ ذري بہ خبر کانہ هئس.

اجنبيءَ گفتگو جاري رکندي چيو.

"هن ڳوٺ جو، تو سميت، هر ماڻهو، ايماندار آهي، پر هاڻ تو تہ سون ڏٺو آهي. هن سان تون پوري زندگي آرام سان گذاري سگهين ٿي. ۽ جيڪڏهن تو ان کي چورايو تہ پوءِ تون انهن ڏهن بنيادي مذهبي اصولن جي پهرين اصول جي ڀڃڪڙي ڪندين. اهو پهريون اصول اهو ٻڌائي ٿو تہ "توهان کي چوري نہ ڪرڻ گهرجي".

پرائم چنتل ڏانهنس ڏٺو.

" مان چاهيان ٿو تہ تون ڳوٺ وڃين ۽ اتي رهندڙ سڀنيءَ کي ان سون جي باري ۾ ٻڌايئن. هي سون ماڻهن جي گهڻن مصيبتن کي حل ڪري سگهي ٿو، پر هن ڳوٺ جي ماڻهن کي هي سون حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئين بنيادي مذهبي اصول کي ٽوڙڻو پوندو، جيڪو چوي ٿو تہ "ڪنهن کي بہ مارڻ نہ گهرجي. "

"ڇا؟ "

چنتل جو آواز ائين نڪتو، ڄڻ هوءَ بيهوش ٿيڻ واري هجي.

"ها بلڪل، آئون چاهيان ٿو تہ توهان ڳوٺ وارن مان ڪو خون ناحق ڪري. "

اجنبيءَ ڏٺو تہ عورت صفا هيسجي وئي هئي. ان کان اڳ جو هوءَ اتان هلي ٿي وڃي، هن جلدي پنهنجو منصوبو ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"مان توهان جي ڳوٺ وارن کي هڪ هفتي جي مهلت ڏيان ٿو ۽ ستن ڏينهن جي پڄاڻيءَ تائين جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو بہ غير فطري موت واقع نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ هيءَ دولت ڪنهن ٻئي ڳوٺ وارن ڏانهن ساڳئي ڪم لاءِ ويندي . پر شرط اهو آهي تہ ڪنهن ڪراڙي جو يا ڪنهن جو موتمار بيماريءَ وگهي موت ٿئي ٿو تہ اهو منهنجي ڪم جو ڪونہ هوندو ۽ نہ وري ذهني مريض جو موت مون کي قبول هوندو. سون حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ وارن کي ارادي ڏوهہ ڪرڻو پوندو ، جنهن بعد هو سون جا مالڪ ٿي سگهندا. ۽ مان اهو سمجهي ويندس تہ اسين سڀ بنيادي طور شيطان آهيون. بس موقعو ڪيي. "

"جيڪڏهن تون هڪ سون جي شيخ چوري ڪرين ٿي ۽ باقي سون ڳوٺ وارا نہ تا ڪڻن تہ اهڙيءَ ريت مونکي پتو پئجي ويندو تہ هتي سٺا ماڻهو بہ آهن تہ خراب ماڻهو بہ. پر اهڙي صورتحال ۾ آئون مشڪل ۾ پئجي ويندس، ڇو تہ ان مان

ڪنهن بيگناه کي قتل جي ڪوشش تي ڪو افسوس نہ آهي.جو تہ اهو ئي ڪرڻ منهنجي نصيب ۾ لکيل هو ۽ مان مجبور آهيان. "

ان کان اڳ جو چنتل هلڻ جي ڪري، هن ڪيس وڌيڪ چيو. "تون شايد مون سان تعاون نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪرين، پر مون توکي سيني ڳوٺ وارن جي مدد ڪرڻ جو موقعو ضرور ڏنو آهي . جيڪڏهن تو منهنجي سون ۽ ان سان لاڳاپيل آچ کي ڳوٺ وارن کي ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو تہ پوءِ مان اهو منصوبو پاڻ وٽي انهن کي ٻڌائيندس. جيڪڏهن اهي ڪنهن هڪ انسان کي مارڻ جو فيصلو ڪن ٿا تہ پوءِ شايد تون ئي اها انسان هجين ، جنهن کي قتل جو نشانو بڻايو ويندو.

☆☆☆

وسڪاس ڳوٺ جي رهاڪن.هن اجنبي مسافر کي ڏٺو پئي تہ هو صبح جو سوير اٿي جلدي ناشتو ڪري جبلن طرف نڪري ٿي ويو ۽ منجهند جو واپس وريو ٿي. واپسيءَ تي هي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ٿي ويو ۽ ڪمري جو دروازو بند ڪري ٿي ڇڏيائين. ان مان ڳوٺ وارن ماڻهن اهو سمجهيو پئي تہ اهو اجنبي ان وقت ننڊ ڪندو هوندو.

رات ٿيندي ئي هو ڳوٺ ۾ گهمڻ لاءِ ٿي نڪتو. پوءِ هوٽل ۾ اچي سٺي ماني ۽ سٺي شراب جو آرڊر ٿي ڏنائين. پوءِ سگريٽ دکائي هوٽل جي اندر ويهي ڳوناڻن سان ڪچهري ٿي ڪيائين. اجنبي، ڳوٺ جون ڳالهيون وڏي دلچسپيءَ سان ٿي ٻڌيون ۽ پنهنجي باري ۾ عجيب و غريب ڪهاڻيون ٿي ٻڌايون. هن ڪي هتي جي علائقي جي باري ۾ قصا ٻڌندي مزو پئي آيو. انهن نسلن جي باري ۾ جيڪي ڪنهن دور ۾ هتي رهندا هئا. ڪنهن ڪيس ٻڌايو تہ ڪنهن زماني ۾ هي هڪ وڏو ڳوٺ هو ۽ انهيءَ جا نشان اڃ بہ ٿنهي طرفن ۾ پکڙيل ڊٺل گهرن جي صورت ۾ موجود هئا. ان کان علاوه اجنبي هتي جي رسمن ۽ رواجن جي باري ۾ پڻ خبرون ٻڌيون، جيڪي ڳوناڻي زندگيءَ جو اصل روح هيون ۽ زراعت ۽ چوپائي مال جي سلسلي ۾ نين تبديلين جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌندي اجنبيءَ کي ڏاڍو مزو پئي آيو.

۽ جڏهن سندس ڳالهائڻ جو وقت ٿي آيو تہ هو پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي، تہ هن عجيب هٿ ٺوڪيون ڪهاڻيون ناهي کين ٿي ٻڌايون . ڪڏهن چيائين پئي تہ هو هڪ وڏو واپاري هو، تہ ڪڏهن وري پنهنجو پاڻ کي ساموندي سفرن جو چاڻو

ڪي پيار ڀريون ڳالهيون ڪري وٺندا. پر هن شخص ان جي ابتڙ پرائمر چنتل سان رڳو ان وقت تي ڳالهايو، جڏهن ڪيس ڪنهن شيءِ جي گهرج تي پئي. تنهن ڪان پوءِ مجال هئي جو ڏانهس نظر ڪٽي به ڏسي.

☆☆☆

اجنبيءَ سان ملاقات ڪانپوءِ واريون تي راتيون پرائمر چنتل آرام سان سمهي نہ سگهي. اندر ۾ هڪ طوفان هو، جنهن هن جي دل ۽ دماغ کي رکي رکي لوڏي تي ڇڏيو ۽ هوءَ هر هرچرڪ ڀري اٿي تي ويني ۽ پگهر ۾ ٻڏي تي وئي.

پهرين رات هن ڏاڍا خوفناڪ خواب ڏٺا، جن کي هوءَ ياد نہ رکي سگهي. هن پهرين خدا کي مدد لاءِ پڪاريو ۽ وري پنهنجي مرحوم نانيءَ کي سات ڏيڻ لاءِ سڏيو، جنهن پرائمر چنتل کي سندس ماءُ جي وفات ڪانپوءِ پاليو هو. نانيءَ ڪيس سمجهايو هو تہ شيطان ڪنهن زماني ۾ هتي آيو هو، پر پوءِ هميشہ لاءِ هتان غائب تي ويو هو.

سندس سيني مسئلن جي باوجود پرائمر چنتل ڄاتو پئي تہ هوءَ مثالي مردن ۽ عورتن جي ڳوٺ ۾ رهي تي، جيڪي پنهنجين زميدارين کي اهم سمجهندا هئا. تنهنڪري اهي ماڻهو سڄي علائقي ۾ ڪنڌ ڪٽي فخر سان هلندا هئا ۽ سڄي علائقي ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا هئا، پر ائين هميشہ ڪان ڪونہ ٿيندو رهيو هو. ان جو بہ عجيب قصو ٻڌايو ويندو هو.

اٽڪل ٻن صدين تائين وسڪاس ڳوٺ ۾ ڪيتريون ئي خونريزيون ٿيون هيون ۽ سيني کي خبر هئي تہ اها وحشيت ۽ بربريت ڳوٺ تي ڪن خوني نسل وارن ماڻهن جي ڪري آئي هئي.

۽ پوءِ سيئي معاملا هڪ ماڻهوءَ جي بهادري ۽ همٿ ڪري تبديل تي ويا. هڪ ماڻهو، جيڪو تباهي نہ پر امن ۾ يقين رکندو هو، تنهن هن ڳوٺ جي ماڻهن جي دنيا کي بلڪل ئي تبديل ڪري ڇڏيو. پرائمر چنتل جي ڪنن ۾ سندس نانيءَ جو آواز ٻريو، جنهن ڪيس ٻڌائڻ تي چاهيو تہ اصل ۾ ڇا ٿيو هو.

"هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ ڪيترا سال اڳ هڪ گوشہ نشيني اختيار ڪندڙ شخص، جيڪو بعد ۾ ساون جي نالي سان مشهور ٿيو، ان ئي ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ هڪ غار ۾ رهندو هو. ان زماني ۾ وسڪاس هڪ سرحدي چوڪيءَ کان وڌيڪ حيثيت رکندڙ نہ هو، جتي اڪثر ذاڙيل سزا کان ٻڇي اچي رهندا هئا يا اسمگلر، خوني ماڻهو يا طوائفون، مطلب تہ هي ڳوٺ هر قسم جي ڏوهارين جو مرڪز هو. پر انهن ۾ سيني کان وڌيڪ

آهين، ان ڪري بي فڪر ٿي تنهنجي پاسي ۾ ننڊ ڪيم. "

"اهو پهريون دفعو ٿيو آهي تہ ڪنهن منهنجي پر ۾ رات گذاري ۽ ڪيس اهو پروسو هو تہ مان سٺو ماڻهو آهيان. ان ڳالهہ مون کي بدلائي ڇڏيو آهي.اڄ کان پوءِ مان هر ڪنهن ضرورتمند جي مشڪل ۾ مدد ڪندس . جهڙو توکي مون لاءِ ويساهہ آهي، مان ايئن ئي ثابت ٿي ڏيکاريندس."

ان واقعي ڪانپوءِ احاب پنهنجي مجرماڻي زندگي ترڪ ڪري ڇڏي ۽ علائقي جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيون. ان ڪانپوءِ وسڪاس هڪ سرحدي چوڪيءَ مان مٽجي اهم واپاري مرڪز بڻجي ويو.

"واقعي!"

پرائم چنتل جون اکيون پرجي آيون ۽ هن نانيءَ جو شڪريو ادا ڪيو، جنهن کيس اهڙي ڪهاڻي وري ياد ڏياري. هن جي ڳوٺ جا ماڻهو سٺا هئا ۽ هوءَ انهن تي پروسو ڪري پئي سگهي ۽ جڏهن هوءَ سمهڻ جي ارادي سان واپس وري تہ اجنبيءَ جي ڳالهہ هاڻي کيس اهو هڪ کيل لڳڻ لڳي هئي. کيس پڪ هئي تہ جڏهن هوءِ اجنبيءَ جو اهو گندو منصوبو ڳوٺ وارن کي ٻڌائيندي، تہ ڳوٺ وارا ان کي رد ڪري ڇڏيندا. هاڻ هن اها اجنبيءَ واري آڇ ڳوٺ وارن کي صرف ان لاءِ ٻڌائڻ پئي چاهي تہ هن اجنبيءَ جو پشيمان ٿيندڙ چهرو ڏسڻ ٿي گهريو. جڏهن وسڪاس جا ڳوٺاڻا سندس ڳالهہ ٻڌي کيس هن ڳوٺ مان ڌوڙائي ٻاهر ڪيندا.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن پرائم چنتل اجنبيءَ کي هوٽل جي پٺئين پاسي کان نڪرندي ڏسندي حيران ٿي وئي. هو شراب خاني مان ٻاهر نڪري واٽ تي ملندڙ ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ لڳو. سندس سياءُ اهڙو هو جيئن ڪنهن سياح جو هوندو آهي. هو هر ننڍڙي ۽ وڏي شيءِ ۾ دلچسپي ظاهر ڪري رهيو هو. مثال طور هتي جا ماڻهو رڍون ڪيئن پالين ٿا يا وري هتي ڪيئن گوشت کي پچايو وڃي ٿو. وسڪاس جا ماڻهو اڪثر ان ڳالهہ ۾ ويساهہ رکندا هئا تہ هر ايندڙ سياح هتي جي فطرتي ۽ صحتمند زندگيءَ کان متاثر ٿئي ٿو. تنهنڪري اهي شهري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ هتي جي قدرتي فائدن جو بار بار ذڪر ڪندا هئا، پر سندس دلين جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها خواهش ضرور هوندي هئي تہ جيڪر هو بہ هتان ڪنهن ٻئي پاسي نڪري وڃن ۽ پنهنجي زندگي شهرن جي سهولتن واري ماحول ۾ گذارين. ان جو سبب اهو

متاثر ڪرڻ ڪو خواب تہ نہ هو؟ پر وري هن کي ان سون جو خيال آيو، جيڪو هن خود پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. پر ٿي سگهي ٿو تہ اهو سون نہ هجي. پر جيئن تہ هوءَ بيحد ٿڪل هئي، ان ڪري وڌيڪ ان ڳالهہ تي نہ سوچيائين. ڪمري ۾ پهچندي ئي هن آلا ڪپڙا لاهي پنهنجي جسم کي گرم چادر سان ڍڪيو. پوءِ دريءَ طرف وڃي ويران گهٽيءَ ڏانهن نهاريائين، جتي نيڪ ناڪ مينهن وسي رهيو هو. هن، جبلن طرف نهاريو، جيڪي ڪيس ڪڪرن سان ڍڪيل نظر آيا ۽ هن سوچيو تہ ڳوٺ وارن کي ڪهڙي خبر تہ انهن جبلن ۾ هڪ اجنبيءَ سون لڪايو آهي ۽ ان جي صرف مونکي خبر آهي. هن سوچيو تہ مان اهو سون ڪٿي پنهنجي استعمال ۾ آڻي سگهان ٿي!

وري هوءَ واپس بستري طرف وئي. ٿوري دير ڪانپوءِ اٿي ويني ۽ باٿ روم ۾ وڃي هن پنهنجي پوري ننگي جسم جو آئيني ۾ جائزو ورتو ۽ محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن وقت اهڙيءَ ريت گذرندو رهيو تہ هوءَ جلدئي پنهنجي جواني ۽ خوبصورتي وڃائي ويهندي. هوءَ واپس بستري ڏانهن آئي. هن کي ڏاڍو افسوس ٿي رهيو هو تہ هوءَ سگريٽ وارو پاڪيٽ جو پاڻ سان گڏ نہ ڪٿي آئي هئي، پر هن کي معلوم هو تہ

ان جو مالڪ ڪنهن بہ وقت اچي سگهيو پئي.

هن محسوس ڪري ورتو هو تہ هوءَ اڄ رات بہ ننڊ نہ ڪري سگهندي. هن دعائون گهرڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجي نانيءَ کي ياد ڪيائين، پر ڦري گهري سندس سوچ جو محور جبلن ۾ لڪل سون هو. جيئن ئي هن کي دريءَ مان ايندڙ روشنيءَ مان پرهہ ڦٽيءَ جي پروڙ پئي تہ ڪپڙا پائي ٻاهر نڪري آئي.

☆☆☆

هن ڳوٺ جي ماڻهن کي هونئن بہ پرهہ ڦٽيءَ جو اٿڻ جي عادت ڪانہ هئي، ان ڪري ڳوٺ جون گهٽيون ان وقت ويران هيون. هوءَ خالي گهٽين مان گذرندي، اجنبيءَ جي پويان اچڻ واري ڊپ ۾ هر هر پوئتي نهاريندي رهي ۽ ڪيس ائين پئي لڳو تہ ڪو سندس قدمن سان قدم ملائي هلي رهيو هجي. پر جلدئي اها پروڙ پئجي ويس تہ اهو ڪنهن جي پيرن جو نہ پر خود سندس دل جي ڌڪ ڌڪ جو آواز هو.

هوءَ جهنگ ۾ نشانين جي سهاري ساڳيءَ جڳهہ تي پهتي، جتي سون پوريل هو . هن ڪاٺيءَ سان زمين کوٽي سون جي شيخ ڪڍي ورتي. هن سون کي هٿ ۾ کنيو ۽ ان جي ڳري وزن جي احساس کان حيران ٿي وئي. پوءِ سون کي پاسي جي

ڳالهه ٻولهه نه ٿي. هو بدستور، پرائم چنتل جي راءِ موجب، ڳوناٽن کي معمول مطابق ساڳيون هتي جون ڳالهيون ٻڌائي حيران ڪندو رهيو. پرائم چنتل چاهيو پئي ته گراهڪن جي اها ڪچهري جلد پوري ٿئي ۽ اهي سڀ پنهنجن پنهنجن گهر ڏانهن هليا وڃن ته جيئن هوءَ ڊيوٽيءَ تان جلد فارغ ٿئي، پر ائين ٿيندي ڪيس نظر نه پئي آيو.

پر اجنبي ڳالهين متان ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو. ٻڌندڙ به ڏاڍي چاهه سان اهي ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا ۽ سندس ڳالهين مان متاثر ٿي رهيا هئا.

ڳوناٽا پنهنجي وچ ۾ هڪ شهري ماڻهوءَ جي موجودگيءَ کي گهڻو اهم سمجهي رهيا هئا ۽ سندن هر مثال کي اهم سمجهي رهيا هئا ته اها راءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي هئي، جيڪو وڌيڪ سلجهيل، پڙهيل، ذهين ۽ نئين سوچ وارو هو.

"سڀ ڪوڙ! " چنتل پنهنجو پاڻ کي چيو. "اهي نه ٿا سمجهن ته هو خود ڪيترا اهم آهن. اهي نه ٿا سمجهن ته دنيا ۾ جيڪو به ماڻهو ڪو ڪاڌو پنهنجي نڙيءَ ۾ وجهي ٿو، اهو سندن ئي محنت جو نتيجو آهي. دنيا ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ کي هن وسڪاس سميت سيني هارين جو شڪرگذار هئڻ گهرجي، جيڪي پرهه ڦٽيءَ کان سج لٿي تائين زمين ۾ هر هلائين ٿا ۽ پگهر ۾ ٻڏل هوندي به ٻنين ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ پنهنجي چوپائي مال جي هر قسم جي سنڀال ڪن ٿا. وڏن شهرن جي ماڻهن جي پيٽ ۾ هنن ماڻهن جي هن دنيا کي وڌيڪ ضرورت آهي. پر افسوس! انهن سان اهڙو رويو رکيو وڃي، ڄڻ اهي بيڪار قسم جي مخلوق هجن ۽ ظلم اهو آهي ته جو خود اهي ماڻهو به پنهنجو پاڻ کي ائين ئي سمجهن ٿا.

اجنبي اهو ظاهر ڪرڻ ۽ مڃرائڻ پئي چاهيو ته سندس تهذيب هتي ويٺل سيني پورهيتن کان وڌيڪ مٿانهين هئي. هن پٽ تي ٽنگيل تصوير ڏانهن اشارو ڪندي چيو "ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته اها ڇا آهي؟ اها دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور تصوير " آخري ڪاڌو" آهي، جيڪا حضرت عيسيٰ ۽ سندن ساٿين جي باري ۾ آهي. هن لازوال تصوير کي عظيم مصور ليونارڊو خلقيو آهي. "

"هيءَ ته مون کي ڪا مشهور تصوير ڪا نه ٿي لڳي ، " هوٽل جي مالڪياڻيءَ چيو. "ڇو ته مون ان کي تمام سستو خريد ڪيو آهي. "

"هيءَ تصوير ته اصل جي صرف ڪاپي آهي. اصل تصوير ته گرجا ۾ آهي، جيڪا هتان تمام گهڻو پري آهي. هن

نيڪيءَ جي عڪس طور چٽيا هئا. "

ان قصي ٻڌڻ ڪانپوءِ ڊگهي خاموشي ڇانئجي وئي. اجنبي، پادريءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. جڏهن ته پرائمر ڇنتل ڇاتو پئي ته هن جا لفظ دراصل هن جي لاءِ ئي هئا.

"سو توهان ڏٺو ته نيڪي ۽ بديءَ کي ساڳيو روپ آهي. بس ڳالهه ان تي دارومدار رکي ٿو ته ڪير ڪڏهن ٿو انسانيت جو ليڪو لتاڙي. "

اها ڳالهه پوري ڪري اجنبي اٿي بيٺو ۽ سيني کان معافي ورتائين ته هو ڏاڍو ٿڪل هو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ ٿي چاهيو. هر ماڻهوءَ سندس شڪريو ادا ڪيو.اجنبي سينيءَ کان موڪلائي هليو ويو. هن جي اسهڻ کان پوءِهوٽل ۾ موجود ڳوناٽا به هڪ هڪ ڪري خاموشيءَ سان بار مان نڪرڻ لڳا. ويندي مهل انهن پت تي لڳل تصوير تي آخري نگاهه ضرور ڦيري ٿي، ڇڻ اهي پنهنجو پاڻ کان پڇندا هجن ته واه جي خاص ڳالهه هن تصوير جي حوالي سان نيڪ ۽ بد جي فرق جي سلسلي ۾ اجنبيءَ ڪين ٻڌائي. هڪ ٻئي سان بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي، هو سڀ ان راءِ تي پهتا هئا ته اهڙو واقعو پهرين به وسڪاس ۾ ٿي چڪو هو. يعني جڏهن احاب ۾ تبديلي آئي ۽ هن واديءَ ۾ امن آندو هو.

☆☆☆

رات جو وري ڇنتل ڊيچاريندڙ خواب ڏسندي ڪئي ڀيرا ڇرڪ ڀري اٿي پئي ۽ کيس بخار پڻ محسوس ٿيو.هن کي ٻاهر بگهڙ جون اونايون پڻ ٻڌڻ ۾ پئي آيون. هن سوچيو ته هوءَ جلدي چرچ ۾ وڃي پادريءَ کي چوندي ته هو ڊاڪٽر کي گهرائي، پر جڏهن ائين ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ته هن کي محسوس ٿيو ته منجهس هلڻ جي طاقت ئي ڪانه هئي. هن سوچيو، جي هو طاقت ڳڏ ڪري ڳرجا گهر تائين پهتي به ته هن کي پادريءَ جي جاڳڻ ۽ ڪپڙا پائي ٻاهر نڪرڻ تائين انتظار ڪرڻو پوندي ۽ پوءِ ٿي سگهي ٿو ته ٿڌ، بخار ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ۽ هوءَ اتي ئي مري وڃي.

جڏهن صبح جو سوجهرو ٿيو ته هن محسوس ڪيو ته ڄڻ بخار ۾ ڪافي گهٽتائي اچي وئي هيس. جيئن ئي هن طبيعت ۾ بهتري محسوس ڪئي ته وري سمهڻ جو ارادو ڪيائين ته کيس وين جي هارن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هوءَ سمجهي وئي ته ناشتي لاءِ بسڪوٽن واري گاڏي اچي وئي هئي.

هن کي ناشتي جي طلب ڪانه هئي، پر هن ٻاهرين دنيا سان رابطو رکڻ ٿي چاهيو. ان کان اڳ جو هوءَ بلڪل ڇري ٿي وڃي، هن چاهيو پئي ته هوءَ انهن ماڻهن

پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو . هن سوچي ڇڏيو هو تہ هوءَ ڪين اجنبيءَ جو منصوبو ۽ سندس سون جي شيخن جي آڇ ٻڌائيندي ۽ ڏسندي تہ ڇا اهي سادا ڳوٺاڻا ان اجنبيءَ جي منصوبي مطابق ڪنهن بيگناه جو قتل ڪندا! جنهن جي بدلي ۾ ڪين سون جون ڏه شيخون ملنديون، جن جو مجموعي وزن ويهہ ڪلو هو . صرف هڪ خون جي بدلي ۾! اهو خون انهن جي ٻارن جو مستقبل سنواري ڇڏيندو ۽ انهن جي اولاد کي خوشحال ڪندو ۽ پوءِ وسڪاس هڪ شاندار وستي ٿي ويندي، بکهڙن کان خالي.

پر هن فيصلو ڪيو تہ هوءَ رات جو سيني کي اهو ٻڌائيندي تہ جيئن ڪير ائين نہ چوي تہ هن ان ڳالهہ کي نہ ٻڌو يا نہ سمجهيو. ڳوٺاڻا شايد اها ڳالهہ ٻڌي اجنبي تي ٽٽي پون ۽ ڪيس پوليس جي حوالي ڪري ڇڏين، يا وري ڪيس ان شرط تي ڇڏي ڏين تہ بدلي ۾ هو ڪين اهي سون جا ٽڪرا ڏيندو. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ شايد ماڻهو سندس ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪن.

اهي اهڙن ڳالهين کان پري، اڻڄاڻ هئا. اهي سادا ماڻهو تہ ان ڳالهہ تي بہ اعتبار ڪرڻ کان انڪار ڪندا هئا، جيڪا هنن جي عقيدي تي پوري نہ لهندي هئي.

اهي سڀ صرف خدا جو خوف دل ۾ رکي زنده هئا. جڏهن ڪا ڳالهہ سندن قسمت کي بدلائڻ لاءِ انهن جي آڏو رکي ويندي هئي تہ اهي سڀ، هن سميت، ان سلسلي ۾ انتهائي بزدل نڪرندا هئا. سچ پڇو تہ سچي خوشيءَ جهڙي ڳالهہ تہ انهن جي اندر ۾ ڪانہ هئي.

پرائمر چنتل جو بخار آهستي آهستي گهٽ ٿي رهيو هو. هن ٽن راتين کان ننڊ نہ ڪئي هئي.هن ناشتو ڪرڻ کان پوءِ پاڻ کي بهتر محسوس ڪيو. چنتل ڪافي پيئندي سوچيو تہ اميد تہ ڏينهن جلد گذري ويندو، پر حقيقتن سندس ڏينهن تيزيءَ سان ڪونہ پئي گذريو. گهاٽن ڪارن ڪڪرن هر وقت ڦيرا ڏيندي ڄڻ وقت جي رفتار روڪي ڇڏي هئي!

هن کي ياد آيو هڪ ماڻهو جيڪو هڪ ڪيمياڊان هو ۽ پر واري ڳوٺ ۾ رهندو هو. تنهن کي ويهن سالن جي نوڪريءَ ڪانپوءِ نوڪريءَ تان ڪڍيو ويو . هن پنهنجي مالڪ کان سندس رهيل پئسن جي گهر ڪانہ ڪئي، ڇو تہ اهو مالڪ سندس ڪم ڪرڻ وارن سان تمام سٺو رويو رکندو هو، ۽ هو پنهنجن ملازمن کي پنهنجو دوست سمجهندو هو.

هن پئسن جي گهر نہ ڪرڻ جو ٻيو اهو بہ سبب ٻڌايو تہ ڪيس صرف ڪاروبار

انشورنس ڪمپنيءَ ۾ وڏي هئي ۽ هاڻي انهيءَ رقم جي ٺيڪ تي هوءَ زنده هئي.

وقت گذرندي دير ڪونہ ٿيندي آهي. جيڪڏهن هن کي ملندڙ وياج جو مدو ختم ٿي ويندو تہ پوءِ هن برنا جو ڇا ٿيندو. پرائم چنتل کي ڌڪ ٿيو تہ پوءِ شايد اها ويچاري بيوهہ عورت پنهنجي گهر جي در جي ٻاهر ٿي ويٺي ويٺي مري ويندي.

چنتل گهمندي رهي ۽ ڪيس ڪوبہ خيال نہ پئي آيو تہ هوءَ ڏند ۾ وڪوڙيل ٻيلي ۾ ڪٿي ويهي آرام ڪري. هونئن هوءَ هتي جي هر وڻ ٽڻ کان واقف هئي. هن سوچيو تہ اڄ رات ڳوٺ وارن لاءِ ڏاڍي سنسني خيز هوندي. هوءَ سوچڻ لڳي تہ هوءَ ڳوٺاڻن آڏو ڪيئن اجنبيءَ جو منصوبو پيش ڪري. پهرين تہ هن سوچيو تہ سادي تقرير ڪري کين ٻڌائي تہ هن ڇا ٻڌو ۽ ڏٺو هو. وري هن سوچيو تہ اهي ماڻهو شايد ٿي سندس ڳالهہ تي اعتبار ڪن.

وڻن جي پاسي مان گذرندي پرائم چنتل کي احساس ٿيو تہ هن هڪ ٻيو بہ اجنبيءَ جهڙو خطرناڪ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳ ڏٺو هو. اها چار سال اڳ جي ڳالهہ آهي، جڏهن هوءَ ان جي جادوءَ پرين ڳالهين ۾ اچي ڏوڪو کائي ويٺي هئي.

هن کي احساس ٿيو تہ وسڪاس ۾ رهڻ ايترو خراب ڪونهي. هونئن بہ اونهاري ۾ سڄو علائقوسياحن سان ڀرجي ويندو هو ۽ جيڪو بہ ماڻهو هتي ايندو هو. اهو هن زمين کي جنت سمجهندو هو.

"ڪڏهن ۾ پون اهي مٺا مرد ۽ ڪڏهن ۾ پوان مان بہ. جو مون انهن جي واعدن تي اعتبار ڪيو. "

جيئن ئي هوءَ ڳوٺ طرف واپس وري تہ هن کي پنهنجي زندگيءَ جي هر لمحي تي افسوس ٿيڻ لڳو. هن پنهنجي ماءُ کي بہ گهڻ وڏ ڳالهايو، جيڪا جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري وئي هئي. نانيءَ تي بہ چوهہ چنديائين جنهن ڪيس سيکاريو هو تہ هميشہ ايماندار ۽ مهربان هئڻ گهرجي. دوستن تي پڻ ڪاوڙ آيس، جن ڪيس نظرانداز ڪيو هو، ۽ قسمت تي بہ، جيڪا اڃا تائين سندس مٿان مهربان نہ ٿي هئي.

☆☆☆

برنا اڃا تائين ساڳي جڳهہ تي ويٺل هئي.

"تون ڏاڍي تڪڙي آهين ڇا؟ " هن پڇيو، "چو نہ ٿي ڪجهہ گهڙيون منهنجي پرسان ويهي آرام ڪرين؟ "

چنتل ائين ئي ڪيو، جيئن برنا کيس چيو. هن تہ بس چاهيو پئي تہ ڪيئن بہ وقت جلدي گذري وڃي.

"مونکي ڳوٺ ۾ ڪا وڏي تبديلي

ڪري ٿو ته اهو ماڻهو ڪو انصاف وارو نه
ڇئبو. جيڪو ان ماڻهوءَ جي پڳهر ۽
پورهئي جو ڪو قدر ڪونه ٿو ڪري، ۽
ڪنهن جي مجبوريءَ مان فائدو ٿو وٺي. "

"پر منهنجي خيال ۾ اهڙي قسم
جون ننڍڙيون شيون ڳوٺن کي تباهه نه ٿيون
ڪري سگهن. "چنتل چيو.

"شروع ۾ دنيا وارن به ايئن
سمجهيو ته اهي ننڍڙيون نا انصافيون آهن،
پر تون پاڻ ڏس اڄ دنيا ڪٿي بيٺي آهي. "

"مثال طور، جيئن اجنبيءَ جو هتي
اچڻ." پرائمر چنتل ان اميد سان چيو ته
برٽا هن جي راءِ جي پنيرائي ڪندي، پر
برٽا خاموش رهي.

"مان نه ٿي ڄاڻان ته ڇو احاب،
وسڪاس ڳوٺ کي سڌارڻ ۾ دلچسپي
ورتي. " چنتل وري ڳالهائڻ شروع
ڪيو. " ان ڪري ڪنهن وقت جي
ڏنگن ماڻهن جي هيءَ بستيءَ بدلجي اڄ
پاڙين جي هڪ وسندي بڻجي وئي آهي. "

چنتل کي پڪ هئي ته ڪراڙي
اجنبيءَ جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه ضرور
ڄاڻ رکي ٿي.هن هاڻي صرف اها پڪ
ڪرڻ پئي چاهي ٿي ته ڇا هن کي اجنبيءَ
سون جي باري ۾ ته ڪجهه نه ٻڌايو هو.

"اهو سچ آهي، پر مونکي پڪ ناهي ته هتي
صرف پاڙين جو راڄ آهي. بس هر ڪو
ڪنهن تبديليءَ کان گهبرائي ٿو.هتي جا
ماڻهو بس اهو چاهين ٿا ته وسڪاس جي
صورتحال جيئن جو تيئن برقرار رهي.
زمين، جنهن ۾ ٻج پوکجي ٿو ۽ مال، جنهن
کي گاهه ڏجي ٿو، زمين جتي شڪاري
شڪار لاءِ ۽ سياح گهمڻ لاءِ اچن ٿا ۽ جتي
هر ماڻهوءَ کي ان ڳالهه جي پڪ آهي ته
سياڻي کهڙا کهڙا ڪم ڪرڻا آهن. بس
هتي رڳو هڪڙي ڳالهه اوچتي سندن اندازي
کان هٽي ڪري ٿي سگهي ٿي. اهي قدرتي
طوفان ۽ زلزلا. پر مان تو سان هڪ ڳالهه
تي متفق ٿي سگهان ٿي ته اهي سڀ ماڻهو
اهو سمجهن ٿا ته هر ڪا شيءِ سندن وس
۾ آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ سندن وس ۾
ڪجهه به نه آهي. "

"بلڪل ٺيڪ. "چنتل چيو.

"ڪوبه اهڙو ڦني خان ڪونه ڄائو
آهي، جيڪو لڪئي ۾ ڪا ڦير گهير ڪري
سگهي. " ڪراڙي عورت وڏي گهري ڳالهه
ڪئي، "پر اسين خيالن ۾ رهڻ کي پسند
ڪندا آهيون، ڇو ته ان ريت اسان پنهنجو
پاڻ کي محفوظ سمجهندا آهيون. ٺيڪ
آهي، اها به هڪ راءِ آهي، جيڪا ڪير به
ڏئي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ حقيقت ۾ اها
بيوقوفي آهي ته اسين ان ڳالهه ۾ ويساهه
رکون ته اسين هر شيءِ تي ضابطو رکي
سگهون ٿا. ان سان اسان رڳو پنهنجو پاڻ

مڙس جي عادت هئي تہ هو پنهنجو سوپ پنهنجي خاص چمچي سان پيئندو هو. ان ڳالهہ تي برٽا کي چڙ بہ لڳندي هئي تہ جڏهن سيئي چمچا هڪ جهڙا آهن ۽ هر هڪ سان سوپ پي سگهجي ٿو، تہ پوءِ رڳو اهو مخصوص ڪيل چمچو ئي ڇو استعمال ڪندو هو. ٻار واري اها ڳالهہ هن ڪنهن سان بہ ان ڊپ کان ڪانہ ڪئي تہ متان ماڻهو ڪيس وهمي نہ سمجهن.

معنيٰ تہ چوڪري هن جي مڙس کي ڏٺو هو، جنهن جو ثبوت چمچو هو. ان ڪانپوءِ برٽا فيصلو ڪيو تہ هن کي اهڙو علم سکڻ گهرجي، جنهن ذريعي هوءَ پنهنجي مڙس سان ڳالهائي سگهي ۽ ڪيس چوي تہ هو واپس اچي، توڙي جو ڪٿي هو پوت جي روپ ۾ هجي.

پهرين هن پنهنجو پاڻ کي گهر ۾ بند ڪيو. پوءِ هڪ ڏينهن هن محسوس ڪيو تہ هن ٻڌو، ڄڻ ڪيس مڙس چوي پيو تہ هوءَ پنهنجي در جي ٻاهران ويهي هر ڪنهن اينڊڙ ويندڙ کي جاچيندي رهي. سندس مڙس جو خيال هو تہ ايئن ڪرڻ سان هوءَ وڌيڪ آرام سان سندس وقت گذاري سگهي ٿي ۽ گڏوگڏ هن کي خبر چار بہ پوندي رهندي تہ ڳوٺ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي.

هن ڪرسي پنهنجي گهر جي ٻاهر رکي ۽ ڳوٺ ۾ ٿيندڙ هر چرپر تي نظر رکڻ شروع ڪيائين. ڪيس معلوم هو تہ هتي وسڪاس جي گهٽين ۾ اچڻ وڃڻ جي گهٽي گيهہ ڪانهي، پر پهرئين ڏينهن ئي هڪ پاڙيسريءَ کي ڏٺو، جيڪو ڪنهن پرواري ڳوٺ کان واپس پئي وريو ۽ جنهن هن کي ٻڌايو تہ هتي مارڪيٽ ۾ سستي اگهہ ۾ چمچا پيا وڪرو ٿين.

برٽا کي احساس هو تہ هوءَ پنهنجي مڙس سان ٻيهر ملي ڪانہ سگهندي، پر هو ڪيس چوندو رهندو هو تہ هوءَ اتي ويٺي ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي جاچيندي رهي ۽ اهو ئي هوءَ ڪري رهي هئي. جيئن جيئن وقت گذرندو تي ويو ، تيئن تيئن هن جو احساس پختو ٿيندو ويو تہ سندس مڙس هن سان هروقت گڏ آهي ۽ اهو ڪنهن بہ خطري کان ڪيس بچائي سگهي ٿو. جيڪو ڪيس اهو پڻ سيکاري رهيو هو تہ هوءَ اهي شيون ڏسڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪي ٻيا نٿا ڏسي سگهن.

ٽن سالن ڪانپوءِ هوءَ ماڻهن جي اندر جي ڳالهين کي سمجهڻ جي قابل ٿي وئي ۽ ان سان گڏ ڪيس مڙس پاران ڪجهہ دلچسپ هدايتون پڻ ملڻ شروع ٿي ويون.

هڪ صبح جو ڪيس سندس مڙس ڪيس ٻڌايو تہ ٿي سگهي ٿو تہ وسڪاس

سندس ملاقات ۾ سون واري قصي کي ٻڌائڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو.

☆☆☆

ان رات جڏهن هوءَ هوٽل ۾ پيئڻ جو دور شروع ڪرڻ لاءِ پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي، جنهن جي ادائگي هميشه جيان اجنبيءَ تي ڪئي، ته پرائم چنتل ڏنو ته ان اجنبيءَ هڪڙي چٺي هن ڏانهن وڌائي، جيڪا هن جلدي ڪائنس وٺي پنهنجي کيسي ۾ وڌي. گڏوگڏ هن ان ڳالهه جو به خيال رکيو ته متان ڳوٺ وارا ان جو ڪو غلط مطلب ڪڍن. سندس ورتاءُ اهڙو هو جو اتي ويٺل سيني ماڻهن ائين سمجهيو ته اها ڪا عام ڳالهه هئي. هوءَ ان ڳالهه کان باخبر هئي ته اجنبيءَ جون نگاهون هر هر ڏانهس ڪجي چڻ ڪجهه پڇي رهيون هيون. هوٽل ۾ پيئڻ جو دور نيڪ پئي هليو. ان جو مطلب هو ته ڳالهه سندس هٿ هيٺ هئي. هاڻي بس هن چاهيو پئي ته وقت ملي ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ ميدان هٿ اچي.

هن کي پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ جو انتظار هو. پوءِ هن چٺي پڙهي، جنهن ۾ اجنبيءَ کيس وري ساڳي جاءِ تي ملڻ لاءِ چيو هو.

چنتل چٺي بند ڪري سوچيو ته اتي هوءَ ڇا اجنبيءَ سان ڳالهائيندي. کيس ان جو فڪر نه هو ته اجنبي ڪنهن ٻئي کي به ڳالهين ۾شامل ڪري سگهيو ٿي. ڪنهن دوکي جو خيال پوءِ به سندس ذهن مان نڪري نه سگهيو. کيس حقيقت ۾ خوشي ان ڳالهه جي هئي ته اهو اجنبي ساڻس ڳالهائڻ تي مجبور ٿيو هو ۽ اهو ان ڳالهه جو ثبوت هو ته سچ پچ خطرناڪ مرد توڙي عورت هڪ ٻئي کي دوکو نه ٿا ڏئي سگهن. احاب، هڪ فرد، جنهن وسڪاس ۾ امن قائم ڪيو، اڪثر چوندو هو، "دنيا ۾ ٻن قسمن جا بيوقوف هوندا آهن. ڪهڙا اهي جيڪي ڪوبه عملي قدم نه کڻي سگهندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي دوکي ۾ اچي ويندا آهن. بيا اهي جيڪي سمجهندا آهن ته هو عملي قدم کڻي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ئي دوکي جي شروعات ڪئي آهي. "

هن چٺيءَ کي پرزا پرزا ڪري اڇلي ڇڏيو ۽ پوءِ گرم پاڻيءَ سان وهنجي بستري تي ليٽي مسڪرائڻ لڳي.

هن چاهيو پئي ته اجنبيءَ سان بيهر ڳالهه ٻولهه ٿئي، ته جيئن ان جي باري ۾ ڄاڻي سگهي. جيترو دشمن جو معلوم هوندو، اوترو ان جو شڪار سولو ٿي پوندو آهي. سو ائين ئي ٿي رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ کيس گهري، بنا ڪنڪي واري ننڊ اچي وئي.

تہ، ڪٿي بگهڙ کي ٻڪ وجهي دسيائين.
آخرڪار اهو بگهڙ پاڻ ڇڏائي واپس ٻيلي ڏانهن پنهنجي ٻچي سان گڏ ڀڳو ۽ پوءِ ڪڏهن بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو ۽ هر ڪو ان جي باري ۾ ڄاڻي ٿو تہ هن کي ڪابہ ڪن تي اڄ نشان آهي. "

"پر ان کي ڇنو ۽ جهنگلي بگهڙ ڇو ٿو چيو وڃي ؟ "

"هونئن سمجهيو ويندو آهي تہ اڪثر جانور پنهنجي بچاءَ ۾ حملو ڪندا آهن تہ جيئن پنهنجو ۽ سندن ٻچن جو بچاءُ ڪري سگهن، پر جيڪڏهن اهڙو جانور، جيڪو انساني گوشت جو مزو وٺڻ لاءِ حملو ڪري تہ پوءِ اهو خطرناڪ سمجهيو ويندو آهي ۽ بگهڙ جي باري ۾ بہ هر ڪو ائين سمجهي ٿو تہ هو جوابي حملو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ اچي سگهي ٿو. "

"منهنجي ڪهاڻي پڻ اهڙي آهي. " اجنبيءَسوچيو.

چنتل ايتري تڪڙي هلي رهي هئي، جيتري تڪڙي هوءَ هلي ٿي سگهي. چاڪاڻ تہ هوءَ هن اجنبيءَ کان وڌيڪ جوان ۽ چست هئي ۽ هن تي نفسياتي اثر بہ وجهڻ پئي چاهيائين تہ جيئن ڪيس ٿڪائي وجهي. هو پاڻ کي هن جي قدم سان قدم ملائي مس پئي هلي سگهيو ۽ سهڪي رهيو هو. پر هن چنتل کي آهستي هلڻ لاءِ نہ چيو.

هو ٻئي ڳالهيون ڪندي اچي هڪ شڪارين طرفان ڇڏيل هڪ ننهيل ٽوڪيل خيمي وٽ پهتا. ۽ برسات کان بچڻ لاءِ ان جي اندر ويهي رهيا ۽ ٽريون مهٽي پنهنجن ٿڌن هٿن کي گرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

"تون ڇا ٿو چاهين؟ " چنتل، اجنبيءَ کان پڇيو. "تو مونکي اها ڇني ڇو ڏني؟ "

"مان توکان هڪ ڳجهارت پڇڻ ٿو چاهيان تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا اسانجي زندگيءَ جي ڪڏهن بہ ڪونہ ايندي؟"

پرائم چنتل ڪيس ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو.

"سياڻي جو ڏينهن. اهو ڪڏهن بہ ڪنهن جي زندگيءَ ۾ نہ آيو آهي.هميشہ اڄ ئي ٿيندي آهي" اجنبيءَ پاڻمرادو جواب ڏنو. "پر لڳي ٿو تہ تون اهو سمجهين ٿي تہ تنهنجي زندگيءَ ۾ سياڻي ضرور ٿيندي. "

پرائم چنتل وري بہ خاموش رهي.

"مون توکي جيڪا ڳالهہ ڳوٺ وارن کي ٻڌائڻ لاءِ چيو آهي، سو جلدي ڪري ڏيڪار. اسان ٻئي هفتي جي پڇاڙيءَ طرف وڃي رهيا آهيون ۽ جيڪڏهن تون ماٺ ۾ رهندين ۽ ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ٻڌائيندين تہ پوءِ اهو سڀ ڪجهہ مجبورن

آهي، اهو خود هن جي لاءِ ڪيڏو مشڪل هو.

اجنبي اجا تائين هن تي بندوق تاڻي بيٺو هو ۽ ڏانهس بنا اکين ڇنڀڻ جي گهوري رهيو هو. شايد هو سوچي رهيو هو تہ ڪنهن اهڙي جوان عورت مٿان اهڙي نموني گولي هلائڻ خراب ڳالهہ هئي، جنهن خود ڪيڏي نہ بهادريءَ سان ڪيس اهو موقعو ڏنو هو ۽ پنهنجي بندوق سندس حوالي ڪئي هئي.

پرائم چنتل کي خبر ناهي ڇو، ان گهڙيءَ موت کان ڊپ اچڻ لڳو هو. هوءَ اڃان اهو ويچاري رهي هئي تہ هوءَ اجنبيءَ کي ڪيس قتل نہ ڪرڻ لاءِ ٻاڏائي، پر ان کان اڳ جو هوءَ ڪجهہ چوي، اجنبيءَ بندوق واپس سندس حوالي ڪري ڇڏي.

"مون تنهنجي خوف کي محسوس ڪري ورتو هو." اجنبيءَ ڪيس بندوق واپس ڪندي چيو. "مان ان ڊپ جي ڪري نڪرندڙ پگهر جي بوءِ سونگهي سگهان ٿو. جيڪو تنهنجي بدن مان بارش هوندي بہ نڪري پيو ۽ مان تنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ بہ ٻڌي سگهان ٿو. جيڪا ڇڻ تہ ڦاٽڻ تي آهي."

"مان اهو ئي ڪرڻ واري آهيان، جنهن لاءِ تو مون کي ان شام جو چيو هو." چنتل ان سچ کان لنوائيندي چيو. جيڪو سندس باري ۾ هو ڇڻي رهيو هو.

"حقيقت ۾ تون اسان جي ڳوٺ وسڪاس ۾ پنهنجي فطرت معلوم ڪرڻ ۽ اهو ڳولهڻ لاءِ آيو آهين تہ تون سٺو آهين يا خراب. مون توکي هتي هڪڙي شيءِ ڏيکارڻ چاهي پئي. اها هيءَ تہ تون مون کي بندوق سان ماري سگهين پيو، پر تو ائين ڪونہ ڪيو. ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ تون بزدل آهين. تون چاهين ٿو تہ جيڪو ڪم تون نہ ٿو ڪري سگهين، اهو ٻين جي مٿان مڙهين. ڇو تہ تو ۾ وقت سر فيصلي ڪرڻ جي قوت ڪانهي."

"نہ مان بزدل نہ آهيان، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪئين دفعا خراب ڪان خراب لمحن ۾ گوليون هلايون آهن. مون تو واري بندوق کان وڌيڪ سٺيون بندوقون ناهيون آهن ۽ دنيا ۾ ڦهلايون آهن. مون اهو سڀ ڪجهہ سٺي نموني قانوني طرح ڪيو هو ۽ ان لاءِ باقائده حڪومت کان اجازت ورتي هئي. مون هڪ اهڙي عورت سان شادي ڪئي، جيڪا مون سان محبت ڪندي هئي. مونکي ٻہ خوبصورت نياڻيون بہ هيون. مون پنهنجي ڪمپنيءَ مان ڪڏهن هڪ پئسو بہ نہ چورايو. جتي مونکي پئسا ڏيڻا هوندا هئا، اهي مون ڏنا. مان ڪنهن جو بہ قرضي نہ هئس. مان بنيادي طور تي عملي ماڻهو رهيو آهيان،

چاهيان.انهن دهشتگرن جي منهنجي زال ۽ نياڻين سان تہ ڪا دشمني نہ هئي، پر پوءِ بہ انهن کين قتل ڇو ڪيو؟ "

"اهو تہ تو بہ ڏٺو هوندو تہ ماڻهو روزانو هڪبئي کي پئسن جي چڪر ۾ ماريندا رهن ٿا، پر مونکي ان سان ڪا دلچسپي ڪانهي. مان تہ صرف پنهنجي زال ۽ ڌيئرن جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ انهن کي مارڻ وقت دهشتگردن جي ذهن ۾ ڇا سوچ هوندي. مان ڄاڻان ٿو تہ نيڪي ۽ بدي، ٻئي هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن ، پر مون کي اهو ڄاڻڻو آهي تہ ڪيئن سيڪنڊن ۾ نيڪيءَ تي بدي حاوي ٿي وئي ، جنهن جي ڪري منهنجو پورو گهراڻو مارجي ويو. "

" پر تو ڇو اها ڳالهہ معلوم ڪرڻ لاءِ وسڪاس جي ئي چونڊ ڪئي آهي؟ ڇو صرف منهنجو ڳوٺ؟ "

"ڇو منهنجي ڪارخاني جا هٿيار ئي منهنجي خاندان جي خاتمي ۾ استعمال ٿيا. جڏهن تہ دنيا ۾ ٻيا بہ ڪيترائي هٿيارن جا ڪارخانا آهن، جن مان ڪن تي تہ ڪنهن حڪومت جو بہ ڪو ضابطو ڪونهي. انهن جا هٿيار منهنجي گهراڻي کي مارڻ لاءِ ڇو نہ ڪتب آيا؟ ان جو جواب بلڪل سادو آهي. صرف اتفاق . سو مونکي هڪ اهڙي جڳهہ جي تلاش هئي، جتي هر ڪو ماڻهو ٻئي کي سڃاڻندو هجي ۽ هڪ ٻئي تي ڀروسو ڪندو هجي ۽ اهي سڀئي گڏجي ڪو اجتماعي فيصلو ڪري سگهن. جڏهن هو سون جي باري ۾ ٻڌندا تہ انهن مان گهڻا لالچ ۾ اچي ويندا ۽ اهڙي نموني نيڪي ۽ بديءَ ٻيهر هڪ ٻئي جي مد مقابل اچي ويندي. اهو ساڳيو کيل ان لڪيل جاءِ تي بہ ٿيو هوندو جتي منهنجي گهر وارن کي ماريو ويو هو. دهشتگرن انهن کي مارڻ لاءِ گڏيل فيصلو ڪيو هوندو. "

"دهشتگردن کي تہ اڳيئي گهيريو ويو هو، جتان سندس فرار ناممڪن هو. پر تنهن هوندي بہ انهن منهنجي خاندان کي قتل ڪيو. جنهن ڳالهہ مان ڪين ڪو فائدو بہ نہ ٿيڻو هو. "

"تنهنجي ڳوٺ کي اهو موقعو ملي رهيو آهي، جيڪو مونکي نہ مليو.انهن کي چونڊ جو حق آهي تہ اهي پئسن جي لالچ ۾ اچي قتل ڪن ٿا يا نہ. اهو ئي تہ سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو آئون ڏسڻ چاهيان ٿو تہ ڇا سڀئي ماڻهو ڪنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ ساڳئي نموني ورتاءُ ڪن ٿا يا وري اهي لالچ کي ڇڏي نيڪيءَ تي هلن ٿا . "

"جڏهن اسين پهرين مليا هئاسين، تہ مون توکي ٻڌايو هو.هڪ انسان جي

اجنبيءَ هن کان موڪلايو ۽ چيو. "مان سمجھان ٿو تہ تو تي مون جيڪا ذميداري رکي آھي، ان ۾ تون چو دير ڪري رهي آھي. پر مان گھڻو انتظار نہ ٿو ڪري سگھان. سچو وقت شيطان مون کي تنگ ڪندو رهي ٿو. هاڻ مان يا تہ ان کي پاڻ وٽان پچائڻ ٿو چاهيان يا وري هميشہ لاءِ ان کي قبولڻ. تنھنڪري مون کي تڪڙو پنھنجي سوال جو جواب گھرجي. "

☆☆☆

جمعي جي رات جڏهن ڳوناٽا هوٽل ۾ گڏجي ڪچهري ڪري رهيا هئا تہ چنتل سيني کي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو. سيني کي حيراني ٿي تہ جيڪا عورت رڳو هوٽل جي ڊيوٽي ڪندي آھي، ان کي آخر ڪهڙي ڳالھہ ڪرڻي آھي، جو هن اهڙي جرئت ڪئي آھي.

"تي سگھي ٿو تہ ڪيس ڪا ضروري ڳالھہ ڪرڻي هجي. " هوٽل جي مالڪياڻي سوچيندي چيو. "پر جيڪڏهن ائين نہ هوندو تہ مان ڪيس اچ ئي هوٽل مان ڪڍي ڇڏيندس. "

"ٿوري دير ترس! " اجنبيءَ چيو. هن هڪ ننڍڙو ٽيپ رڪارڊر پنھنجي ڪيسي مان ڪڍي ان جو سئچ ڪوليو ۽ ٽيبل تي رکيو. "مونکي وسڪاس جي تاريخي واقعن سان دلچسپي آھي، مان ان باري ۾ هڪ لفظ بہ وڃائڻ نہ ٿو چاهيان. تنھنڪري مان سمجھان ٿو تہ تون ان تي ناراض نہ ٿيندئن، جيڪڏهن مان تنھنجي ڳالھہ کي رڪارڊ ڪيان!؟ "

پرائر چنتل فيصلو نہ پئي ڪري سگھي تہ هوءَ ان تي ناراض ٿئي يا نہ. پر هاڻي هن کي وقت وڃائڻ جي مهلت ڪانہ هئي. هن ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڊپ ڪانپوءِ مس مس تہ ڳوٺ وارن کي ڳالھہ ٻڌائڻ جي همٿ ڪئي هئي. تنھنڪري هن، ان ۾ ڪوبہ رخنو نہ ٿي وجھڻ چاهيو.

"وسڪاس ۾ ٽي گھٽيون ۽ هڪ چوواٽو آھي. چوواٽي تي صليب لٽڪيل آھي. ڪجھہ پراڻا گھر ۽ ڪجھہ کنڊر. هڪ هوٽل، هڪ پوسٽ آفيس ۽ هڪ گرجا گھر پڻ آهن. گرجا گھر سان لڳولڳ قبرستان پڻ هن ڳوٺ ۾ آھي. "

اها وضاحت ڪندي هن جو اعتماد اجا وڌيو. چو تہ ايترو ڳالهائيندي هن کي ڪابہ هبڪ ڪانہ ٿي هئي.

"اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ هيءَ جاءِ ڪنهن زماني ۾ ڌوهارين جي جنت هوندي هئي. جيستائين هڪ بهترين قانون ناهيندڙ احاب، درويش ساون جي ڳالهين کان پوءِ هن ڳوٺ کي سنوارڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ويو ۽ هاڻي هي ڳوٺ سٺن ۽ نيڪ ماڻھن جو ڳوٺ سڏجي ٿو. "

جي رسين کي برابر سان بدلايو ويندو هو. پر اهو ڦاسي گهاٽ ڪڏهن بہ استعمال ۾ نہ آيو. جڏهن ڏهہ سال گذري ويا ۽ نئون قانون نيڪ طرح وسڪاس ۾ عمل ۾ اچي ويو تہ احاب ڦاسي گهاٽ کي ڍاهڻ جو حڪم ڏنو. "

پرائم چنتل ٿوري ساهي پٽي. سڀ ماڻهو پوريءَ طرح خاموشي سان اهو ٻڌي رهيو هو. ايتري ۾ اجنبيءَ جي تاڙين وڄائڻ جو آواز آيو.

"اها هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. " اجنبيءَ چيو. "احاب چڱيءَ ريت انساني فطرت کان واقف هو تہ ماڻهو هڪ سنو معاشرو ناهڻ جي سلسلي ۾ نئين قانون کي ڪڏهن بہ پاڻ مرادو قبول نہ ڪندا. پر سزا ملڻ جي خوف کان هو ان تي ضرور عمل ڪندا. اسان مان هر هڪ پنهنجي اندر ۾ هڪ ڦاسي گهاٽ ڪنيو پيو هلي. "

"اڄ اجنبيءَ جي چوڻ تي مان هڪ ٻيو ڦاسي گهاٽ ساڳئي چوواٽي تي اڏڻ واري آهيان. "پرائم چنتل اجنبيءَ جي ڳالهہ پوري ڪرڻ تي پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌايو." مان چاهيان ٿي تہ اوهان سڀئي منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌو. مان توهان کي هاڻ جيڪا ڳالهہ توهان کي ٻڌائينديس، اها هتي موجود، اجنبيءَ ڪانسواءِ، توهان سڀني کي حيران ڪري ڇڏيندي. "

"ڪارلوس " ڪنهن ماڻهوءَ چيو.

"هن جو نالو ڪارلوس آهي، تنهنڪري ڪيس اجنبي سڏڻ ڪان بهتر آهي تہ سندس نالو وٺي پڪارجي. "

"مان هن جو اصل نالو نہ ٿي ڄاڻان، سچي معلومات جيڪا هن هوٽل جي فارم ۾ لکي آهي، اها ڪوڙي آهي. "

سڀني ماڻهن حيرانيءَ سان اجنبيءَ ڏانهن نهاريو، جيڪو چنتل ڏانهن ئي ڏسي رهيو هو.

"جي، ۽ جڏهن هي توهانکي سچ ٻڌائيندو تہ توهان مان ان تي ڪوبہ اعتبار ڪونہ ڪندو. چار ڏينهن اڳ هن مونکي ڏهہ سون جون شيخون ڏيکاريون هيون ۽ پوءِ انهن کي جهنگ ۾ خبر ناهي ڪهڙي جاءِ تي پوري ڇڏيو. اهو سون پوري وسڪاس ۾ وڏي خوشحالي آڻي سگهي ٿو، پر ان لاءِ اجنبيءَ شرط وڌو آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ ٽن ڏينهن ۾ اسان ڳوٺ وارا ڪو خون ناحق ڪريون. جيڪڏهن اسان اهو نہ ڪيو تہ اجنبي پنهنجو سون کڻي ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن روانو ٿي ويندو. "

هڪ دفعو ٻيهر سڀني ماڻهن حيرانيءَ مان اجنبيءَ ڏانهن نهاريو ۽ هن هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو. "ڇوڪريءَ

جنهن طريقي سان تو راند شروع ڪئي آهي، ان سان جيڪڏهن ڪنهن جو خون ٿيندو ته به انعام ته شيطان کي ملندو. توکي ڪنهن به سوال جي جواب جي تلاش ڪانهي. بس تون ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ چاهين ٿو ته شيطان هر هنڌ موجود آهي يا نه. "

اجنبيءَ جي چهري تي هڪ رنگ آيو ۽ لهي ويو، جنهن کي پرائمر چنتل پروڙي ورتو. "جيڪڏهن تو کي اها ڄاڻ پئجي وڃي ٿي ته دنيا ۾ صرف بدي ئي آهي ته ڇا جيڪا ويڌن تو سان ٿي آهي،اها ختم ٿي ويندي؟ " هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. "ڇا ان سان تون پنهنجي زال ۽ ڌيئرن جي موت کي آسانيءَ سان قبولي وٺندين؟ پر جيڪڏهن تنهنجي سوال جو، جواب اهو ٻڌايو ته هن دنيا ۾ سٺن ماڻهن جو پڻ وجود آهي ته پوءِ ڪيستائين تون ان ڪان ڪن لاتار ڪندين؟ تنهنجي زندگي ته برداشت ڪرڻ جي قابل نه رهندي. ڇاڪاڻ ته قسمت توسان ڌوکو ڪيو ۽ تون سمجهين ٿو ته تو سان ائين نه ٿيڻ گهرجي ها. تون هاڻي نه ٿو چاهين ته روشني تنهنجي زندگيءَ ۾ اچي. تو کي صرف اها پڪ گهرجي ته هتي بس اوندهه ئي اونده آهي. "

" تون بلڪل درست چئي رهي آهين. " اجنبيءَ وراڻيو. هن جي آواز ۾ ٿوري هٻڪ هئي." پر تون چوڻ ڇا ٿي چاهين؟ "

" منهنجي خيال ۾ تو شرط صحيح نه رکي. هئڻ ائين کپي ته جيڪڏهن ٽن ڏينهن جي اندر ڪنهنجو به خون نٿو ٿئي ته پوءِ به ڳوٺ وارا هن سون جا حقدار ٿين، چو ته انهن تو کي سوال جو جواب هاڪار يا ناڪار ۾ ڏنو آهي. "

اجنبي ڪليو.

"۽ سون جي هڪ شيخ منهنجي آهي، چو ته مان تنهنجي هن ڪم ۾ مدد ڪري رهي آهيان. مون ان ڪري ڳوٺاڻن کي ڏهن سون جي شيخن جو ٻڌايو. ائين سمجهه ته اهو منهنجي هن راند ۾ پرپور حصو وٺڻ جو سلو آهي. "

اجنبيءَ سگريٽ دکايو. پنهنجو جام پورو ڪيو ۽ ٽيبل تان اٿيو. چنتل هن جي جواب جو انتظار ڪرڻ لڳي. هن ڪليل در جي پاسي ۾ بيهندي ۽ ٿڌي هوا کي ڪمري ۾ اچڻ جو موقعو ڏنو.

"جيڪڏهن مون سان ڪنهن به قسم جي چراند ڪئي وئي ته مونکي خبر پئجي ويندي. " هن چيو. "مونکي هر قسم جي ماڻهن سان احاب وانگر ئي منهن ڏيڻ اچي ٿو. "

"مونکي يقين آهي ته تون نيڪ ٿو

ٻہ رخ آهن. " آواز فضا ۾ گونجندو رهيو. "جڏهن ماڻهو ان ڳالهہ کي سمجهي ۽ پروڙي وٺندو تہ پوءِ سمجهندو تہ هيءَ دنيا جهڙوڪر قدرت ٻاران ساڻس کيل هڪ يوڳ آهي. "

پوءِ آواز جنهن پاڻ کي دنيا جو شهزادو پئي ٻڌايو ۽ دعويٰ پئي ڪئي تہ هو اڪيلو ئي آهي، جيڪو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو تہ دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي. ان آواز پوءِ اجنبيءَ کي ڪناري تي ويٺل ماڻهن جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"هو ماڻهو ڏس، جيڪو هڪ پيءُ آهي ۽ پنهنجي ٻارن جو سامان ٻڌڻ ۾ لڳو پيو آهي ۽ ٻارن کي گرم ڪپڙا پارائڻ ۾ مدد ڪري رهيو هو. ان جو پنهنجي دفتر جي سيڪريٽريءَ سان عشق جو چڪر هلي رهيو آهي، پر زال جي ردعمل کان ڏاڍو ڊنل آهي. سندس زال، جنهن کي پنهنجي ڪم ڪار ڪرڻ جي آزادي آهي، پر مڙس جي انهيءَ حرڪت کان ڏاڍي خوفزده آهي. ۽ ٻار، جيڪي ظاهري طرح هڪ ٻئي سان سٺي طرح پيش اچي رهيا آهن، پر هنن جي اندر ۾ خوف آهي تہ هنن سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. ۽ ان ماڻهوءَ جي سيڪريٽري جيڪا ڏاڍي آرام سان ڪتاب پڙهي رهي آهي، پر هن جي اندر ۾ خوف آهي تہ شايد هن جي سموري زندگي ايئن ئي اڪيلي گذري ويندي. "

" هوڏانهن ڏس . جيڪو ڇوڪرو، ٽينس راند ڪرڻ واري ريڪيٽ کڻي ڇوڏاري ڊوڙي رهيو آهي، هن جي اندر ۾ ڊپ آهي تہ هو هميشہ پنهنجي والدين سان گڏ گذاري سگهندو يا نہ ، .....ان ويٺر ڇوڪريءَ کي ڏس، جيڪا هڪ شاهوڪار شخص کي پاڻي ڏيندي ان ڊپ ۾ آهي تہ متان ڪيس ڪنهن ڳالهہ تي ٽوڪيو نہ وڃي.....هوڏانهن ان جوان ڇوڪري ڏانهن نهار، جنهن چاهيو پئي تہ هوءَ ناچڻي ٿئي، پر ڪيس اهو ڊپ هو تہ ڪيس پاڙي وارا ڇا چوندا؟ هو پوڙهو شخص، جيڪو هاڻي نہ سگريٽ ڇڪي ٿو ۽ نہ شراب ٿو پيئي ۽ چوندو وتي ٿو تہ هو ان سان پاڻ کي بهتر پيو سمجهي، پر حقيقت ۾ هن جي اندر موت جو خوف آهي، جيڪو سندس ڪنن ۾ هوا وانگر زوزٽ پيو ڪري. نئون شادي شده جوڙو هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندي ڏاڍو خوش پيو نظر اچي، پر سندن دلين ۾ خوف آهي تہ جلد ئي اهي پوڙها ٿي ويندا ۽ پوءِ اڳتي بور ئي بور زندگي آهي. مهاڻو، جيڪو پنهنجي لانچ تي آرام سان سمهي ماڻهن کي ڏسي رهيو آهي، ان جي اندر ۾ خوف آهي تہ هن جي ٿوري بہ غفلت سان سندس ٻيڙي ٻڏي سگهي ٿي. هوٽل وارو مئنيجر، جيڪو

چاهين ٿو تہ پوءِ ائين سمجهہ تہ مان خدا جي طرفان موڪليل هڪ امتحان وٺندڙ آهيان. "

جڏهن شيطان پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندو هو تہ هو ڪوشش ڪندو هو تہ هو سڀ حوالا گڏ ڪري ۽ جهنم جي حقيقت پروڙي. اجنبيءَ کي معلوم ٿيو تہ ڪجهہ مذهبن ۾ جهنم هڪ حساب ڪتاب وٺڻ جي جڳهہ آهي. جتي انهن گنهگار روحن کي موڪليو ويندو آهي، جيڪي سماج ۾ ڪنهن ڏوهہ جا قصوروار هوندا آهن. ڪن مذهبن ۾ وري چيو ويو آهي تہ جڏهن پهريون پيرو روح کي جسم کان جدا ڪيو ويو. تہ پوءِ ان کي نديءَ مان گذارينو ويو. پوءِ اهو روح هڪ ڪتي سان مليو ۽ پوءِ جهنم ۾ وڃي رهيو، جتان ٻاهر نڪرڻ جو ڪوبہ دروازو ڪونهي.

اجنبيءَ سزا جي باري ۾ هڪ حوالو ڪنهن عربي ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ جڏهن روح جسم مان نڪرندو تہ پوءِ ان کي هڪ پل تان گذاريو ويندو. جيڪا تمام سنهي ۽ تلوار جي ڌار جهڙي تکي هوندي . ان جي ساڄي پاسي جنت هوندي تہ کاٻي پاسي دوزخ. جنهن ماڻهوءَ جا عمل سٺا هوندا تہ هو ساڄي پاسي هلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ جنهن ماڻهوءَ جا عمل خراب هوندا تہ هو کاٻي پاسي هليو ويندو.

عيسائي عقيدي مطابق اهو جهنم اهڙي جڳهہ آهي، جتي پهچڻ ڪانپوءِ ماڻهو روئڻ ۽ ڏند ڪرٽڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندو. يهودين جي مذهب مطابق هڪ اهڙو غار هوندو، جنهن ۾ هڪڙو ڪمرو هوندو، جنهن ۾ لاتعداد روحن کي اڇليو ويندو. جڏهن اهو دوزخ ڀرجي ويندو تہ دنيا ختم ٿي ويندي. اسلام مطابق دوزخ ۾ اهڙي باهہ هوندي، جنهن ۾ پيل سڀ روح ، ايسيتائين سڙندا رهندا، جيستائين خدا جي طرفان مٿانهن رحم نہ ٿو ٿئي. هندن جي عقيدي مطابق وري گنهگار روح کي ٿوري عرصي ڪانپوءِ وري ساڳي جڳهہ تي سزا ڀوڳڻ لاءِ ڪنهن جانور جي روپ ۾ موڪليو ويندو. ٻڌ ڌرم مطابق گنهگار روح کي ستن گرم ۽ ستن ٿڌن جهنمن مان گذاريو ويندو.

خيالن جي دنيا مان نڪري اجنبي ڏاڙهي کوڙڻ شروع ڪئي، پر ڪمري جي دريءَ کي ائين ئي ڪجهہ دير لاءِ اڃا کليو رکڻ جو فيصلو ڪيو . هو ۽ رب کي ٻاڏائڻ لڳو، "اي خدا! جيڪو تون مون سان ڪيو آهي، مان ان سزا جو قصوروار نہ هئس. هاڻ مان ساڳي ڳالهہ ٻين ماڻهن سان ڪڻ چاهيان ٿو. منهنجي خيال ۾ انصاف ان کي چئبو آهي."

شيطان پريشان ٿي ويو، پر

ڪم جو بار اڪيلي سر کڻڻ نہ چاهيندو. جنهن جو فائدو ٻين کي بہ رسي. ٻي ڳالهہ تہ انهن کي ڳوٺ جي ڪنهن فرد کي مارڻ لاءِ ٻين جي بہ تعاون جي ضرورت پوندي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص اڪيلو اهڙو ڪڏوڪم ڪندو تہ سڀ هن جو ئي نالو وٺندا ۽ هو جيل جي حوالي ٿي سگهي ٿو.

چنتل هيٺ لٿي ۽ هن کي ياد آيو تہ ميئر جي اليڪشن جي دوران ڪيترن واعدن جي باوجود ٽنهي گهٽين جي ساڳي بڇڙي حالت هئي. ماڻهن جي خواهش هئي تہ هتي ٻارن جي راند جو ميدان نهي، پر ڳوٺ جي هينئين حصي واري ميدان ۾ ايترو تہ گند ڪچرو پيل هو جو اهو ڪم بہ شروع ڪونہ ٿي سگهيو هو.مٿان وري ڪنهن ٻئي چيو تہ ڳوٺ ۾ ڪوبہ ٻار ڪونهي، تنهنڪري ان جي ڪا ضرورت ڪانهي( هن ڳوٺ جي ماڻهن سندن ٻارن کي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن موڪلي ڇڏيو هو تہ جيئن اهي اتي تعليم پرائي سگهن). جڏهن تہ ڪنهن ٻئي چيو تہ جڏهن سندن ٻار موڪلون گذارڻ لاءِ هتي ايندا تہ هتي ميدان ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا ۽ ڪين معلوم ٿيندو تہ هتي جو ماحول تبديل ٿي رهيو آهي، پر ورڀو ڪجهہ بہ ڪو نہ.

هوءَ ويڳن طرف هڪ نئين احساس سان اڳتي وڌي تہ هوءَ هاٽي ڳوٺ جي تاريخ ۾ هڪ قائداٽي صلاحيتن وارو ڪردار نڀائڻ واري آهي. ان ڪان پهرين هوءَ هڪ بي سهارا يتيم چوڪري هئي. اهڙي چوڪري، جنهن کي سواءِ نوڪري ڪرڻ جي ٻيو ڪم نہ هو. هڪ مسڪين رات جي ڊيوٽي ڪندڙ چوڪري، اڪيلي تنها ۽ ڪنهن ساٿ جي تلاش ۾ ڀٽڪندڙ. پر هاٽي ٻن ڏينهن جي اندر ڳوٺ جا سڀ ماڻهو هن وٽ ايندا، هن جا پير چمندا ۽ هن جي ساٿ جو شڪريو ادا ڪندا ۽ شايد هو ڪيس ايندڙ اليڪشن ۾ ميئر جي چوند جي سلسلي ۾ بيهڻ لاءِ بہ زور ڀرين.

هن محسوس ڪيو تہ هن جي چوڌاري سيڏو ۽ سامان وٺندڙ سڀ ماڻهو خاموش بيٺا ڪيس گهوري رهيا هئا.

"هتي ڪجهہ ٿيو آهي ڇا، جو هر ڪو ماڻهو خاموش آهي؟ " بيڪريءَ واري پڇيو، " ڇا ڪنهن جو موت ٿيو آهي؟ "

"نہ" ڳوٺ جي لوهار جواب ڏنو، جيڪو پڻ اتي موجود هو.

چنتل پڻ ڪجهہ بہ نہ سمجهي سگهي تہ آخر ڇا ٿيو آهي.

"جلدي ڪر، توکي ڇا وٺڻو آهي. " چنتل آواز ٻڌو،جيڪو ڪوئي ڪيس ڇئي رهيو هو.

هوءَ مشين وانگر اڳتي وڌي، پئسا ڏنائين ۽ ڊبل روٽي ورتائين. وين واري

"تون ۽ مان تہ اهو سڀ سمجهون ٿا پر ٻيو ڪوئي اها ڳالهہ نہ ٿو سمجهي. انهن کي صرف اهو افسوس آهي تہ تو هنن سان بيوفائي ڪئي آهي، جو تو ڪين اها ڳالهہ دير سان ٻڌائي آهي. هو سمجهن ٿا تہ شايد توکي ڳوٺ وارن تي اعتبار ڪونہ هو. "

"مون ساڻن بيوفائي ڪئي آهي؟ "

"هائو.بيوفائي"

"هو ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري ائين سمجهن ٿا؟ "

"اهو تون پاڻ سوچ. "

پرائمر چنتل گهري سوچ ۾ پئجي وئي.

"مان نہ ٿي چاهيان تہ هاڻ اهو قصو ڪيئن ختم ٿيندو! "برنا چيو. "وسڪاس، سڻن ماڻهن جو ڳوٺ آهي ۽ هڪ ٻيري تو بہ ائين ئي چيو هو. پر اهي ٿورا بزدل آهن. منهنجي توکي صلاح آهي تہ تون ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪنهن ٻئي پاسي هلي وڃ. پوءِ سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو. "

چنتل کي اها ڳالهہ ٺوٺڪي وانگر لڳي. هن وٽ تہ ايترا پئسا ڪونہ هئا جو هوءَ هتان ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي سگهي.

اوچتو ٻنهي، اجنبيءَ کي معمول مطابق صبح جي سير لاءِ جبلن ڏانهن ويندي ڏٺو.

"هو ڏاڍو اداس پيو لڳي." برنا چيو. " شايد هاڻ ڪيس ڳٽين اچي ورايو آهي. "

"شايد هن هاڻي سمجهي ورتو آهي تہ سندس هڪ ننڍڙي راند حقيقت نہ بڻجي وڃي. "

"نہ، ان جو ڪو ٻيو سبب آهي..... سبب اهو آهي تہ جيڪڏهن....نہ، نہ، مان نٿي چاهيان تہ اهو ڪهڙو سبب آهي. " برنا ڳالهہ مڪائيندي چنتل جي پني ٿپريندي چيو، "تنهنجي اندر ۾ جيڪا نيڪي ۽ بديءَ کي سمجهڻ جي آنڌ مانڌ آهي، ان کي دور ڪرڻ لاءِ ٻيلي ۾ وڃ. فطرت کان پڇ تہ تون ڪهڙي جاءِ تي وڃي سڪون حاصل ڪرين. جو تہ مونکي پڪ آهي تہ اسانجي هيءَ بستي تباهہ ٿيڻ واري آهي. "

"مان شرط تي رکان تہ منهنجو مڙس سڀ چاڻندو هوندو. " برنا سوچيو. اهو محسوس ڪندي تہ سندس ڪابي پاسي سور جي سٽ اپري آهي،جو تہ سندس مڙس سندس پر ۾ ٻيٺل هئس پر هن مهل هوءَ ان سان ڳالهائي نہ ٿي سگهي.

"اتي مونکي احاب ياد اچي ٿو. " هن، چنتل کي چيو.

"مان احاب جي باري ۾ سوچڻ نہ ٿي چاهيان، نہ وري ڪنهن ٻئي عظيم شخص جي ڳالهہ. بس هاڻي ان ڳالهہ تي سوچڻو

اجايل آهيون. "

"هتي هنن ٽڪرين جي وچ ۾ هڪ چشمو آهي. " ان همراهه کين ان جڳهه ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو. "توهان جيترو پاڻي پيئڻ چاهيو، پي سگهو ٿا. "

همراهه پنهنجي گهوڙي ۾ ڪتي سان گڏ اوڏانهن ويو ۽ انهن پنهنجي اڃ اجهائي.

مسافر شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ ساڳئي همراهه وٽ پهتو.

"توهان جڏهن به چاهيو هتي اچي سگهون ٿا. همراهه کيس چيو.

"پر اهو ته ٻڌاءِ ته هيءَ ڪهڙي جڳهه آهي! "

"جنت. "

"جنت؟ پر سنگ مرمر جي دروازي واري همراهه ٻڌايو هو ته جنت اها هئي! "

"اهو دوزخ هو. جنت هي آهي. "

مسافر اچرج ۾ پئجي ويو.

پرائمر چنتل ان ڪهاڻيءَ کي ٻڌڻ ۾ ايتري محو ٿي وئي هئي جو ان جي ختم ٿيڻ جو به پتو نه پيس. برٿا چوڪريءَ جي ڪلهي کي ٿڦڪي ڏني ۽ هن محسوس ڪيو ته هن جي اندر ۾ نيڪي ۽ بديءَ جي هڪ جنگ هلي رهي هئي. تنهنڪري هن کيس صلاح ڏني ته هوءَ ان سلسلي ۾ جهنگ جو چڪر هڻي فطرت ڪان پڇي ته هوءَ سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري .

"ڇاڪاڻ ته مونکي محسوس پيو ٿئي ته اسانجو جبلن جي وچ ۾ جنت جهڙو ڳوٺ پنهنجن ساٿين کي تباهه ڪرڻ وارو آهي. "

"تون غلط آهين برٿا، هتي جي ماڻهن جو خون ايترو پٽڙو ڪونهي جو اهي ايندڙ مصيبت جو مقابلو نه ڪري سگهن"

"نيڪ آهي، ٿي سگهي ٿو ته مان غلط هجان. پوءِ به مان توکي جيئن چوان پئي ائين ڪر. ۽ ٻيلي ۾ وڃي فطرت کان پڇ ته هوءَ توکي ڇا ٿي صلاح ڏي . "

چنتل سندس راءِ کي بيڪار سمجهي هلڻ لڳي ۽ برٿا پنهنجي مرحوم مڙس سان خيالن ۾ ئي جهيڙو ڪرڻ لڳي ته تون خاموش رهه، خاص ڪري ان موقعي تي جڏهن مان ڪنهن کي ڪا صلاح ڏيندي هجان ۽ اها صلاح وٺندڙ ڪا نوجوان عورت هجي. هاڻي مون ۾ وڏي تبديلي اچي وئي آهي. پهرين مان پنهنجي سار سنڀال ڪندي هيس ۽ هاڻي ڳوٺ جي سار سنڀال ڪرڻي اٿم.

☆☆☆

وسڪاس ڳوٺ جي آدمشماري ڪل 281 فردن تي مشتمل هئي. ڳوٺ جي عورتن ۾ سڀ کان جوان عورت پرائمر چنتل ۽ سڀ کان پوڙهي برٿا هئي. اڌ درجن کن فردن کي ڳوٺ ۾ اهم ذميداريون هيون.

واري زمين کهڙي نہ خاص اهميت واي هنڌ تي آهي! جو نہ ان کي کنهن ٻئي هنڌ منتقل ڪري انهيءَ زمين مان فائدو وٺجي.

"مان کنهن ٻئي موقعي تي قبرستان جي باري ۾ توهان سان ڳالهائيندس. " هن پادريءَ کي چيو. "مان اوهانکي مئلن کي دفن ڪرڻ لاءِ هن کان وڌيڪ زمين ڏئي سگهان ٿو. جيڪا گرجا جي ويجهو بہ هوندي. "

"ڪوبہ ماڻهو اها زمين وڪرو ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهي . هرڪو اهو چاهي ٿو تہ مرڻ ڪانپوءِ کيس اتي دفن ڪيو وڃي. ٻيو تہ ڪير اها زمين خريد بہ نہ ڪندو. "

"تي سگهي ٿو تہ ڳوٺ مان ڪير خريد نہ ڪري، پر هتي اينڊرِ سياح اها زمين پنهنجي عارضي رهائش لاءِ ضرور خريد ڪندا. بس اهو ڳوٺ وارن تي ڇڏيل آهي تہ اهي پنهنجو وات ڪيئن ٿا بند رکي سگهن. ان لاءِ تہ جيئن ان کي وڪرو ڪرڻ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ وڌيڪ ڪمائي ٿئي. "

"تون درست آهين. تون ڳوٺ وارن کي چئي سگهين ٿو تہ اهي پنهنجو وات بند رکن. جيڪو ڪم ايڏو مشڪل بہ نہ آهي. "

اوچتو خاموشي ڇانئجي وئي. هڪ ڊگهي خاموشي، جنهن کي ڪنهن بہ ماڻهو ٽوڙڻ نہ ٿي چاهيو. پادري هڪ ننڍڙي مجسمي کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو. زميندار شراب جو هڪ ٻيو جام پريو. لوهار پنهنجن ٻنهي ٻوٽن جون کهيون کولڻ ۽ ٻڌڻ ۾ لڳي ويو ۽ ميئر پنهنجون نظرون واچ تي گهمائڻ لڳو. ڇڻ هو چوڻ وارو هجي تہ هن کي ڪنهن ضروري ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي.

پر ڪنهن ماڻهوءَ ڪو لفظ ڪونہ ڪڇيو. هر ڪو ڄاڻي پيو تہ وسڪاس جا ماڻهو ان قبرستان جي زمين جي خريدوفروخت جي باري ۾ هڪ لفظ بہ نہ ڪڇندا.

"تو وٽ ان جي وڪڻڻ لاءِ ڪهڙي تجويز آهي ؟ " آخر پادريءَ پنجن منٽن جي ڊگهي خاموشيءَ ڪانپوءِ زميندار کان پڇيو.

سڀ ماڻهو هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا. ان لاءِ تہ ڇا هو ان راءِ تي متفق آهن تہ ان معاملي ۾ خاموش رهجي.

"مان سمجهان ٿو تہ اسين ان معاملي کي ڳالهين ذريعي ئي اڳتي وڌائي سگهون ٿا. " زميندار جواب ڏنو. هن پنهنجا لفظ وڏي احتياط سان چونڊي چونڊي ادا ڪيا هئا تہ جيئن ڪير انهن جو غلط مطلب نہ ڪڍي سگهي.

"هتي جا ماڻهو سنا، محنتي ۽ سني

اسانکي پنهنجو ڳوٺ بچائڻو آهي. " زميندار وراڻيو. هو واحد ماڻهو هو، جنهن ڳوٺ جي قبرستان مان فائدو وٺڻ ٿي چاهيو. جو تہ هو سڀ ڪجھ خريد ڪرڻ جي لائق هو ۽ ان مٿان هن ڪارخانو ناهڻ پئي چاهيو. پر هن جلدي ڪري پنهنجي رقم انهن جي حوالي نہ ٿي ڪرڻ چاهي. هن ان قبرستان جي زمين کي عام اگھ تي وٺي گھڻو ڪمائڻ ٿي چاهيو.

"فادر! توهانجي ان باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟ " هوٽل جي مالڪياڻيءَ پادريءَ کان پڇيو.

"مان جيڪا ڳالھ سمجهان ٿو، اهو مذهب آهي. جنهن ۾ آهي تہ هڪ ماڻهوءَ جي قربانيءَ سان پوري انسانيت کي بچايو وڃي. "

ٽيون پيرو ساڳي خاموشي تي وٺي، پر اها ٿوري دير لاءِ هئي. "مان سمجهان ٿو تہ اهو معاملو ايندڙ چنچر تي گرجا گهر جي احاطي ۾ ٿيندڙ گڏجاڻيءَ لاءِ ڇڏيو وڃي. " پادري چوڻ لڳو. "ڇا اسين ايندڙ شام جو هتي گڏ نہ ٿا ٿي سگهون؟ "

هر ڪنهن جلدي رضامندي ظاهر ڪئي ۽ شام جو وقت تجويز ڪيو ويو، جو تہ ڏينهن جو هو پنهنجن ضروري ڪمن ڪارين ۾ مصروف هوندا. صرف ميئر سيني کي خاموش ڪندي اعلان ڪيو.

"جيڪو ڪجھ اوهانکي چئي رهيا آهيان، اهو ڏاڍو عجيب آهي. هي هڪ اهم مسئلو آهي، تنهنڪري اسان کي اڄ شام جو ٿي گڏجي ان تي ويچارڻ گهرجي. "

☆☆☆

چنتل گهڻي عرصي تائين پاڻ کي روڪي نہ سگهي ۽ سڌو ساڳيءَ ٽڪريءَ تي پهتي ۽ سوچڻ لڳي تہ جيڪڏهن هوءَ اهو سون ڪڍي وٺي تہ ان جو ڇا نتيجو برآمد ٿيندو. پهرين تہ هن کي پوليس، ڳوناٽن ۽ خود اجنبيءَ پاران سخت قدم کڻڻ جو خوف ٿيو، پر هاڻي هوءَ هر مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هئي.

هن کي خوشي ٿي رهي هئي تہ اجنبيءَ ڳوناٽن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪيس ٺي چونڊيو ۽ ڪيس ان شيطان جي پروڙ پئي جيڪو ڳوٺ وارن جي روحن ۾ لڪل ويٺو هو. اهي سڀ هاڻي خون ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيا هئا، صرف خواب، جو تہ حقيقت ۾ اهي ڪنهن بہ عملي قدم کڻڻ جهڙا ڪونہ هئا. اهي هاڻي شايد پنهنجي سموري زندگي بي خوابيءَ ۾ گذاريندا ۽ پوءِ آخر هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا تہ هو ڪيڏا نہ شريف هئا جو هنن ڪنهن سان بہ ناانصافي ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ڪئي ۽ ڳوٺ جي عظمت کي ڪنهن بہ طرح ڇيهو ڪونہ رسايو. پر حقيقت ۾ صرف خوف ٿي

مڙي نهاريو تہ ڪيس هڪ چتو بگهڙ هڪ ويجهي وڻ جي پاسي ۾ بيٺل نظر آيو. هاڻ چنتل لاءِ اهو ممڪن ڪونہ هو تہ هوءَ ان بگهڙ کان پاسو بدلائي هتان وڃي سگهي. هاٿي هوءَ ٻڏتر ۾ پئجي وئي تہ هوءَ ڪهڙو قدم کڻي. ڇا هوءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃي. پر اها ايتري گهڻي اوچائيءَ تي ڪانہ هئي، جو بگهڙ اتي پهچي نہ سگهي.آخرڪار بي واه نہ ڏسي هوءَ مقابلي لاءِ تيار ٿي وئي. هن هٿ ۾ ڪنيل ڪاني زمين تي ڦٽي ڪري ڇڏي.

بگهڙ وات کوليو ۽ ڏاڍي خطرناڪ انداز ۾ اونائي ڏني. جنهن جو مطلب هو تہ هو حملو ڪرڻ وارو هو. چنتل جون اکيون ان ۾ کتل هيون، جيتوڻيڪ سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي.

هيءَ اها ڳالهہ سوچي رهي هئي تہ آيا مقابلي لاءِ تيار ٿئي يا ڊوڙ پائي پڇڻ جي ڪري. هوءَ زمين ڏانهن جهڪي ۽ ڪنهن پٿر جي ڳولها ڪرڻ لڳي، پر ڪو پٿر بہ هٿ نہ لڳس.بگهڙ پنهنجون ناسون ڦونداري حملي لاءِ بلڪل تيار هو.

هوءَ آخري وقت ڊوڙڻ لاءِ تيار ٿي وئي. پر ايتري ۾ هن ڪنهن وجود کي بگهڙ جي پنيان ظاهر ٿيندي ڏٺو. پر اهو ڪافي پري هو، ۽ سندن وچ ۾ اڃا چڱو فاصلو هو. بگهڙ هڪ ٻئي شڪار جي ظاهر ٿيڻ کي محسوس تہ ڪيو، پر ان طرف گهٽو ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ چنتل هن تي پنهنجون اکيون کتل ئي رکيون. جيڪڏهن ڪو ٻيو بہ هتي موجود هو تہ ان جو مطلب تہ سندس بچڻ جي اميد هئي.

بگهڙ پويان ظاهر ٿيندڙ وجود ڏسي خاموشيءَ سان هيٺ جهڪيو ۽ ڪاٻي پاسي سرڻ لڳو. چنتل ڏٺو تہ ان پاسي پڻ هڪ ٻيو وڻ هو، جنهن تي آسانيءَ سان چڙهي سگهجي پيو. ان لمحي ۾ هڪ پٿر هوا ۾ اڏرندي نظر آيو ۽ اچي بگهڙ جي پاسي ۾ ڪريو، جنهن سان صورتحال ٻي ٿي وئي ۽ بگهڙ ان نئين شڪار ڏانهن ڊوڙڻ جي ڪئي.

"ڏوڙ! " اجنبي رڙ ڪئي.

هاٿي هوءَ دوڙ پائي وڻ تي چڙهي وئي ۽ اجنبي بہ تڪڙو وڻ تي چڙهي ويو ۽ بگهڙ وڻ وٽ پهچي رنيڻ لڳو. چنتل رڙ ڪري چيو، "ڪجهہ ٽاريون پٽي وٺ. "

پر اجنبيءَ ائين ظاهر ڪيو تہ هن ڪجهہ ٻڌو ئي ڪونہ هو. چنتل وري ساڳي هدايت کي ورجايو ۽ ان کي ايسيتائين ورجائيندي رهي، جيستائين هن کي پڪ ٿي تہ سندس ڳالهہ اجنبيءَ جي ڪنن تائين پهچي وئي هئي. اجنبيءَ وڻ جون شاخون پٽڻ شروع ڪيو ۽ اهي بگهڙ طرف اڇلائڻ

اڪين سان بگهڙ ڏانهن گهوري نهاريندي، ڏانهس ڊوڙ پاتائين، تہ بگهڙ اونايون بند ڪيون ۽ ٻيلي طرف واپس ڊوڙ پاتي.

چنتل پڻ آهستي آهستي ڪري وڻ تان لٿي ۽ ڪجھ ڪانيون ڪٺي انهن کي ٻاري پنهنجي هٿ ۾ ڪنيائين.

"اڄ تہ هاٿي هتان نڪري هلون. "

"پر ڪاڏي؟ "

"وسڪاس ڏي ٻيو وري ڪاڏي! "

"ٿورو وري ٻاھ جو مچ ٻار. "چنتل، اجنبيءَ کي چيو.

اجنبيءَ شاخون گڏ ڪري ٻاھ ٻاري. چنتل سور کان ڪنجهڻ لڳي جو هن کي وڻ تي چڙهڻ دوران زخم رسيو هو ۽ اجنبي همدرديءَ جو اظهار ڪندي زخم کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مونکي نہ ڇھہ، منهنجي ويجهو نہ اچ، مون سان نہ ڳالهاءِ. " سور، ڊپ ۽ شرم سبب پرائم چنتل وڌيڪ ڪجھ چئي نہ سگهي. هن ڪوشش ڪئي تہ ڪا آرام واري جڳھ ڏسي ويهي رهي. پر هوءَ هتي اڪيلي ڪانہ هئي. جيڪڏهن ڪوئي ٻنهي کي گڏ ويٺل ڏسندو تہ الائي ڇا سوچيندو!

هن کي ياد آيو تہ اڄ ڇنڇر هو ۽ ماٺھو پنهنجن گهرن ۾ هوندا.

"مون سان نہ ڳالهاءِ. "

"مون تہ هڪ لفظ نہ نہ ڳالهايو آهي!"

چنتل چاهيو تہ رڙيون ڪري، پر هن اجنبيءَ جي سامهون ائين نہ پئي ڪرڻ چاهيو. تنهنڪري ڳوڙها پي وئي.

"مون تنهنجي زندگي بچائي آهي، ان ڪري سون تي منهنجو حق ٿئي ٿو. "پرائم چنتل کيس چيو. "

ان جي ابتڙ بگهڙ کان مون تنهنجي جان بچائي. تو کي منهنجو شڪرگذار هئڻ کپي. ها البتہ اها هڪ حقيقت آهي، تہ تو منهنجي اندر جي ڪنهن حصي کي جياريو آهي.

" اسان کي ڪافي دير ٿي وئي آهي. هاٿي اسان مان هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو رستو وٺڻ گهرجي. مونکي پنهنجي سون جي ٽڪري سان گڏ ۽ تون........ "

"تنهنجو مطلب آهي تہ منهنجي سون جي شيخ سان گڏ؟ "اجنبيءَ رڙ ڪئي.

"توکي گهرجي تہ تون پنهنجو سامان ڪٺي، هتان گم ٿي وڃين. مان بہ هتان ڪنهن ٻئي شهر هلي ويندس. جيڪڏهن مان هتان سون نہ ڪٺنديس تہ مونکي وري پنهنجي ڳوٺ وڃڻو پوندو، جتي مون کان پيچا ٿيندي. اهي ماٺھو سمجهندا تہ مون هنن سان ڪوڙ ڳالهايو آهي. تون ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهين.

جتي سون لڪل هو ۽ پوءِ اجنبيءَ ڏانهن، جيڪو اڳيئي ڪجهه باهه جا تيلا هٿ ۾ ڪٽي هلڻ لاءِ بلڪل تيار هو. چنتل سوچيو ته هن کي به ساڳيءَ طرح ڪرڻ گهرجي. ڪجهه ڪانيون باهه مان ڪڍي انهن سان سون ڪوٽي ڪڍي، سڌو واديءَ جو رستو وٺي ڪنهن شهر پهچڻ گهرجي . هن کي گهر وڃڻ جي ضرورت نه هئي، ڇو ته سمورو خزانو، سون جي صورت ۾ هن وٽ هوندو. جڏهن هوءَ شهر ۾ پهچندي ته بئنڪ وارن کان سون جي اگهه بابت پڇا ڪندي ته جيئن ان سون کي کپائي سگهي. پوءِ هوءَ ڪپڙا، بيگ، هر شيءِ وٺڻ لاءِ آزاد هوندي.

"ترس." هن اجنبيءَ کي سڏيندي چيو. پر هن سندس سڏ کي نه ٻڌو. هو وسڪاس ڏانهن وکون وڌائيندي پئي ويو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ نظرن کان اوجهل ٿي پئي سگهيو.

"جلدي سوچي وٺ. " چنتل پنهنجو پاڻ کان پڇيو. وٽس گهڻو وقت نه هو. تنهنڪري هن ڪجهه ڪانيون ٻرندڙ باهه مان کنيون ۽ ٽڪريءَ ڏانهن رواني ٿي ۽ وري سون کي کوٽڻ لڳي. هن سون کي هٿ ۾ کنيو، ان کي پنهنجن ڪپڙن سان صاف ڪيو ۽ ان مٿان لڪيل اکرن کي ٽيون ڀيرو پڙهڻ لڳي.

پوءِ وري وڏي ڏک سان ان کي بند ڪيائين ۽ ان ڪڏ کي مٿيءَ جو لپو وجهي پوريندي ڏاڍي بيزاري محسوس ڪيائين. ان کان پوءِ هوءَ اجنبيءَ جي پٺيان ڊوڙي ته وٽس پهچي وڃي.

هوءَ هڪڙي ڏينهن ۾ ٻن ٻگهڙن سان ملي هئي. هڪ جيڪو باهه جا شعلا ڏسي پڇي ويو هو، جڏهن ته ٻيو ڪنهن به شيءِ سان غائب نه پئي ٿيو، ڇو ته هن پهرين ئي سڀ ڪجهه وڃائي ڇڏيو هو. هاڻي هن کي ڪا به پرواهه ڪانه هئي. بس اندن وانگر پئي هليو ۽ خواهش هيس ته رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ کي تباهه ڪري ڇڏي.

هوءَ ايترو تيز ڊوڙي، جيترو ڊوڙي پئي سگهي، پر هوءَ اجنبيءَ کي رسي نه سگهي.

هوءَ اڃا ڳوٺ تائين پهتي ۽ لنوائڻ لڳي ته مٿان برنا ڪيس سڏ ڪري. هوءَ ماڻهن جي ميڙ مان گذري، جيڪي گرجا ۾ پادريءَ جو خاص خطاب ٻڌڻ ڪانپوءِ پئي وريا . چنتل سوچيو ته اجنبيءَ هڪ خون ناحق ڪرائڻ گهريو پئي ۽ هاڻ هن ڳوٺ جا ماڻهو سڄو هفتو مونجهارن ۽ ڏک جي ڪيفيت ۾ رهندا.

سيني ماڻهن، چنتل ڏانهن نهاريو، پر ڪنهن به ساڻس ڪونه ڳالهايو ۽ هوءَ به

"مان جيڪا ڳالھ ڪرڻ چاهيان ٿي اها سيني جي دل جي ترجماني ڪري ٿي . " هوٽل جي مالڪياڻيءَ چيو، "اسان سيني کي اجنبيءَ جي ڏنل شرط مطابق ڪنهنجي خون ڪرڻ بابت سوچڻ گهرجي. "

"ان سلسلي ۾ قربانيءَ جي ضرورت آهي. " پادريءَ مذهبي حوالي سان سمجھائيندي چيو.

سيئي خاموش رهيا. جنهن مان ظاهر پئي ٿيو تہ اهي سيئي پادريءَ جي راءِ سان متفق هئا . پر پادري مطمئن نہ ٿيو. تنهنڪري جوش مان چيائين، "اوهان جي خاموشيءَ مان بزدلي پئي ظاهر ٿئي، چو نہ سيئي گڏجي بلند آواز ۾ دعا گهرون تہ جيئن خدا اسانجو آواز ٻڌي. اسين هي سڀ ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪري رهيا آهيون. اڄو تہ پنهنجي رب جي آڏو سندس هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ جهڪون. "

اتي موجود سيئي ماڻهو پادريءَ جي حڪم جي پوئواري ڪندي جهڪي ويا. سيني ڄاتو پئي تہ اهو سڀ ڪجھ اجايو هو، چو تہ هو شيطان جي چوڻ تي پاپ ڪرڻ وارا هئا ۽ انهيءَ عمل منجھ خدا جو نالي وجهي اصل ۾ انهن پنهنجي پنهنجي ضمير جي آواز کي دٻايو پئي.

"اڄو تہ هاڻي عملي قدم کڻڻ لاءِ ڪجھ سوچيون. " ميئر جي زال ڪنڌ مٿي کڻندي چيو. "اسان جي سامهون اهو سوال آهي تہ ڪنهن جي قرباني ڏجي ۽ ڪير ان کي سرانجام ڏيندو. "

"جنهن شخص، اسان جي ڳوٺ منجھ شيطان کي آندو آهي، اها هڪ جوان عورت آهي ۽ جنهن جي اسان هميشہ مدد ڪئي آهي. " زميندار پنهنجي راءِ ڏيندي چيو. "شيطان کي شيطان سان لڙائڻ گهرجي ۽ هوءَ سزا جي لائق بہ آهي. "

ٻن ماڻهن چيو تہ پرائم چنتل کي اهڙي ڳالھ ڪندي ذرو بہ احساس ڪونہ ٿيو تہ هن کي بہ تہ آخر هي جهان ڇڏڻو آهي.

پر ميئر جي زال ان جي مخالفت ڪندي چيو، " تي سگهي ٿو تہ هن اها جڳھ ڏٺي هجي، جتي سون لڪل آهي. چو تہ هن ئي تہ شيطان کي سيني کان پهرين ڏٺو ۽ سڀي ڳوٺ کي هڪ خون ڪرڻ جي چڪر ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تنهنڪري هن کي اعتماد ۾ وٺي ڪجھ ڪري سگهجي ٿو. "

ميئر پنهنجي زال کي چيو، "تون هن کي چو ٿي بچائڻ جي ڪوشش ڪرين، جڏهن تہ مون کي خبر آهي تہ تون کيس ڪو گهٽو پسند بہ ٿي ڪرين؟ "

"مان سمجهان ٿو. " پادريءَ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، " پرائم چنتل کي ان

پريشان ڪري ڇڏيندي. "
"ٺيڪ آهي تہ پوءِ باقي وڃي برٺا بچي ٿي. " هوٽل جي مالڪياڻيءَ راءِ ڏيندي چيو.
ٿورو ترسي پادريءَ چيو. "ان عورت، پنهنجي مڙس جي وفات کانپوءِ ڏاڍو پوڙهيو آهي. هن سواءِ پنهنجي گهر جي در جي ٻاهران ويهڻ جي ان سموري عرصي ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي ۽ هوءَ بس هميشہ ماضيءَ ۾ گم هوندي آهي. مونکي تہ ڊپ آهي تہ ويچاري عورت آهستي آهستي چري ٿيندي پئي وڃي. مون ڪيترائي ڀيرا سندس پاسي کان گذرندي ڪيس پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي ٻڌو آهي. "
هوا جو تيز جهوٽو درن سان ٽڪرايو. سيني ويٺلن کي ڇرڪ نڪري ويو.
"هينئر سندس زندگي ڏاڍي اداسيءَ ۾ گذري رهي آهي. " هوٽل جي مالڪياڻيءَ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مان سمجهان ٿي تہ هوءَ پنهنجي پياري مڙس سان ملڻ لاءِ بيچين هوندي، جنهن سان هن شاديءَ کانپوءِ چاليهہ سال گڏ گذاريا. "
ڳوٺ وارن کي هن جي باري ۾ سڀ خبر هئي، تنهنڪري کين اها ڳالهہ غير ضروري لڳي.

"هوءَ هڪ ڪراڙي عورت آهي ۽ هاڻي سندس زندگيءَ جي پڇاڙي آهي. " زميندار ڳالهائيندي چيو. "هوءَ ڳوٺ جي واحد عورت آهي، جنهن کي پئسن جي ڪابہ طلب ڪانهي. مون هن کان هڪ ڀيرو پڇيو تہ تون ڇو سچو سچو ڏينهن، پوءِ اهو سيارو هجي يا اونهارو، در جي ٻاهر ويٺي گذاريو ڇڏين؟ خبر اٿوَ تہ هن ڇا چيو؟ هن چيو تہ هوءَ ڳوٺ جي سنڀال ڪرڻ لاءِ هتي ويٺي آهي تہ جيئن هوءَ شيطان کي هتي ايندي ڏسي سگهي. "
"ٺيڪ پر هن معاملي ۾ تہ برٺا ٺيڪ ڪونہ ڪيو. جو شيطان جي اچڻ جو اسان کي ڪو اطلاع ئي ڪونہ ڏنو. " پادريءَ ڳالهائيندي چيو. "مون توهانجي گفتگوءَ مان اهو سمجهيو آهي تہ جنهن شيطان کي پهرين ڳوٺ ۾ ايندي ڏٺو آهي، اهو ئي ڪيس هتان پڄائڻ ۾ مدد ڪري. "
وري خاموشي طاري ٿي وئي. هر ڪنهن سمجهي ورتو تہ قربانيءَ واري شخص جو فيصلو ٿي ويو آهي.
"ان سلسلي ۾ مان رڳو هڪ ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿي. " ميئر جي زال پنهنجو خيال پيش ڪندي چيو. "اسين ڄاڻون ٿا تہ ڳوٺ جي سيني انسانن جي ڀلائيءَ خاطر جنهن جي قرباني ڏني ويندي، اهو هڪ سٺو روح هوندو. جنهن کي جنت ۾ جاءِ

چيو، "ساڳئي وقت مان تسليم ڪريان ٿي تہ ماڻهن کي هڪ نہ پر ڏهہ ڀيرا سوچي پوءِ فيصلو ڪرڻ گهرجي. "

"اهي صرف ڏهہ ڀيرا نہ پر سؤ ڀيرا سوچيندا تہ بہ هنن ۾ ڪجهہ ڪرڻ جي همت ڪانهي. "

"تي سگهي ٿو تہ توهان درست هجين، پر جيڪڏهن هنن ڪجهہ ڪيو تہ توهان ڇا ڪنديئن!؟"

هن چاهيو پئي تہ ڏسان تہ چنتل جو ان تي ڇا ردعمل هو.

"مان ان سوال جو جواب نہ ٿي ڏيڻ چاهيان. " ان هوندي بہ جو هوءَ چاڻي پئي تہ هوءَ ڇا ڪندي، "مان رڳو ايترو چونديس تہ شيطاني ڪم ڪڏهن بہ چڱو ٿي نہ ٿو سگهي. "

هوٽل جي مالڪياڻيءَ جيتوٽيڪ ساٿس ان ڳالهہ ۾ سخت اختلاف پئي رکيو، پر هن نہ پئي چاهيو تہ سندن اها گفتگو دشمنيءَ جو روپ اختيار ڪري وڃي ۽ اڳتي هلي ڪو مسئلو پيدا ڪري وجهي. تنهنڪري هوءَ هوٽل جي حساب ڪتاب ڏاهڻ جو بهانو ڪري پرائم چنتل کي اڪيلو ڇڏي هلي وئي.

☆☆☆

پادري ضروري ڪمن کان فارغ ٿي گرجا جي هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويهي رهيو ۽ ميئر جو انتظار ڪرڻ لڳو، جيڪو ٿوري دير ۾ اچڻو هو.

ڪلاڪ ڪن پهرين هن پنهنجو پاڻ کي قربانيءَ لاءِ پيش ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي هئي ۽ هاڻي هو اهو سوچي رهيو هو تہ ڇا سندس اهو فيصلو ٺيڪ هو يا نہ!؟

کيس معلوم هو تہ وسڪاس جا ماڻهو ڪڏهن بہ گهڻا مذهبي نہ رهيا هئا. جيتوٽيڪ هتي جي ڪيترن ئي بزرگ هستين هتان جي ماڻهن جي قسمت بدلائڻ لاءِ گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون هيون، پر ماڻهن ڪنهن کي بہ ياد نہ ٿي ڪيو. بس هنن کي ياد هو تہ رڳو احاب ، جنهن ڪين سندن صدين پراڻين روايتن تي هلڻ لاءِ زور ڀريو هو. تنهنڪري پادريءَ سوچيو تہ سندس اهو فيصلو ان حوالي سان درست هو تہ سندس قربانيءَ سان ماڻهن ۾ مذهب لاءِ هڪ چاهہ پيدا ٿئي ها تہ هڪ مذهبي رهنما سندن لاءِ پنهنجي سر جو نذرانو ڏنو. ان قربانيءَ سان ماڻهن ۾ گرجا جي لاءِ پناهگاهہ جو احساس پيدا ٿئي ها، ۽ ايئن وسڪاس ڳوٺ هڪ مذهبي ڳوٺ بنجي سگهي ها.

پادري اهڙن ويچارن ۾ گم هو تہ ايتري ۾ ميئر بہ اچي پهتو.

" اي مقدس پيءُ! مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ مونکي ڇا ڪرڻو آهي؟ "

پوءِ هتان نڪري وڃڻ جو چيو وڃي. "
"اسانکي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ سندس آڇ کي قبول ڪريون يانہ!؟ " ميئر جي زال گفتگو جاري رکندي چيو.
"جو نٽو فيصلو ٿئي، مون پڌو آهي تہ اڄ پادريءَ ان باري ۾ وضاحت ڪندي هڪ عجيب نقطو اٿاريو آهي تہ ڪيئن هڪ ماڻهوءَ جي قربانيءَ سان انسانذات بچي سگهي ٿي. ڇا اهو غلط نہ ٿيندو تہ ڳوٺ جا ماڻهو، اجنبيءَ جي آڇ کي هڪ روحاني مسئلو سمجهي قبول ڪن. "
"تون ڪڏهن بہ سنجيده ڪونہ ٿينديئن. "
"مان سنجيده آهيان، پر اوهان سنجيده ڪونہ آهيو، جو منهنجين اکين تي پٽي ٻڌي رهيون آهيو. "
ٻنهي عورتن سوچيو تہ جيترو جلد ٿي سگهي، هتان نڪري وڃجي. شايد برٽا کي سندن منصوبي جي خبر پئجي وئي آهي.
"ڇڏيو ان بحث کي، پلا ٻڌايو مان اوهانجي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿي، جو پهرين ڪڏهن بہ اهڙي بيگاه وقت اوهان مون وٽ ڪونہ آيون آهيو. "
"ٻہ ڏينهن پهرين مس پريم چنتل ٻڌايو هو تہ هن هڪ چتي بگهڙ جون اونايون ٻڌيون آهن. تنهنڪري اسان سوچيو تہ اوهانجي خبرچار لهي اچون. " هوٽل جي مالڪياڻيءَ وضاحت ڪئي.
"هتي سڀڪجهہ نيڪ آهي. مان ميز تي وڃائڻ لاءِ ڪپڙو ناهڻ ۾ مصروف هيس. مونکي اها بہ پڪ ڪانهي تہ مان اهو پورو ڪري سگهنديس يا نہ. ڪهڙي خبر تہ سڀاڻي مري وڃان. "
ٿوري دير لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي.
"اهو صحيح آهي تہ ڪراڙو ماڻهو ڪهڙي وقت بہ مري سگهي ٿو. پر موت تہ هر ڪنهن جي مقدر ۾ آهي. " ڳالهين کي صحيح رخ تي موڙڻ جي ڪوشش ڪندي هوٽل جي مالڪياڻيءَ چيو. "ان ۾ عمر جو ڪوبہ دخل ڪونهي. اهو وقت تہ ڪنهن جي مٿان بہ اچي سگهي ٿو. "
"ٿي سگهي ٿو تہ تون درست هجين. سياڻ ڪنهن ڏني آهي، پر مان اهو چوندي ڊرو بہ نہ ٿي هٻڪان تہ اڄ منهنجي ذهن ۾ صرف اهڙيون ڳالهيون پيون ڦرن. "
"ڇا ان جو ڪو خاص سبب آهي؟ "
"ڇا تون سمجهين ٿي تہ ڪو خاص سبب هوندو؟ "
هوٽل مالڪياڻيءَ چاهيو تہ موضوع کي تبديل ڪجي ۽ اها ڪوشش ڪيس گهڻي احتياط سان ڪرڻي هئي. ٻيو تہ شهر جي چوواٽي تي ٿيندڙ گڏجاڻيءَ ۾ بہ

گهڻو وقت زنده رهڻ چاهيان ٿي. "

برنا اٿي ۽ در کوليائين. پنهي عورتن کيس خدا حافظ چيو. چوڪ تي اچا گڏجاڻي شروع ڪانه ٿي هئي.

"مان اوهانجي شڪر گذار آهيان جو اوهان منهنجي خيريت پڇڻ لاءِ مون وٽ کهي آئيون. مان هاڻي پنهنجو ڪم بند ڪري ۽ سمهڻ جي تياري ٿي ڪريان ۽ اوهانکي سچ ٻڌايان ته مان چتي بگهڙ ۾ يقين رکان ٿي. توهان ٻئي چڻيون مونکان ننڍيون آهيو. چا توهان منهنجي خبرچار لهنديون رهنديون ته جيئن بگهڙ منهنجي در تي نه اچي. "

ٻنهي عورتن راضي ٿيندي کيس خدا حافظ چيو ۽ برنا در بند ڪري ڇڏيو.

"هوءَ سڀ ڪجهه چاڻي ٿي. " هوٽل جي مالڪياڻيءَ پڻ پڻ ڪئي، "ڪنهن هن کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. چا تو هن جي لهجي مان نه سمجهيڙ هن کي معلوم هو ته اسين هن تي نظر رکڻ لاءِ موڪليون ويون آهيون. "

ميئر جي زال گهبرائجي وئي، "پر هن کي خبر ڪيئن پئي! ڪو ماڻهو اهڙو به چريو ڪونه ٿيندو جو کيس اڳواٽ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي. "

"مونکي هوءَ واقعي ڏائڻ ٿي لڳي، چا تو کي نه لڳو ته جڏهن اسان هن سان ڳالهايو پئي ته گرم هوا پئي هلي. "

"جيتوڻيڪ دريون به بند هيون! "

ٻنهي عورتن جون دليون ساڳيءَ رفتار سان ڌڙڪڻ لڳيون. جيڪڏهن برنا واقعي ڏائڻ آهي ته پوءِ سندس موت، ڳوٺ کي بچائڻ جي بدران تباهه ڪري ڇڏيندو.

برنا بتي بند ڪري دريءَ مان ٻنهي عورتن کي گهٽيءَ جي آخري چيڙي تائين ويندي ڏسندي رهي. هن نه پئي چاتو ته هوءَ کلي يا روئي يا خاموشيءَ سان پنهنجي قسمت قبولي، چو ته کيس پڪ ٿي وئي هئي ته هن کي ئي موت جو نشانو بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

☆☆☆

"مون اڳين گڏجاڻيءَ ۾ قرباني ڪرڻ تي زور ڏنو هو. " پادريءَ چيو، "هاڻي هن چوُواٽي تي بيهي مان توهانکي حڪم ٿو ڪريان ته شهيد ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. "

هڪ هلڪي بلب جي روشنيءَ چوواٽي کي روشن ڪري رهي هئي، جيڪو هڪ گهٽيءَ ۾ لڳل اسٽريٽ لائٽ ۾ لڳل هو. اليڪشن کان پهرين ته ميئر ڏاڍا واعدا ڪيا هئا ته هو اليڪشن کٽڻ کان پوءِ سيني گهٽين کي روشن ڪندو ، پر اليڪشن کانپوءِ هو اهو واعدو وساري ويٺو هو.

هاري ۽ مزدور ان ڳٽيءَ ۾ هئا ته

چونديو ويو هو. هوءَ مڙس جي مرڻ کانپوءِ ڏاڍي ويڳاڻي ٿي وئي هئي. هوءَ ڪراڙي به ٿي چڪي هئي. هن جو هتي ڪوبه مائٽ مٽ به ڪونه هو . لڳو ٿي ته هو آهستي آهستي چري ٿيندي پئي وڃي جو سج اڀرندي کان وٺي سج لٿي تائين در جي ٻاهران ويهي وقت گذاريو ڇڏي. تنهنڪري ڳوٺ جي سڌاريي ۾ سندس ڪوبه ڪردار ڪونهي ۽ کيس مارڻ سان ڪو خاص فرق نه پوندو. "

ان راءِ جي خلاف ڪنهن به شخص ڪو آواز ڪونه اٿاريو. ميئر خوش هو ته ماڻهن سندس راءِ کي قبول ڪيو آهي، پر پادريءَ سمجهيو ٿي ته ماڻهن جي خاموشيءَ جو ٻيو به مطلب ٿي سگهي ٿو. ماڻهو ان راءِ سان متفق به ٿي سگهن ٿا ته مخالف به. ٻي ڳالهه ته جلدي ڪنهن فيصلي تي پهچڻ جي سلسلي ۾ ماڻهو لاچار هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو دلي طرح متفق نه هوندو ته پوءِ ڪجهه وقت کانپوءِ هو پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ ڪندو ته مون چو ان جي حق ۾ خاموشي اختيار ڪئي. انهين ڳالهين ڪري آخري نتيجو خراب به نڪري سگهي ٿو.

" هر ماڻهوءَ جو ان راءِ سان متفق هجڻ لازمي آهي." پادريءَ ڳالهايو. "مان چاهيان ٿو ته هر ماڻهو ڏاڍيان آواز ۾ پنهنجي متفق هجڻ يا نه هجڻ جو اعلان ڪري. "

سڀ ڪان پهرين لوهار رڙ ڪري هائوڪار ڪئي. ميئر سوچيو ته هو چو پوئتي رهجي وڃي. تنهنڪري هن وري، ان کان به وڏي آواز ۾ هاڪار ڪئي. پوءِ اتي موجود هر ماڻهوءَ ان راءِ سان سهمت ڏيکاريندي وڏي واڪي رضامنديءَ جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجهه ماڻهن ان ڪري به جلدي ڪئي جو هنن چاهيو پئي ته گڏجاڻي جلدي ختم ٿئي ته جيئن هو جلدي گهر وڃي آرامي ٿين.

هڪ سؤ اٺ عورتون ۽ هڪ سؤ ٽيهتر مرد هن ڳوٺ ۾ رهن ٿا. " پادريءَ گفتگو جاري رکندي چيو، " هن ڳوٺ جي روايتن موجب هر رهواسي شڪار ضرور سکندو آهي، تنهنڪري هر رهاڪوءَ وٽ هڪ بندوق ضرور هوندي آهي . مان چاهيان ٿو ته سڀاڻي صبح جو اهي قربان گاهه ۾ پنهنجيون بندوقون گڏ ڪٺي اچن ۽ سندن بندوقن ۾ صرف هڪ گولي هجي. مان ميئر کي عرض ڪندس ته جيڪڏهن هو چاهي ٿو ته ڪنهن وٽ به بندوقون پڻ آهنَ ته پوءِ اهو ماڻهو اها ٻي بندوق مون لاءِ ڪٺي اچي. "

"اسان پنهنجا هٿيار ڪنهن ٻئي جي حوالي نه ڪندا آهيون. " هڪ شڪاري

"پلاڻا قرباني ڪٿي ڪئي ويندي؟
" زميندار، پادريءَ کي مخاطب ٿيندي پڇيو. ميئر وري محسوس ڪيو تہ ڳوٺ جو ميئر پاڻ هو، ان ڪري ان ڳالهہ جي فيصلي ڪرڻ جو حق سندس هو. جيڪو پادري هن کان کسي رهيو هو. تنهنڪري هن حق واپس وٺڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "مان ئي واحد فرد آهيان، جيڪو ان ڳالهہ جو فيصلو ڪندو " ائين چئي هن تيز نگاهہ زميندار تي وجهندي چيو، "مان نہ ٿو چاهيان تہ وسڪاس جي ڌرتيءَ رت سان رنگجي. اسان اها قرباني، سپاٽي، هن ئي وقت، پنهنجي روايتي انداز ۾ "مون لٽ" جبل تي ڪنداسين. اوهان کي گذارش آهي تہ اوهان پاڻ سان لالٽين وغيره ساڻ کڻي اچجوءِ تہ جيئن هر ماڻهو چٽيءَ طرح اها ڪاروائي ڏسي سگهي. "

پادري ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ گڏجاڻي ختم ڪئي وئي. وسڪاس جي عورتن وري مردن جي قدمن جا آواز گهٽين ۾ ٻڌا.

ميئر جڏهن پنهنجي زال سان مليو تہ هن ڪيس برٽا سان ملاقات واري ساري حقيقت ٻڌائي. پادري واپس وڃي گرجا ۾ وينو ۽ سڄي رات عبادت ڪندي گذاريائين.

☆☆☆

پرائمر چنتل هڪ ڏينهن اڳ واري مانيءَ سان ناشتو ڪيو، ڇو تہ هن آچر جي ڏينهن بيڪريءَ واري گاڏي ڳوٺ ۾ ڪونہ ايندي هئي. هن دريءَ کان ٻاهر ڏٺو تہ ڳوٺ جو هر ماڻهو پنهنجي گهر کان ٻاهر پئي نڪتو ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ هٿيار هو . اهو ڏسي هن ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي مرڻ لاءِ تيار ڪري ورتو، ڇو تہ هن لاءِ اجا بہ اهو ممڪن هو تہ ڪيس قربانيءَ لاءِ چونڊيو ويو هجي. پر ڪافي وقت گذرڻ جي باوجود سندس در ڪنهن بہ نہ کڙڪايو.

هوءَ پنهنجي گهر مان نڪري هوٽل طرف رواني ٿي. جتي ڪيس هوٽل جي مالڪياڻيءَ سڄي حقيقت ٻڌائي، جيڪا رات جو مردن جي گڏجاڻيءَ ۾ ٿي گذري هئي.

"مان هڪ ڳالهہ توسان ڪرڻ چاهيان ٿي تہ هڪ ڏينهن ڳوٺ وارا تسليم ڪندا تہ تو ڳوٺ لاءِ واقعي نيڪ ڪيو آهي. "

"پر اجنبيءَ چيو هو تہ هو اسانکي پهرين سون ڏيکاريندو . " چنتل ان ڳالهہ تي زور ڀريندي چيو.

"بلڪل نيڪ، هو هينئر هڪ خالي ٿيلهو کڻي ٻاهر نڪتو آهي. "

چنتل سوچيو تہ اڄ ڪيس جهنگ طرف نہ وڃڻ گهرجي، ڇو تہ ان جو مطلب

آهن، انهيءَ عرضي ۾ تنهنجي سياٽپ ۾ ڪافي واڌارو ٿيو آهي. "

" ڪو وقت اهڙو بہ هو جڏهن ڳوٺ جو هر ڪو ماڻهو مونکان نفرت ڪندو هو ۽ مون تي ٺٺوليون ڪندو هو، پر هاڻي هر ڪنهن کي اڃي منهنجي فڪر ورايو آهي. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي فادر. گذريل رات هوٽل جي مالڪياڻي ۽ ميئر جي زال مون وٽ آيون ۽ اچي منهنجي خيريت دريافت ڪرڻ لڳيون، ۽ هاڻي وري ڳوٺ جو پادري منهنجي سامهون ويٺو آهي. مان ايترو جلد ڪيئن سيني لاءِ اهم بڻجي وئي آهيان!؟"

"ان ڪان بہ وڌيڪ! " پادريءَ جواب ڏنو، "تون ڳوٺ جي سڀ ڪان اهم شخصيت آهين. "

"ڇا توهان سمجهو ٿا تہ مون وٽ پئسا اچي ويا آهن يا ڪا ٻي ڳالهہ آهي. "

"تنهنجي ڪري هن ڳوٺ وارن کي سون جون ڏهہ شيخون ملنديون، جنهن ڪري ايندڙ نسلن تائين هن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيندڙ ماڻهو، عورتون ۽ ٻار تنهنجا شڪر گذار رهندا ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ تنهنجي اعزاز ۾ هو تنهنجو مجسمو ٺاهين ۽ ڳوٺ ۾ کوڙين. "

"مان پنهنجي مجسمي جي بجاءِ پاڻيءَ جي آبشار کي اوليت ڏينديس، ڇو تہ ان سان ماڻهن جي اڄ اڄهامي سگهي ٿي. "

"بلڪل، تون جيئن چئين ٿي. ايئن ئي ٿيندو. هتي پاڻيءَ جو آبشار ئي ٺاهيو ويندو، اهو منهنجو توسان واعدو آهي. "

برٽا سوچيو هاڻي وقت آهي ڳالهين کي سهيڙڻ جو، تنهنڪري سڌو موضوع تي ڳالهائجي، "مان سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿي فادر تہ توهان هڪ معصوم عورت کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا، جيڪا پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ ويڙهہ نہ ٿي ڪري سگهي. منهنجي توهان کي بددعا آهي تہ خدا توکي، هن ڳوٺ ۽ ان ۾ رهندڙ سيني ماڻهن کي تباهہ ۽ برباد ڪري "

"حقيقت ۾ تباهي ٿي چڪي آهي. " پادريءَ چيو، "ويهن سالن کان مون ڪوشش ڪئي تہ مان هن ڳوٺ کي بچايان، پر ڪنهن بہ منهنجي آواز تي ڪن نہ ڌريا. انهن ئي ويهن سالن دوران مون ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن جي دلين ۾ چڱائي پيدا ڪريان، پر مون کي ناڪام ٿيڻو پيو. هاڻ مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ خدا مونکي چونڊيو آهي تہ مان ماڻهن کي شيطان جي موجودگيءَ جو احساس ڏياريان تہ جيئن ماڻهن ۾ خوف پيدا ٿئي ۽ هو خدا ڏانهن راغب ٿي وڃن. "

برٽا چاهيو تہ هوءَ رڙيون ڪري، پر

ڇائي ۽ اتي ئي پنهنجي پياري زمين مٿان ڌرتيءَ تي مري رهي هئي. ان هوندي به ته سندس ڳوٺ لاءِ پيار کي نه سمجهيو ويو هو.

هوءَ پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڏهن ڪانه وئي هئي. هوءَ بس سمجهندي هئي ته جيئن ڳوٺ جو وهنوار هلي ٿو، تيئن ئي دنيا ۾ ٿيندو هوندو. هن کي مڙس جي جدائيءَ جو سدائين ڏک رهيو.

هن کي رڳو هڪڙو افسوس هو ته هن پوريءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن به سمنڊ ڪونه ڏٺو هو. هن ٻڌو هو ته اهو تمام وشال ٿيندو آهي، پر اهو هوءَ ڪڏهن به ڪونه ڏسي سگهي ۽ نه ان جو کارو پاڻي چکي سگهي.

هن طرح هيءَ دنيا ڇڏڻ تي هوءَ تمام گهڻي اداس هئي. هن ان تي نه پئي سوچڻ چاهيو ته هوءَ قربان ٿي رهي هئي.

"مان تو سان نيڪي ۽ بديءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ چاهيان ٿو. " هن ٻڌو، ڪوئي کيس چئي رهيو هو.

"هاڻي اهڙين ڳالهين جي ڪابه ضرورت ڪانهي. توهان نه ڏا چاٿو ته چڱائي ڇا آهي. توهانکي شيطان زهر ڏنو آهي ۽ هاڻي توهان ساڳيو زهر دنيا ۾ ڦهلائي رهيا آهيو. توهان به ان اجنبيءَ کان مختلف ناهيو، جيڪو هتي آيل آهي ۽ اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو اٿس. "

هن جو آواز تمام جهيڻو ٿي ويو هو. سندس لفظ مشڪل سان پئي سمجهه ۾ آيا. اهو چئي هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هوءَ بيهوش ٿي ويو.

☆☆☆

اجنبي هوٽل جي ڪمري واري غسل خاني ۾ ويو. چڱيءَ طرح سون جون شيخون ڌوئي صاف ڪيائين ۽ واپس پنهنجي پراڻي ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيائين. ٻن ڏينهن کانپوءِ کيس هتان وڃڻو هو ۽ هاڻي هو هن سچي ڊرامي جي آخري سين طرف وڌي رهيو هو ۽ هيءَ ڇڻ هن ڊرامي جي آخري سين هو.

هن هر شيءِ جي وڏي خبرداريءَ سان منصوبه بندي ڪئي هئي.

اجنبي پهرين هن ۾ ڳوٺ ۾ دوست ٺاهيا ۽ پوءِ انهن ۾ خطرو ۽ بحران پيدا ڪيائين. جهڙيءَ طرح هن جي خيال ۾ هن سان خدا ڪيو، هيءُ به اها ڳالهه ساڳيءَ طرح ٻين سان ڪري رهيو هو.

ڪنهن ماڻهوءَ در ڪڙڪايو، اها هوٽل جي مالڪياڻي هئي، جيڪا چئي رهي هئي، "اچو ته هلون. هلڻ جو وقت ٿي ويو آهي. "

مارڻ جو حڪم ڏئي رهيو آهين. تون هڪ غير ذميدار ماڻهو آهين. "

ميئر هن ڏانهن اِڪتي وڏن جي ڪوشش ڪئي، پر ٻن مردن ڪيس روڪي ورتو. "اسين ٻڌڻ ٿا چاهيون تہ هيءَ ڇوڪري ڇا ٿي چوي . " هڪ آواز ميڙ منجهان اڀريو.

"ڏهن منٽن سان ڪو بہ فرق ڪونہ پوندو. "

ڏهن يا پنجن منٽن ۾ گهڻو فرق پئجي سگهي ٿو، اتي موجود مردن توڙي عورتن اهو ڇاتو پئي. اهي جيئن جيئن معاملي تي غور ڪري رهيا هئا، تيئن تيئن سندن اندر جو ڊپ وڌي رهيو هو ۽ هنن جي اندر ۾ ڏوهي هئڻ جو احساس وڌندو پئي ويو. شرم جي احساس ڪري سندن بندوقن ۾ پيل هٿ ڏڪڻ لڳا هئا ۽ اهي سوچي رهيا هئا تہ هنن ڪي ڪو بهانو ملي تہ جيئن هو اتان بنا برنا کي قتل ڪرڻ جي ، پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي سگهن. ٿوريءَ دير پهرين هر ماڻهو بندوق هٿ ۾ ڪٺي اهو سوچي رهيو هو تہ سندس بندوق ۾ خالي گولي پيل هئي، بس هن کي مڙئي حڪم مڃي جان ڇڏائڻي هئي، پر هاڻي هنن کي ائين پئي لڳو تہ سندن ئي بندوق ۾ اصلي گولي پيل هئي ۽ پوءِ ڪراڙي برنا جو پوٽ، جيڪو يقينن ڏائڻ جي روپ ۾ هوندو، واپس اچي ڪين رات جو شڪار ڪندو.

"پنج منٽ. " ميئر رڙ ڪري چيو. سندس اها ڪوشش هئي تہ ماڻهو ائين سمجهن تہ ان ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ فيصلي جو اختيار هن وٽ هو. جڏهن تہ ڳوٺ وارن ڄاتو پئي تہ مس پرائمر چنتل ئي سيني تي پنهنجو حڪم هلائي رهي هئي.

"مان جيتري دير چاهينديس، ڳالهائيندس. " اهو چئي پرائمر چنتل اهڙي جوش سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، جو ڳوٺ وارن ڪڏهن بہ ڪنهن عورت کي اڳ ائين ڳالهائيندي نہ ڏٺو هو. "مان ڳالهہ کي هروڀرو ڊيگهہ ڪونہ ڏينديس. هتي جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان تي مونکي ڏاڍو افسوس ٿي رهيو آهي ۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ عظيم هيرو احاب جي دور ۾ ڪجهہ ماڻهو اسانجي ڳوٺ ۾ آيا هئا. انهن پاڻ کي ڪيمياداان پئي سڏيو ۽ دعويٰ ڪئي هئائون تہ هنن وٽ اهڙو پائوڊر هو، جيڪو ڌاتوءَ کي سون ۾ تبديل ڪري سگهيو ٿي ۽ انهن مان هڪ پاڻ کي سچو ثابت بہ ڪري ڏيکاريو. پر احاب ان کي مارڻ جو حڪم ڏنو. اڄ اوهان پڻ ساڳي لالچ جو مظاهرو رهيا آهيو، جو ڌاتوءَ کي رت ۾

پي سگهون ٿا. اهو اصل ۾ پئسو ٿي آهي، جنهن کي قدر آهي.ها البت اسان ان سون کي پئسن ۾ تبديل ڪري سگهون ٿا.
"

"اسين ٻن مان هڪ ڪم ڪري سگهون ٿا. اسين لوهار کي چئي انهيءَ سون جا 280 هڪ جيترا ٽڪرا ڪري ڳوٺ جي هر ماڻهوءَ کي هڪ ٽڪرو ڏيون ۽ توهان مان هرڪو وڃي جڏهن شهر ۾ انهن کي پئسن ۾ مٽائڻ چاهيندو، ته اتي جي انتظاميہ کي اهو معلوم ٿيندو ته وسڪاس ڳوٺ جي هر ماڻهوءَ وٽ سون آهي ته پوءِ ڪين شڪ پوندو ته اسان جي ڳوٺ ۾ ضرور ڪا گڙٻڙ آهي. اهي ان ڳالهہ جي جانچ ڪرڻ لاءِ ايندا ۽ اسان کان ان بابت پڇندا ته اسان وٽ ته پهرين ايترو سون ڪونہ هو، هينئر ڪٿان آيو هو؟ اسان چونداسين ته اهو اسانکي ڳوٺ جي پراڻن کنڊرن جي کوٽائيءَ مان مليو آهي ته بہ اهي يقين ڪو نہ ڪندا، ڇو ته جيڪڏهن پراڻي دور ۾ ايترو سون هجي ها ته پوءِ ڳوٺ ۾ ڪي وڏا محل نهيل هجن ها ۽ هتي جا نظارا ئي ٻيا هجن ها. "

"تون هڪ جاهل عورت آهين. "

هوٽل جي مالڪياڻيءَ چيس، "اسان سون ڏٺو آهي ته اهو بلڪل اصلي آهي. ان تي سرڪاري مهر ۽ تاريخ لکيل آهي. اسين ان کي ڪنهن بہ بئنڪ ۾ وڃي پئسن ۾ تبديل ڪرائي سگهون ٿا. "

"اهو ٻيو طريقو آهي. جيڪڏهن ميئر سون جا سمورا ٽڪرا ڪٺي بئنڪ ۾ وڃي ٿو ته بينڪ وارا بہ هن کان اهو ساڳيو سوال پڇندا ته وٽس اهو سون ڪٿان آيو هو ۽ گڏوگڏ انهيءَ سون جي خريدڻ جا ڪاغر پڻ گهرندس. ميئر چوندو ته اهي هن وٽ نہ آهن، پر جيئن سندس زال چوي ٿي ته، هو بينڪ وارن کي چوندو ته سون تي سرڪاري مهر ۽ تاريخ لکيل آهي. پوءِ بينڪ وارا ان لاءِ ڪجهہ وقت گهرندس ته جيئن هو ايتري وڏي رقم جو بندوبست ڪري سگهن. بئنڪ وارا پنهنجي شهر جي مک افيس سان رابطو ڪندا ۽ ميئر کي چوندا تہ ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪري ته جيئن اهي سون جي اصليت جي جاچ ڪري وٺن. جڏهن هو سون جي اصلي هئڻ جي جاچ ڪندا ته ڇا ٿا سمجهو ته هو کهڙو اندازو لڳائيندا ته شايد سون ڪٿان چوري ڪيو ويو آهي. ڇا اهو ڪنهن کان ڦريو ويو آهي!؟ "

هر ماڻهو اجنبيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو، جيڪو خاموش هو.

"هن کان ڪابہ ڳالهہ پڇڻ جي ضرورت

مڙئي جند ڇڏائڻ لاءِ چيو. ڪيس خبر هئي تہ ايئن ڪڏهن بہ ٿي نہ ٿو سگهي.

ايتري ۾ هڪ ماڻهوءَ پنهنجي بندوق مان گولي ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪئي، ۽ بندوق کي واپس ڪلهي تي چاڙهي ڇڏيائين.

"مون تي ڀروسو ڪريو. " ميٽر رڙ ڪئي، "چڱو ڀريون فائر مان ٿو ڪريان.
"

پر اتي موجود ماڻهن پنهنجين پنهنجين بندوقن مان گوليون ڪڍي ڦٽيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون.. چوطرف بندوقن مان گولين ڪڍڻ جا آواز اچي رهيا هئا ۽ تقريبن سڀ بندوقون خالي ٿي ويون. بس رڳو ميٽر ۽ پادريءَ جي هٿ ۾ ڀريل بندوقون هيون، ۽ انهن مان هڪڙو مس پريم چنتل جو نشانو چٽي بيٺو هو تہ ٻيو برنا جو.

ماڻهن منجهان ان ڳوٺ جو واڏو اڳتي وڌيو ۽ ٻنهي ڄڻن کان سندن بندوقون ڦري ورتائين. ميٽر ايڏو بہ ڇريو ڪونہ هو جو هروڀرو جذبات ۾ اچي گولي هلائي ها. اها خالص انتقامي ڪارروائي سمجهي وڃي ها ۽ ڪيس جيل جي سزا ملي سگهي ها. پادريءَ کي تہ هٿيار هلائڻ جو ڪو بہ تجربو نہ هو. تنهنڪري هن ان ڊپ ڪري بہ گولي نہ هلائي تہ متان اها خطا ٿي وڃي.

مس پريم چنتل درست هئي تہ ٻين ماڻهن تي اعتبار ڪرڻ ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي ۽ ان ڳالھ جو هاڻي سڀني ماڻهن کي بہ احساس ٿي چڪو هو.

ٿوري ئي دير ۾ سڀئي ماڻهو جبل تان لهي پنهنجي گهر وڃڻ لڳا. اهي پاڻ ۾ روزمره جون عام ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ۽ ڪَنُوڪَڏ اهو سوچي رهيا هئا تہ هي هفتو سندن زندگين ۾ هڪ خوفناڪ خواب وانگر آيو هو.

☆☆☆

ان جاءِ تي فقط ٽي ماڻهو ۽ ٻہ ٽارچون رهجي ويون. انهن مان هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيو برنا بيهوش پئي هئي.

"اهو آهي ڳوٺ ۽ سون جو قصو! " اجنبيءَ، پرائم چنتل کي چيو. "ائين ٿو لڳي تہ آخر ۾ نہ مون کي پنهنجو سون مليو ۽ نہ وري پنهنجي سوال جو جواب. "

" اها اڪيلي سون جي پوريل شيخ ڳوٺ وارن جو نہ پر منهنجي آهي. تون مون سان ان وقت تائين گڏ هوندين، جيسيتائين مان ان کي وڪڻي نہ ٿي ڇڏيان. "

" چا تون سمجهين ٿي، مان اهو ئي ڪندس، جيڪو تو سوچيو آهي.تو کي

پنهنجي جهونپڙي ڇڏي هتي اچي اسان سان گڏ رهي پئه ته ڇا سون کي ڏسي تنهنجي نيت ۾ فرق نه ايندو يا تون بس نظر بچائي پاسي ڦيرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين؟"

"بلڪل نه. اهو منهنجي لاءِ ممڪن نه هوندو. پر مان مان پنهنجي اندر جي اٿندڙ جذبن مٿان قابو ضرور پائي سگهان ٿو. جيڪي مون کي غلط رستن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪن. " ساون ساڳيو جواب ڏنس.

"احاب تيون سوال ڪيس،" جيڪڏهن ڪٿي توکي به پائر ملي وڃن. جن مان هڪڙو توکان نفرت ڪندو هجي ۽ جڏهن ته بيو پاءِ توکي هڪ بزرگ سمجهندو هجي ته ڇا تون ٻنهي سان ساڳيو ورتاءُ ڪري سگهندين؟ "

"اهو لڳي ته ڏاڍو مشڪل ٿو. پر مان سمجهان ٿو ته مان پنهنجي مٿان چڱيءَ ريت ضابطو رکي سگهان ٿو ۽ ان ڳالهه ۾ ڪامياب ٿي ويندس ته انهن ٻنهي سان ساڳي ئي ريت پيش اچان . "

چنتل ٿوري دير لاءِ ترسي ۽ اجنبيءَ کي چيائين. "چيو وڃي ٿو ته هي اها ئي گفتگو هئي، جنهن ڪانپوءِ احاب جو عيسائيت طرف لاڙو ٿيو. "

اجنبيءَ کي احاب ۽ بزرگ جو قصو چنتل کان وڌيڪ سمجهڻ جي ضرورت نه هئي. ڇو ته هو ڇاٽي ڇڪو هو ته ساون ۽ احاب جي اندر به ساڳي ئي صورتحال هئي. ٻنهيءَ جي اندر نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش اهڙي نموني هلي رهي هئي، جيئن دنيا ۾ موجود هر انسان جي اندر هلي پئي.انهن ڳالهين کان پوءِ احاب اها ڳالهه پروڙي ورتي ته هو خود ۽ ساون اندر ۾ هڪجهڙا هئا، نه ڪو وڌيڪ نيڪ هو، ۽ نه وري وڌيڪ بد. ٻئي هڪ شيءِ هئا، صرف چهرا بدليل هئن.

صرف مامرو پنهنجي نفس مٿان ضابطو حاصل ڪرڻ جو هو. ڳالهه نه ان کان ذرو وڌيڪ هئي ۽ نه وري ڪو ذرو گهٽ. "

☆☆☆

چنتل آخري پيرو انهيءَ واديءَ، جبلن ۽ وڻن ڏانهن نهاريو.جن کي هوءَ نئين کان ڏسندي آئي هئي. ان وقت ڪيس ان علائقي جي صاف پاڻيءَ، تازين ڀاڃين، ديسي شراب جو ذائقو پنهنجي زبان مٿان محسوس ٿي رهيو هو.

هوءَ صرف برٽا کي خدا حافظ چوڻ لاءِ واپس وري هئي. ڪيس عام رواجي